# شاهه جي ٻولي

سنڌي ڪتاب گهر ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهه جي ٻولي

ليکڪ

آفتاب ابڙو

ڇپائيندڙ

سنڌي ڪتاب گهر، ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا محفوظ

ڇاپو - ڦيبروري ١٩٩٠
ڳاڻيٽو - هڪ هزار

قيمت        رپيا

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ
يونيورسل ڪمپيوٽر ڪمپوزرس- ڪراچي
ڊاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

هي ڪتاب مظهر يوسف ، سنڌي ڪتاب گهر ڪراچي پاران
پرنٽنگ پريس ڪراچي مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب!

محترم استاد ۽ منهنجي ماڻهو ڊاڪٽر نواز علي شوق
جي نالي. جنهن وقت جي ضرورت کي
محسوس ڪندي. لغات،لسانيات ۽ لطيفيات
سان لڳاءُ لڳرائي.

- آفتاب ابڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


ناشر پاران

ٻه اکر — سيد غلام مصطفيٰ شاهه

ليکڪ پاران

مقدمو — ڊاڪٽر نواز علي شوق

باب پهريون
## سنڌي ٻولي.
(i) تاريخ ۽ اصليت.
(ii) مختلف نظريا.
(iii) مختلف لهجا.
(iv) لساني خوبيون

باب ٻيو:
## شاهه جي دور کان اڳ جي ٻولي.

باب ٽيون:
## شاهه جي دؤر جي ٻولي.
لساني ۽ لغوي خصوصيتون.

باب چوٿون:
## شاهه جي ٻولي.
ٻوليءَ جي معيار ۽ خوبيون.

باب پنجون:
## شاهه جي ڪلام تي ٻين ٻولين جو اثر.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشر پاران

ڪوشش اها رهي آهي تہ سنڌ ڌرتي جي شاندار تهذيبي روايتن، اَملهہ ثقافتي ورثن ۽ ڪلاسيڪي فڪري بنيادن کي، اڄ جي جديد دؤر جي تقاضا مطابق اجاگر ڪجي، جيتوڻيڪ اهو ڪم ڪنهن مستحڪم اداري جو آهي، پر پنهنجي تاريخي ذميواري محسوس ڪندي، حال سارو پاڻ پتوڙي رهيا آهيون.

ان سلسلي جي پهرين ڪڙيءَ طور "شاهہ عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي" جو بنياد وڌو ويو، جنهن جو روح روان سيد غلام مصطفيٰ شاهہ آهي ۽ ان سوسائٽي جي سهاري هر سال ڪراچيءَ ۾ وڏي پيماني تي شاهہ سائين جي ورسي ملهائي ويجي ٿي. سوسائٽي جي بنيادي ڪمن ۾ اهو شامل آهي تہ شاهہ سائين جي فن ۽ فڪر کي بين الاقوامي سطح تي متعارف ڪرائجي ۽ سنڌس فڪر کي جديد حالتن مطابق پيش ڪجي. ان سلسلي ۾ روشن خيال اديب ڊاڪٽر تنوير عباسي جو ڪتاب "شاهہ عبداللطيف جي شاعري" (١٩٧٦) ڇپيو ويو، جيڪو عصري تقاضائن مطابق شاهہ سائين بابت سنڌي ادب ۾ پهريون ڪتاب آهي.

'سنڌي ڪتاب گهر' بہ ان ساڳئي سلسلي جي ڪڙي طور قائم ڪيو ويو آهي. جنهن جو مقصد پڻ اهو آهي تہ شاهہ سائين تي حالتن جي گهرج مطابق سائنسي بنيادن تي ڪم ٿئي. ان سان گڏ ماضي ۾ ساڳي سطح ۽ مقصد واري ڪم کي سهڻي نموني ۾ شايع ڪري پڙهندڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين پهچائجي. هن وقت تائين اداري طرفان "شاه جون چوند وايون" ڪاڪي وطڻ مل لالواڻي جو ڪتاب 'Life, Religion and Poetry of Shah Latif' نامور اسڪالر ايچ-ٽي سارلي جو جڳ مشهور ڪتاب 'Shah Latif of Bhit' ٻيهر شايع ڪري چُڪا آهيون. ان سان گڏ شاه عبدالڪريم جو ڪلام انگريزي ترجمي سان پڻ ڇپائي چُڪا آهيون.

اهڙي طرح نوجوان محقق آفتاب ابڙي جو ڪتاب "شاه جي ٻولي" جنهن ۾ هن نوجوان سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، اصليت ۽ اسلوب سان گڏ، شاه سائين جي دؤر جي ٻوليءَ جو تفصيلي ۽ تحقيقي جائزو پيش ڪيو آهي، انکي ڇپائي رهيا آهيون.

آخر ۾ شاه صاحب جو پيغام:

جان جيئين تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري،
تتي ٿڌي هَلُ، ڪانهي ويل وهڻ جي.

– مظهر يوسف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻه اکر

اها وڏي خوشي جي ڳالهه آهي، جو اسان جا اديب ۽ نوجوان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي مختلف پهلوئن کان لکي رهيا آهن ۽ تحقيق ڪري رهيا آهن. شاهه جو ڪلام هڪ طرف عوام جي زبان آهي، ٻئي طرف سندس جذبي ۽ روح ۽ اُميدن جو ڪلام آهي. جيتوڻيڪ شاهه صاحب زياده تر لاڙي زبان استعمال ڪئي آهي، مگر سندس سمجهڻ لاءِ عربي، پارسي جو علم ضروري آهي.

"شاهه جي ٻولي"-- شاهه جي ڪلام جو لساني ۽ لغوي جائزو-- شاهه جي متعلق تحقيق ۾ وڏو اضافو آهي. شاهه کي سمجهڻ لاءِ ۽ شاهه تي لکڻ لاءِ اسانکي اُهي سڀ طريقا استعمال ڪرڻا پوندا، جيڪي شيڪسپيئر متعلق لکندڙن، سوچيندڙن ۽ تحقيق ڪندڙن دنيا جي اڳيان پيش ڪيا آهن. شاهه تي جيڪو لکيو ويو آهي، سو ٿورو آهي. شاهه تي ڪم وڏي محنت جو متقاضي آهي.

هن ڪتاب لکڻ تي آءٌ جناب آفتاب ابڙي کي مبارڪباد ڏيان ٿو. اميد ته هو ان ڏس ۾ ايجان به وڌيڪ محنت ۽ جستجو ڪندو.

مخلص

پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضرورت جو پورائو ڪيو اٿائين، پر فني لحاظ کان انهن پنهين لغات ۾ ڪافي ڪميون آهن.

انڪان پوءِ تہ هڪ قسم جي ڊوڙ شروع ٿي وئي تہ ڪير ٿو وڏو رسالو ترتيب ڏئي. نتيجو اهو نڪتو جو پرائو ڪلام بہ شاه سائين جي کاتي ۾ اچي ويو. بهرحال اهو هڪ وڏو بحث آهي.....

مٿئين موضوع تي اڄ تائين ڪو بہ ڪتاب نہ آيو آهي، انڪري ڪم جي اهميت کي محسوس ڪندي، هن ڪم کي بهرحال سرانجام ڏيڻ جو اونو رهيو. ليڪن هن موضوع تي لکڻ لاءِ جتي ٻولي جي فني ڄاڻ ۽ مطالعي جي ضرورت هئي، اتي ٻوليءَ جي ماهرن جي رهبري پڻ اهم پئي سمجهيم، انلاءِ اول سراج الحق ميمڻ صاحب جي صلاح مشوري سان ڪم جي شروعات ڪيم ۽ وقتاً فوقتاً سائنس علمي گڏجاڻيون ٿينديون رهيون. ان وچ ۾ ضرورت آهر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جناب ابراهيم جويو ڊاڪٽر نواز علي شوق سان بہ ڪچهريون ٿينديون رهيون.

ان اٿانگي ڪم ۾ سنڌي لغات جي مَهاپرش محترم جناب ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب وڏو ساٿ ڏنو. مختلف لغات ۽ ڪتاب مهيا ڪيا ۽ فني پيچرا ڏسيا. جيڪڏهن سندن فني تعاون ۽ رهنمائي حاصل نہ هجي ها، تہ شايد ان مشڪل ڪم ۾ هٿ نہ وجهان ها.

آخر ۾ مان پنهنجي سائين نوراحمد ميمڻ ۽ گوهر دائود پوٽي جو نهايت شڪرگذار آهيان، جن عملي تعاون ڪيو ۽ مفيد مشورا ڏنا.

-آفتاب ابڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مالامال ٿئي. آفتاب ابڙي "شاه جي ٻولي" ڪتاب لکي نهايت ئي اهم ڪم ڪيو آهي ۽ لطيفي ادب ۽ لغات ۾ اَملهه اضافو ڪيو آهي.

شاه عبداللطيف ڀٽائي جي سوانح، ڪلام ۽ پيغام تي پٽ شاه ثقافتي مرڪز ۽ ٻين اِدارن تعريف جوڳو ڪم ڪيو آهي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جيڪو ڪم ڪيو آهي، سو مڙني ڪان مٿاهون آهي. خاص طور ويجهڙائي ۾ شاه جي رسالي جو جيڪو مستندمتن (ڀاڱو پهريون) شايع ڪيو ويو آهي، تنهن ۾ ٣٥ قلمي ۽ ١٦ ڇاپي رسالن کي آڏو رکي وڏي محنت سان 'شاه جو رسالو' تيار ڪيو ويو آهي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ٻين عالمن جون ڪوششون ۽ محنتون پڻ قابل قدر آهن.

شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ شاه سائين جي سوانح، رسالي ۽ لغات تي ساراه جوڳو ڪم ڪيو آهي. پر شاه سائين جي ٻولي واري موضوع تي هن وقت تائين جيڪو ڪم ٿيو آهي، سو خاطر خواه چئي نه ٿو سگهجي. هن ڏس ۾ اسانجن عالمن ۽ اديبن کي ڪم ڪرڻ گهرجي ته جيئن هن ڪوٺ جو ڀرائو ٿي سگهي. آفتاب ابڙي پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور فائدو وٺندي سالها سال محنت ڪندي، هيءُ ڪتاب هڪ سهڻي گل جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. اميد ته ان جو هڳاءُ هند، سنڌ ۾ پکڙجي ويندو ۽ اسان جا ڀيا اديب ۽ عالم وڏيڪ گل آڻي، سنڌي زبان ۽ ادب کي هڪ سهڻو گلدستو پيش ڪندا.

هيءُ ڪتاب پنجن بابن تي مشتمل آهي. جن جو وچور هيٺين ريت آهي؛

باب پهرين ۾ 'سنڌي ٻولي' جي عنوان تحت ان جا چار ڀاڱا ڪيا ويا آهن.

i) تاريخ ۽ اصليت

ii) مختلف نظريا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

iii) مختلف لهجا

vi) لساني خوبيون

هن باب ۾ سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد تي تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي. ۽ ڇهيل ڪتابن جو تنقيدي جائزو پيش ڪندي لائق ليکڪ پنهنجي خيالن جي اپٽار ڪئي آهي، ان سان گڏ سنڌي ٻولي بابت مختلف نظرين جو جائزو ورتو ويو آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لهجن تي پڻ سير حاصل بحث ڪيو ويو آهي. آخر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي خوبين ڪي جيڪي انکي (هندستاني) نندي کنڊ جي ٻولين ۾ ممتاز ڪن ٿيون، بيان ڪيو ويو آهي.

ان مضمون ۾ مختلف عالمن ۽ اسڪالرن جا سنڌي ٻوليءَ بابت خيال به پيش ڪيا ويا آهن.

باب ٻي ۾ "شاهه لطيف کان اڳ جي سنڌي ٻولي" جو تذڪرو ڪيو ويو آهي.

هن باب جي وضاحت لاءِ هيٺين شاعرن جي ٻوليءَ تي ليکڪ پنهنجا ويچار پيش ڪيا آهن.

i) قاضي قادن

ii) شاهه ڪريم

iii) لطف الله قادري

iv) ميون عيسو

v) ميون شاهه عنات رضوي.

مٿين شاعرن جيڪا ٻولي ۽ اسلوب اختيار ڪيو آهي، جنهن کان اسانجو شاعر شاهه لطيف متاثر نظر اچي ٿو، ان بابت سنڌي لغت جي ارتقا کي سامهون رکندي بحث ڪيو ويو آهي.

باب ٽئين ۾ "شاهه جي دؤر جي ٻولي" جي عنوان تحت شاهه سائين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دؤر جي محاوري جو لساني جائزو پيش ڪندي، ٻوليءَ جون لساني ۽ لغوي خصوصيتون بيان ڪيون ويون آهن.

باب چوٿين ۾ شاهه سائين جي ٻولي جو جائزو ورتو ويو آهي. هن حصي ۾ مٿي ذڪر ڪيل ڪلاسيڪي شاعرن جي ٻولي جو تقابلي مطالعو پيش ڪندي، شاهه سائينءَ سنڌي ٻوليءَ کي جيڪو حسن، فصاحت ۽ وسعت بخشي آهي ۽ سندس دؤر ۾ جيڪا معياري ٻولي ڳالهائي ويندي هئي، انجو تفصيلي جائزو پيش ڪيو ويو آهي.

باب پنجين ۾ شاهه جي ٻوليءَ تي ٻين ٻولين جو اثر بيان ڪيل آهي. هي باب ڪتاب جو اهم باب آهي، ان ۾ خاص طرح شاهه سائين جي دؤر تائين جيڪي ٻوليون: لغات، صوتيات صرفيات توڙي نحويات جي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ تي اثرانداز ٿيون آهن، انهن جي اثر کي واضع ڪيو ويو آهي، ساڳي ريت اهو نتيجو بہ اخذ ڪيو ويو آهي تہ شاهه سائين کي ٻين ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام بابت ڪيتري نہ ڄاڻ هئي، جيڪا ڳالهه شاهه سائين جي مطالعي ۽ سير سفر جي دلالت ڪري ٿي.

شاهه سائين نہ صرف پاڻ کان اڳ وارن معتبرن شاعرن جو ڪلام پڙهيو ۽ ٻڌو، پر ان مان پنهنجي ذهني مشق ذريعي نوان نڪتا نروار ڪيا. البت ڪن هنڌن تي ڪانئن فڪري لحاظ کان متاثر بہ نظر اچي ٿو، تہ ڪن هنڌن تي ساڳيا لفظ ۽ محاورا بہ استعمال ڪري ٿو.

ان باب ۾ هيٺين ٻولين جا شاعر شامل آهن.

i) هندي

ii) عربي

iii) فارسي

iv) پرهاسي جون ٻيون ٻوليون.

مجموعي طور هي ڪتاب شاهه سائين جي دؤر ۽ انکان پنجاهه، سؤ سال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اگ استعمال ٿيندڙ سنڌي ٻولي ، انجي لغات ۽ محاوري کي سمجهڻ ۾ سنئي مدد ڏيندو ۽ ان ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سلجهيل ماڻهو خاطري سان چئي سگهندو ته شاه عبداللطيف ڀٽائي هڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽ جهانديده ماڻهو هو ۽ سندس شعوري ڪوششن سان سنڌي ٻولي کي جامعيت ۽ وسعت ملي ۽ پڻ معياري لهجو مقرر ٿيو.

مونکي اميد نه بلڪ يقين آهي ته شاه لطيف جا شيدائي، لغات ۽ لسانيات جا ڄاڻو هن ڪتاب جو قدر ڪندا ۽ علمي ادبي خلقن ۾ هيءُ ڪتاب پسنديده نظرن سان ڏٺو ويندو.

- نواز علي شوق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پهريون

# سنڌي ٻولي

(i) تاريخ ۽ اصليت.

(ii) مختلف نظريا.

(iii) مختلف لهجا.

(iv) لساني خوبيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تاريخ ۽ اهميت

سنڌي ٻوليءَ جهڙي جامع ۽ وسيع ٻولي، جنهن کي پنهنجو شاندار ماضي به آهي، ان تي جيڪا ڪوجنا ٿي آهي، سا ڪنهن به لحاظ کان اطمينان بخش نه آهي. ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ اسانجي خيال ۾ مکيه ڪارڻ هي آهن:

الف-ابتدا کان پڙهائڻ جو غلط طريقو.

ب- والدين طرفان نامناسب تربيت.

ت- مٿين ڪلاسن ۾ پڙهائيءَ جا غلط رجحان. مثلاً:

(i) ڪاپي ڪرڻ.

(ii) سفارش ڪرائڻ.

ث-لائبريرين جو گهٽ هئڻ.

ج- ڪورس جو غير معياري هئڻ.

د-جديد ريسرچ جا ذريعا نه هئڻ.

مٿين سببن ڪري، سنڌي ٻولي، تاريخ، تهذيب ٻين ڪيترن موضوعن تي، اسانجي ڪوجنا اڌوري پئي رهي آهي. محققن جو گهڻو تڻو آڌار، ٻاهرين اديبن، عالمن جي ڪوجنا تي پئي رهيو آهي. اهوئي سبب آهي، جو جڏهن ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ پنهنجي ڪتاب "سنڌي گرامر" (١)۾ ڄاڻايو ته "سنڌي ٻولي، سنسڪرت مان نڪتل آهي" ۽ سر گيريئرسن پنهنجي ڪتاب Linguistic Survey of India (٢)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ چاٽايو تہ "سنڌي ٻولي، آريائي ٻولي آهي ۽ انجو بنياد، سنسڪرت زبان آهي" تہ اسانجي عالمن، ان مفروضي پويان لڳي، ڪيئي ڪتاب تيار ڪيا، ۽ هو ڪڏهن بہ ان محور کان نہ نڪتا تہ سنڌي ٻوليءَ جو بنياد ڪا ٻي ٻولي ٿي سگهي ٿي.

ان کان علاوه اسانجي کوجنا ۾ مذهب جو بہ تمام گهڻو عمل دخل رهيو آهي. ادب ۾ ان عنصر جي ابتدا انگريزن جي دؤر ۾ ٿي، جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي جو سوال اٿيو. مسلمان طبقي "عربي-سنڌي" خط تي زور ڏنو ۽ هندن وري ديوناگري لپي تي. اهو جهيڙو تقريباً ٻہ اڍائي سال هليو. هر ڌر سرخرو ٿيڻ لاءِ، پنهنجا دليل ڏنا ۽ لڳ-لاڳاپا استعمال ڪيا. جڏهن ١٨٥٣ع ۾ 'عربي-سنڌي' صورتخطي منظور ٿي تہ ٻي ڌر ان کي دل سان نہ مڃيو ۽ پنهنجي موقف لاءِ، پوءِ بہ ڪيئي حيلا هلايا، ۽ سرڪاري طور فيصلي ٿيڻ کانپوءِ بہ، اهڙا اسڪول کوليا ويا، جتي ان طرز جي تعليم ڏني ويندي هئي. ان سان گڏ ديوناگري لپيءَ ۾ اخبارون نڪتيون. ان روش اسانجي ادب تي اهڙو هاڃيڪار اثر ڇڏيو، جو جيڪا بہ علمي ۽ تحقيقي تصنيف آئي، تنهن تي انجا واضح اثر ڏسڻ ۾ آيا. ڪو وقت اهڙو بہ ڏسڻ ۾ آيو تہ هڪ ڌر ڪو ڪتاب لکيو تہ ٻي ڌر، ان کي رد ڪرڻ لاءِ، تمام وڏي ڪوشش سان ڪتاب تيار ڪيو. ان دؤر ۾ باقاعده اهڙا ماڻهو ۽ ادارا سرگرم عمل نظر آيا، جيڪي مخالف ڌر جي جواب ۾ ڪتاب ڇپائڻ لاءِ، هر دم تيار هوندا هئا.

بهرحال جڏهن ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ اهو خيال ظاهر ڪيو تہ سنڌي ٻولي، سنسڪرت مان نڪتل آهي تہ سڀ کان پهريائين ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ان مفروضي کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ، ميدان عمل ۾ نڪري آيو ۽ لڳاتار ٽي سال ڪوشش ڪري، مختلف ڪتابن جو مطالعو ڪري ١٩٤١ع ۾ "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ڪتاب لکي تيار ڪيو، جو پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٦-١٩٦٦ع ۽ ١٩٧٢ع ۾ شايع ڪرايو. ڪتاب تي گهري نظر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ ڪاڪي محض ان نڪتي کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ، سوَن جي تعداد ۾ ڪتاب پڙهيا ۽ انهن مان دليل چونڊيا. يا سندس چوڻ مطابق:

"مون ٿي ورهيہ سانده محنت ڪري، ڏيڍ سؤ کن ڪتابن مان قديم سنڌ جا حوالا ڪڍيا. ڪنهن مان ٻہ-ٽي سٽون تہ ڪنهن مان فقط هڪ-ٻہ فقره مليم. پر اهي ذرا بہ ويهي ڳنڍيم تہ چڱي خاصي تاريخ تيار ٿي" (٣)

سنڌي ٻوليءَ جي بنياد بابت سڀ کان وڌيڪ تڪرار اهو پئي هلندو آيو آهي تہ "سنڌي ٻولي آريائي آهي يا دراوڙي؟"

ان بحث تي تفصيل ۾ وڃڻ کان اڳ، اهو ڏسون تہ آريا يا دراوڙ ڪير هئا؟ انهن جي ٻوليءَ جو سنڌي ٻوليءَ تي ڪيترو ۽ ڪهڙو اثر پيو؟

## آريا

آرين جي اصل نسل بابت ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو:

"رگ ويد مان معلوم ٿئي ٿو تہ اڳاٽا آريا لوڪ جدا جدا ڪُلن يا خاندانن ۾ ورهايل هئا، جن مان پنج ڪُلن وارا مکيہ هئا. جنهنڪري 'پَنچ جَنَ' (Five people or Five Folks) رگ ويد ۾ گهڻا ڀيرا ڪم آيل آهي، جنهنجي اکري معنيٰ آهي 'پَنجَ جٽا'. انهن مان هڪڙا پرو، ٻيا اَنو، ٽيان درهيو، چوٿان يدو ۽ پنجان تروسو هئا. تازين کوجنائن موجب چون ٿا تہ سڀ آريا لوڪ وچ ايشيا کان ايران واري واٽ وٺي، اتر هندستان ۾ آيا. باقي يدوَ ۽ تروسوَ آرين بابت تہ خود رگ ويد ۾ لکيل آهي تہ اهي سمنڊ رستي آيا هئا." (٤)

ڪاڪو ڀيرومل وڌيڪ لکي ٿو تہ "اهي هڪ وقت ڪاه ڪري نہ آيا هئا، بلڪ جدا جدا وقتن ۾ ٽولن جي صورت ۾ آيا." (٥)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ آريا هتي ڪهڙي مقصد لاءِ آيا؟ جيئن اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ تعليم جي ناڪاره نظام ڪري، اسانکي ڪورس ۾ اهو پڙهايو ويو آهي تہ "آريا معنيٰ سڌريل ۽ اڻ آريا معنيٰ اڻ سڌريل. هتان جا مڪاني ماڻهو اڻ سڌريل هئا. هنن کي تهذيب ۽ تمدن جي ڪا بہ ڄاڻ نہ هئي ۽ آرين اچي هي ملڪ فتح ڪيو ۽ هتان جي ماڻهن کي زندگيءَ جو ڍنگ ۽ تهذيب سيکاري." (٦)

حالانڪ حقيقت انجي برعڪس آهي. هتان جا ماڻهو هر لحاظ کان متمدن ۽ مهذب هئا. هنن وٽ نہ صرف ان دؤر جي لحاظ کان ججهو علم ۽ هنر هو، پر هو صنعت، حرفت ۽ واپار ۾ دنيا جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن کان سڌريل هئا. هو نهايت صفائي ۽ سٺائي سان زندگي بسر ڪندا هئا ۽ پرامن شهري هئا. انجي ڀيٽ ۾ آريا، جنگجو، غير مهذب ۽ توسيع پسند هئا.

حقيقت اها آهي تہ سنڌو ماٿري جي شادابي ۽ زندگي جي نرالي ڍنگ هنن کي موهي وڌو بلڪ حريص بنائي ڇڏيو، انڪري هو پنهنجا پير ڇڏي، هتي اچي رهيا.

سماجي اڀياس جو مصنف ايڊگرو ڪنٽر لکي ٿو؛

> "آريا بنيادي طور مال چاريندڙ ماڻهو هئا، جيڪي گاهہ ۽ پاڻي جي ڳولا ۾ اڪثر ڪري، مختلف علائقن ڏانهن لڏيندا رهندا هئا. سنڌو ماٿري ۾ سندن اچڻ جو وڏو سبب گاهہ ۽ پاڻي جي ڳولا هئي، انڪري هو وڏا وڏا شهر آباد نہ ڪري سگهندا هئا، بلڪ ڪٽنبن ۽ قبيلن جي شڪل ۾ ننڍين ننڍين بستين ۾ رهندا هئا." (٧)

آريا سنڌ ۾ ساڍا ٽي هزار ورهيہ اڳ آيا، جڏهن تہ "موهن جي دڙي" جي تهذيب پنج هزار سال قبل مسيح آهي، جنهن تي اڄ پوري دنيا اچرج پئي ڏيکاري. مشرق ۽ مغرب جا عالم، موهن جي دڙي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تهذيب جي تعريف ڪندي، ڏاڍن نہ ٿا، تہ ڪيئن ممڪن آهي تہ آرين اڇي دراوڙ ۽ ٻين قومن کي مهذب بنايو. اهو تہ جديد دؤر جي تاريخ وارو مثال آهي تہ هندستان جي ڪن پرڳڻن مان ڪي ماڻهو غربت ۽ افلاس وچان لڏي، اچي هتي آباد ٿيا ۽ اڄ هتي جي ماڻهن کي وڏي واڪي چئي رهيا آهن تہ هنن کين رهڻ ۽ تهذيب سيکاري. بهرحال تاريخ جي مطالعي مان اهڙا ڪيترائي مثال ملندا. فرق صرف اهو آهي تہ وقت جو مؤرخ انهن حقيقتن جي اپٽار کهڙي نموني ۾ ڪري ٿو.

اسانجي خيال ۾ آرين جو مثال بہ عربن، مغلن، ۽ انگريزن جيان آهي. انهن سوين سال سنڌ مٿان حڪومت ڪئي. سنڌن دؤر ۾ عربي، فارسي ۽ انگريزي سرڪاري زبان رهي، پر اڄ ڪو ٻڌائي تہ سنڌي ٻوليءَ تي انهن جو ڪهڙو اثر پيو آهي. سواءِ چند لفظن جي اضافي جي، ٻيو ڪهڙو اثر پيو آهي! ڪهڙيون سنڌي ٻوليءَ جون نحوي ۽ صرفي صورتون تبديل ٿيون آهن. الفاظن جو اضافو هڪ فطري ڳالهہ آهي. ڪن بہ ٻن سماجن جو پاڻ ۾ جڏهن ربط ۽ لاڳاپو ٿئي ٿو تہ انهن جي لغت ۾ واڌ اچي ٿي. پر سنڌي ٻوليءَ جا ڄاڻو چڱي پر ڄاڻن ٿا تہ انهن ڌارين لفظن تي سنڌي لغت ۽ لسانيات جو پنهنجو اثر پيو آهي، مثلاً:

| عربي | سنڌي |
| --- | --- |
| قفل | قلف/ڪرف |
| جواب | جباب-جاب |
| ضعيفا | زائفان |
| قاطع | ڪاتي |
| قند | کنڊ |
| غوطہ | گهوتو |
| تعويذ | تائٽ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| فارسي | سنڌي |
|---|---|
| کان | ڪاڻ |
| سيب | صوف |
| سم | سنب |
| ديده دانسته | ديناداستي |
| تاڪ | ڏاک |
| ڏلابي | ڄليبي |

| انگريزي | سنڌي |
|---|---|
| هاسپيٽل | اسپتال |
| پسٽل | پستول |
| باٽل | ٻاٽلي، بوتل |
| ڪپبورڊ | ڪٻٽ |
| مئچس | ماچيس |
| اسٽيشن | ٽيشڻ |
| ڪوارٽر | ڪوالر |

مٿين مختلف مثالن مان چڱي طرح اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪيئن نہ، سنڌي ٻوليءَ انهن لفظن کي پنهنجي ڪارب ۾ گهڙي، مڪاني رنگ ڏئي ڇڏيو آهي. اهو لسانيات جو بين الاقوامي اصول آهي تہ ٻن ٻولين جي لاڳاپي سان لفظن جي مٽا سٽا ٿيندي آهي، حالانڪ شروع ۾ سنسڪرت جيان ڪوشش ڪئي ويئي تہ عربي لفظن جي صحت سالم رهي. ان لاءِ باقاعده مدرسن ۾ علم 'تجويد' پڙهائي ويئي تہ جيئن عربي خاص حرفن جو امتياز رکيو وڃي ۽ شاگردن کي باور ڪرايو ويو تہ غلط اچارن سان لفظن جون معنائون مٽجي وينديون آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ انهيءَ ڪري ماڻهو ڏوهدار ٿئي ٿو. پر سنڌي لغت ۾ اهڙا سوين مذهبي لفظ ملندا، جن جي صحت اصل عربيءَ جهڙي نہ آهي. مثلاً:

| | |
|---|---|
| مسجد | مسيت |
| بانگ | ٻانگ |
| الله | الھ |
| خدا | ڪدا |
| حي علي الصلواة | هنيان علصلا. |
| وضو | بضو |
| جامع | جامي (سڳوري) |
| ماشاءالله | ماشاالا |

تہ آريا جڏهن سنڌ ۾ آيا، تڏهن هت هڪ باقاعده ٻولي رائج هئي، جنهن ۾ عام وهنوار سان گڏ، ملڪي معاملا بہ هلندا هئا. هت هڪ شاندار حڪومتيٰ نظام قائم هو، جنهن جا پرڏيهي ملڪن سان باقاعده سفارتي تعلقات هئا. هاڻي، اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي تہ ايڏي وسيع راڄڌاني ۾ ڪابہ ٻولي نہ هجي ۽ آرين اچي، زبان رائج ڪئي هجي، جتان پوءِ سنڌي ٻولي ڦٽي نڪتي!

اڄ جو اما هام هنئي ٿي ويجي تہ فلاڻو لفظ بہ سنسڪرت جو آهي، فلاڻي لفظ جو بنياد بہ سنسڪرت مان آهي. اهو نٿو ڏٺو ويجي تہ ان لفظ جو اصل بنياد ڪهڙو آهي؟ اهو لفظ ڪهڙن مرحلن مان اُسري ان منزلَ تي پهتو؟ اسان هتي هڪ-بہ مثال ڏيون ٿا:

سنسڪرت جو لفظ آهي ”مَنُش“ جنهن جي معنيٰ آهي ڏيان ڏريندڙ يا سمجهہ رکندڙ. اهو لفظ ڪن پراڪرتن ۾ ”مانسَ“ بہ ٿيو ۽ انجو ضد ٿيو ”بَن مانُسَ“ يعني جنهن ۾ سمجهہ نہ هجي. اهڙي ريت ڪن عالمن جو خيال آهي تہ عربي لفظ،’اِنسان‘ جو مادو ’انس‘ بہ ان مان ورتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو آهي. ﭘر'انس' جي معنيٰ آهي؛ محبت يا پيار-هاڻي اهو ڏسڻ تاريخي لغتدان (Philologist) جو ڪم آهي تہ اهو لفظ ڪهڙيءَ ٻوليءَ مان، ڪيئن ٻي ٻولي ۾ ويو؟ مان پنهنجي محدود معلومات مطابق ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ ٻوليءَ جو علم جيترو سائنسي آهي، اوترو غيرسائنسي بہ، ڇاڪاڻ تہ اها هڪ حقيقت آهي تہ هر لفظ جي ڪانہ ڪا معنيٰ ٿئي ٿي ۽ اها معنيٰ ڪنهن نہ ڪنهن بنياد مان ڦٽي نڪري ٿي. جيئن لفظ آهي 'ڀڳ'، معنيٰ ٽڪرو يا حصو. ان مان لفظ نڪتو 'ڀڳوان' يعني حصا ڏيندڙ. اصطلاحي معنيٰ ججهو رزق ڏيندڙ. ان جو عربي متبادل لفظ آهي: 'قاسم' جنهن مان ٻيا ساڳي معنيٰ وارا لفظ نڪتا، منقسم، تقسيم، قسيم، وغيره. اهڙيءَ طرح مٿين لفظ 'ڀڳ'مان نڪتو 'ڀاڳيو'، يعني گهڻي رزق وارو. يا جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي تہ ماٺهو جو سنسڪرتي لفظ آهي: 'منُش' يعني سمجهہ وارو. جيڪڏهن گهري نظر سان ڏسبو تہ هر هڪ جانور پنهنجي ماحول مطابق سمجهہ رکندڙ آهي. يا ائين بہ ايئن چئجي تہ هر ماحول ۽ سماج جي سمجهہ جا ماڻ پنهنجا ٿين ٿا. ڪيترين ئي ڳالهين ۾ اسان انسان-سمجهہ جي لحاظ کان جانورن کان بہ پوئتي رهجي ويندا آهيون. مثال: جانورن جي طبيعت خراب ٿيندي آهي تہ هو کائڻ پيئڻ بند ڪندا آهن. ان جي پيٽ ۾ اسانکي جنهن شيءِ کان منع ٿيل هوندي آهي، اها کائيندا آهيون.

ٻيو مثال: اسان اهڙا ڍڳا ۽ سانَ ڏٺا، جيڪي پنهنجي ماءُ تي ڪڏهن بہ نہ چڙهيا، سِنگهي ڇڏي ڏنائون. ان جي برعڪس ڪيئي انسان پنهنجي ڌيءَ، ڀيڻ ۽ ماءُ کان بہ نہ مُڙيا. هي اڄڪلهہ جي يورپ جي زندگيءَ ۾ ڇا ٻيو وهي واپري!

ايجان بہ هڪ ٽيون مثال: تہ 'قلم' معنيٰ ڪهيل. تہ ڇا هر ڪهيل شيءِ قلم هوندي آهي؟ انجو وري ڪهڙو مادو آهي؟ تان جو لغت جواب ڏيئي بيهندي تہ اڳتي وڌڻ جي ڪا گنجائش نہ آهي. لفظن جي بنياد لاءِ جيڪي ويچار پيش ڪيا ويندا ٿا، اهي هر لحاظ کان سورهن آنا صحيح نہ آهن. وري هڪ سنسڪرت جو لفظ 'ٻيِ' معنيٰ پيارو. سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوليءَ ۾ پِيءُ معنيٰ والد ۽ هندي يا اردو ٻوليءَ ۾ 'پيه' معنيٰ محبوب.

بهرحال دقيق نموني سان ويهي وينجهه ڪبي ته معلوم ٿيندو ته سنسڪرت ۾ ڪيترا ئي ڌاتو، سنڌي ۽ ٻين ٻولين جا آهن. جيئن ته سنسڪرت سرڪاري زبان بڻي ۽ پنڊتن ان کي پاسو ڏنو، جنهنڪري ڌرمي ٻولي به بڻي. اُن ڪري ان تي گهڻو ڌيان ڏنو ويو. انجا باقاعده گرامر لکيا ويا، ڌرمي پستڪ لکيا ويا، لفظن جوڙيون ويون، ۽ مذهبي حيثيت ڪري، انجي وهنوار کي چالو رکيو ويو ۽ مقدس سمجهي، اُنجي حفاظت ڪئي ويئي.

ان جي ڀيٽ ۾، ٻين پراڪرتن جي ڪابه سار سنڀال نه لڌي ويئي ۽ اهي ايئن عوامي راڄ ۾ پلبيون رهيون. انهن جا اکر بگڙيا يا ته ڇا، جي سڌريا ته ڇا؟ اهو دستور به هر دؤر ۾ رهندو آيو آهي. ويجهڙ جي تاريخ ڏسو، جيترو پڙهائڻ تي ڌيان انگريزي تي ڏنو ويو ٿو، انجي ڏهين پتي جيترو به ڌيان سنڌي تي نه ٿو ڏنو وڃي. آخر ڇو؟ يا وري اڙدو زبان، جيڪا سنڌي ٻوليءَ کان وسعت توڙي قدامت ۾ تمام گهٽ آهي، ان تي جيڪو توجهه ڏنو وڃي ٿو، تنهنجي اڌين پتي جيترو به ڌيان سنڌي ٻوليءَ تي نٿو ڏنو وڃي. اهاروش موجوده سماجي جوڙ جڪ جي عين تقاضا مطابق آهي، انڪري ڪنهن تي ميار آڻجي!

مٿين بحث مان معلوم ٿيو ته :

الف- آريا هزارين سال سنڌ ۾ پوءِ آيا، هو جيڪا ٻولي پاڻ سان کڻي آيا، ان جا سنڌي ٻوليءَ ۾ صرف لفظ شامل ٿيا.

ب- انهن کان اڳ هتي هڪ شاندار وسيع زبان رائج هئي، جيڪا عوام توڙي خاص استعمال ڪندا هئا.

ت- اها زبان سرڪاري طور ڪتب ايندي هئي ۽ ملڪي نظام ان زبان ۾ هلندو هو.

ث- ان ٻوليءَ جون مُهرون پڻ 'موهن جي دڙي' مان مليون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ج- انهيءَ هتان جي مڪاني ٻوليءَ (سنڌي)، سنسڪرت مان ڪنهن بہ لحاظ کان نہ نڪتي آهي ۽نہ وري سنڌي ٻوليءَ جو آريا ٿي نسل سان ڪو واسطو آهي.

# دراوڙ

دراوڙن لاءِ ڪاڪو ڀيرومل لکي ٿو:

"قديم هندستان جون تاريخون، جي يورپي عالمن کوجنائون ڪري ويجهڙائيءَ ۾ لڌيون آهن، تن ۾ ڄاڻايل آهي تہ ڪُولن ۽ سنٿالن جي صاحبيءَ ۾ دراوڙ لوڪ ڪاهي آيا، جن ڪولن ۽ سنٿالن کي هٽائي وچ-هندستان ڏي ڪيو ۽ پاڻ اتر-هندستان جا والي ٿي ويٺا. تازو مئن جي دڙي مان ڪن دراوڙن جا لاش لڌا آهن ۽ انهن سان گڏ ڪولن ۽ سنٿالن جا بہ لاش لڌا ويا آهن. هن مان سمجهجي ٿو تہ دراوڙن جي ڪاهہ ٿيڻ کانپوءِ بہ ڪي ڪول ۽ سنٿال ساڻن رهيا پيا هئا." (٨)

دراوڙن جي اصل بابت ڪاڪو وڌيڪ تفصيل ڄاڻائيندي لکي ٿو تہ "دراوڙ لوڪ اصل ڪٿان آيا؟ تنهن بابت عالمن جا جدا جدا رايا آهن، جن مان مکيہ بہ آهن: هڪڙا چون ٿا تہ دراوڙ لوڪ بہ ڏکڻ-هندستان کان آيا ۽ پوءِ اتر-هندستان ڏي وڌيا. ويجهڙائيءَ ۾ جيڪي کوجنائون ٿيون آهن، تن پٽاندڙ ڪن جو چوڻ آهي تہ دراوڙ يُونوچ سمنڊ طرف رهندڙ قومن مان هئا. اهي ڦهريائين ڪجھ وقت ميسوپوٽيميا طرف رهيا ۽ پوءِ بلوچستان واري واٽ ولي، هندستان ڏي آيا. منجهائن ڪن گنگاندي واري ماٿري وسائي تہ ڪي وري سنڌوندي واري ماٿري والاري ويٺا." (٩)

١٩٢٢ع ۾ موهن جي دڙي جي کوٽائي ٿي. ان ڪم جو نگران 'سرجان مارشل' موهن جي دڙي جي تهذيب بابت لکي ٿو:

"سنڌوندي جي ماٿري جي اها تهذيب قديم دراوڙ لوڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذريعن لاءِ بہ هو مقامي محاورا استعمال ڪندا هئا. البت اهو انومان ڪڍي سگهجي ٿو تہ ان ابتدائي دور ۾ ڪولن، سنٿالن ۽ دراوڙن جي گڏيل ڪوشش يا پنهنجي محاورن سان ملي ڪري، هڪ نئين زبان يا لهجو وجود ۾ آيو هجي، جيڪو ترقي ڪندو موهن جي دڙي واري مهذب دؤر تائين هڪ الڳ حيثيت قائم ڪري چڪو هجي. اهو بہ ممڪن آهي تہ انهن ڪولن ۽ سنٿالن جي لهجي جي صرفي بناوت دراوڙن واري محاوري سان ملندڙ جلندڙ هجي. اهي سڀ حقيقتون، تڏهن ظاهر ٿينديون، جڏهن موهن جي دڙي واري لپي چڱي طرح پڙهي ويندي. هن وقت تائين اهي سڀ امڪاني ڳالهيون آهن. حتمي طور ڪا بہ راءِ قائم نہ ٿي ڪري سگهجي تہ هتان جو مقامي محاورو ڪهڙو هو؟ انجي نحوي بناوت ڪهڙي هئي؟ البت مختلف تاريخي ڪتابن جي حوالي سان اها ڳالهہ ڪري سگهجي ٿي تہ موهن جي دڙي واري تهذيب تي دراوڙن جي تهذيب جا اثر نمايان آهن، ڇاڪاڻ تہ دراوڙ هنن خطن، خاص طور ميسوپوٽيميا، بلوچستان ۽ هندستان جي ڪجھ حصن تي بہ رهيا. ان ڪانسواءِ مصري تهذيب سان بہ سنڌ واسطو رهيو. ان ڪري تقابلي مطالعي ڪانپوءِ چئي سگهجي ٿو تہ موهن جي دڙي واري تهذيب دراوڙن جي دؤر جي آهي. البت پوليءَ لاءِ ڪا بہ حتمي ڳالهہ نٿي ڪري سگهجي، جو ان لاءِ اڃان ڪوششون جاري آهن.

## نتيجا

**الف**- هن خطي يا سنڌو ماٿريءَ ۾، اصل آبادي ڪولن ۽ سنٿالن جي هئي. هنن وٽ هڪ پنهنجي پولي هئي، جيڪا فطري ڳالهين جي بنهہ ويجهو هئي. مثلاً: هنن جي ڳڻپ جو سرشتو فطرت جي قريب هو. هنن جو انتهائي انگ ويهہ هو. هو ٦٠ (سٺ) کي چوندا هئا، ٽي ويهون، جنهن مان پهاڪو جڙيو، ”جهڙيون ٽي ويهون، تهڙي سٺ.“ اڄ بہ اسان جا ڪمي ڪاسبي ۽ پهراڙيءَ جا واپاري ڪنهن ڊور ڏيکي جي

قيمت ڪٽڻ لاءِ چوندا آهن تہ: ادا! ٧ يا ٨ ويهون ڏينداسين. هو آڱرين تي ڳڻيندا هئا. ۽ آڱرين تي ڳڻڻ اسان وٽ اڄ بہ رائج آهي.

ڪاڪو ڀيرومل سرگيريئرسن جي حوالي سان لکي ٿو تہ "اتر هندستان ۾ اڄ بہ اٺپڙهيل ماڻهو اهو طريقو اختيار ڪندا اچن ٿا، جو اصل ۾ ڪولن ۽ سنٿالن جو آهي." (١١)

هتي هڪ ڳالھ جي وضاحت ضروري آهي تہ اسانجي قديم لغت جا لفظ، انهن قديم ڀھراڙين جي ڪمين ڪاسبين، هارين نارين وٽ ايجان بہ محفوظ آهن، جي پيڙهي بہ پيڙهي هلندا اچن ٿا.

مثلا: ڀھراڙيءَ ۾، جيڪي سُتيون ڦڪيون استعمال ٿين ٿيون يا، جيڪي دوائون استعمال ٿين ٿيون، تن مان خشڪ يا پائوڊر وارين دوائن کي "ڏٻ" ۽ پاڻيٺ وارين دوائن کي "دارون" چيو ويندو آهي. شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ بہ دوا لاءِ 'ڏٻ' جو اصطلاح ڪم آندو آهي.

تون حبيب، تون طبيب، تون هين ڏڻن ڏَبُ،

تون ڏيين، تون لاهيين تون هادي تون رب،

آهم اي عجب، جئن ورايو ويچ وهاريين.

يا ٻئي هنڌ فرمائي ٿو تہ:

تون حبيب، تون طبيب، تون داروُن کي دردن،

تون ڏيين، تون لاهين، ڏاتر کي ڏکندن،

تڏهن ڦڪيون فرق ڪن، جڏهن اَمُر ڪريو ان کي.

"اهڙي نموني جانورن يا ٻين شين جي آوازن تان اکر ٺاهڻ، جيئن ٻليءَ جي آواز تان ميائون، مياؤن، ٻڪريءَ جو آواز 'ٻي ٻي'، ڪتي جو آواز 'ڪنئون ڪنئون' يا 'هَئو هئو'، ڪانءُ جو آواز 'ڪان ڪان'، ٺاٺا، ٺڪا ٺوڪي، ٺڪ ٺڪ، چُون چُون، وغيره. اهو لفظن ٺاهڻ جو طريقو بہ ڪولن ۽ سنٿالن جو آهي. ٻين لفظن ۾ اهي ماڻهو فطرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ماحول جا عڪاس هئا. هنن جي ٻوليءَ تي نالو پيو 'پراڪرت'، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي Nature يا فطري ٻولي." (١٢)

مطلب تہ ڪولن ۽ سنٿالن کي پنهنجي صاحبيءَ ۾ پنهنجي الڳ 'پراڪرت' هوندي هئي.

ب- دراوڙ جڏهن ڪولن ۽ سنٿالن مٿان ڪاهي آيا تہ هنن جي ٻولي يا پراڪرت سان گهري لاڳاپي ڪري شايد ڪو نئون محاورو وجود ۾ آيو هجي، جنهن کي ماهر "سنڌوي" سڏن ٿا، جيڪو پوءِ 'سنڌي' ۽ 'سنڌي' ٿيو.

ت- آريا هزارين سال بعد ۾ آيا. ان وقت تائين دراوڙي ٻوليون يا محاورا پنهنجو دائمي اثر ڄمائي چڪا هئا، ان ڪري آرين جي ٻولي، سنسڪرت، صرف لفظن جي مٿا سٽا ڪري سگهي. باقي ايئن چوڻ تہ سنڌي ٻوليءَ جو بنياد بنهہ آريا ئي آهي، بلڪل غلط آهي.

ث-مختلف حالتن ۽ دورن مان گذرندي، تمام گهڻو اڳ يا ايئن چئجي تہ گهٽ ۾ گهٽ يارهين صدي کان تمام گهڻو اڳ 'سنڌي ٻولي' هر لحاظ کان مڪمل ٻوليءَ جي صورت اختيار ڪري چُڪي هئي.

ج-حتمي فيصلو تڏهن ڪري سگهبو، جڏهن موهن جي دڙي واري ٻولي پوري طرح پڙهي ويجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مختلف نظريا

هن وقت تائين سنڌي ٻولي بابت، جيڪي ڪجھ لکيو ويو آهي، سو گهڻي قدر انجي اصليت بابت آهي؛ تہ سنڌي ٻولي آريائي آهي يا غير آريائي يا دراوڙي آهي يا توراني نسل جي.

ان سلسلي ۾، اسان مٿي تفصيل سان چئي آيا آهيون تہ اسانجي ڪوجنا ۾ وڏي رنڊڪ مذهب بڻي رهيو آهي. اسان جون ڪوجنائون يا تہ سنسڪرت تائين محدود بڻي رهيون آهن يا ڪنهن بہ مقدس ٻولي جي اصل تائين. اسان جي محققن اڳواٽ مفروضا طئي ڪري ريسرچ بڻي ڪئي آهي، ۽ انهن کي درست ثابت ڪرڻ لاءِ سوين ڪتاب ڦولهيندا رهيا آهن، پر نئين انداز يا جديد طريقي جي ڪا بہ ريسرچ ڪا نہ ٿي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت سڀ کان پهريائين جنهن عالم پنهنجا ويچار پيش ڪيا هيا، اهو هو جرمن جو مشهور عالم ۽ شاهہ سائين جي رسالي جو پهريون مرتب ڊاڪٽرارنيسٽ ٽرومپ-هن صاحب ١٨٧٢ع ۾ "سنڌي گرامر" لکيو. جنهن ۾ ڪافي وڏي محنت سان سنڌي ٻوليءَ جي صرفي ۽ نحوي بناوتن تي لکيو ۽ پڻ سنڌي ٻوليءَ جي بنياد بابت پنهنجا ويچار پيش ڪيا. هن ٻڌايو تہ:

"سنڌي ٻولي سنئون سڌو سنسڪرت مان نڪتي آهي."(١٢)

ان کانپوءِ سرگريئرسن، هندستان جي مختلف ٻولين جو هڪ جائزو ورتو. ان ۾ هن هندستان ۾ ڳالهائجندڙ ٻولين جي اصل نسل ۽ گرامر بابت تفصيل سان لکيو ۽ ڪتاب جو نالو رکيائين

‘Linguistic Survey of India’ (هندستان جي ٻولين جو جائزو).
ان ڪتاب جي جلد پهريون ۽ باب پهرين ۾ ڄاڻايو آهي تہ ”سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتل آهي ۽ اها هڪ آريائي ٻولي آهي. (١۴)

اهو هو اصل محرڪ، جنهن جي پوياڻ ڪاڪي ڀيرومل بند ٻڌي هڪ مڪمل ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ جوڙيو. جيتوڻيڪ ڪاڪي پنهنجي ڏرمي زبان-سنسڪرت سان تعلق ڪري ڪافي جستجو ڪئي آهي. ان ڪان علاوه هو ان راءِ جو هو تہ ١٨٥٣ع ۾ سنڌي لپيءَ لاءِ جو فيصلو ٿيو هو. يعني عربي-سنڌي خط ٠ سو پڻ غلط آهي. انجي جاءِ تي ديوناگري خط اختيار ڪيو وڃي ها. پر پوءِ بہ ميٺو پوندوتہ سنڌ جي هن نامور محقق تمام گهڻي جاکوڙ ڪئي آهي ۽ ان موضوع سان واسطو رکندڙ ڪافي ڳالهين تي روشني وڌي اٿس. يا اسان ايجان ايئن چئون تہ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، هيئت، ساخت ۽ لغت لاءِ سڀ کان اول دڳ آنجهاني ڀيرومل ئي گهڙيو ۽ ان رستي تان هلندي، اسان منزل کي ڪافي ويجهو اچي رسيا آهيون. هاڻي صرف موهن جي دڙي واري ٻولي جي نتيجن جو انتظار آهي.

## ڪاڪي ڀيرومل جو نظريو

سنڌي ٻوليءَ بابت ڀيرومل مهرچند آڏواڻي جو خيال آهي تہ اُها:

سنسڪرت ←

پراڪرت ←

شؤرسيني ←

اپڀرنش ←

وراچڊ ←

سنڌي.

مٿي ڄاڻايل خاڪي تي چڱيءَ طرح روشني وڌي اٿس. هن، نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صرف سنسڪرت جي مختلف دؤرن جو ذڪر ڪيو آهي پر ان جي لساني جاگرافيءَ تي پڻ روشني وڌي آهي. ان ڪانسواءِ پراڪرت جي مختلف محاورن، شؤرسيني، اپڀرنش ۽ وراچڊ جي علمي ۽ سماجي ماحول تي پڻ تفصيل سان لکيو اٿس. خبر نہ آهي تہ ڇو ڪاڪي ڀيرومل رديءَ ڪان رديءَ يا بگڙيل ڪان بگڙيل صورت واري محاوري جو لاڳاپو سنڌي ٻوليءَ سان ڏيکاريندو ويو آهي.

آنجهاني ڀيرومل جي کوجنا تي نا قدانہ نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ ڪاڪو محض سنسڪرت جي محور جي اردگرد ڏسندو رهيو آهي. حالانڪ پنهنجي کوجنا مطابق ڪيترن هنڌن تي واضح اشارا بہ ڏيندو ويو آهي تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت کان نرالي آهي. مثلاً "سنڌي ٻولي ۽ سنسڪرت جي نحوي ترڪيب بلڪل مختلف آهي." انهن جي 'حرف جر' جو استعمال بنھ نرالو آهي. اهڙي ريت اسمن ۽ فعلن جي گردانن ۾ پڻ فرق آهي-ساڳيءَ ريت، جيڪڏهن باريڪ بينيءَ سان ڏسبو تہ سنڌس ئي کوجنا ۾، سندس مؤقف جي رد ۾ ڪيترائي دليل ملندا. هڪ وڏو دليل اهو آهي تہ ڪاڪو ڄاڻائي ٿو تہ لڳ ڀڳ پوري هندستان جي مرڪزي زبان، سنسڪرت، هوندي هئي. البت ٻين پرڳڻن ۾ جيڪي ٻوليون ڳالهايون وينديون هيون، تن کي 'پراڪرت' چيو ويندو هو. ٻين لفظن ۾ پراڪرت معنيٰ لهجا يا محاورا.

انهن ٻنهي لفظن جي معنيٰ ڄاڻائيندي لکي ٿو تہ "سنسڪرت لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي 'ڪر (kir) معنيٰ ڪرڻ، جنهن جو اسم مفعول 'ڪرت' معنيٰ ڪيو يا ڪيل. 'سم' هڪ اڳياڙي (Prefix) آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، چڱو تنهنڪري 'سمسڪرت' (سنسڪرت) ٻولي معنيٰ چڱي يا صاف ٿيل يعني اجاريل يا سڌاريل ٻولي (Polished or Refined Language) وري پراڪرت جي معنيٰ لکي ٿو:

"پراڪرت ٻوليءَ جي معنيٰ پراڪرتيءَ مان پيدا ٿيل ٻولي. 'پرڪرتي' لفظ جي هڪڙي معنيٰ آهي، 'قدرت (Nature)' ۽ ٻي معنيٰ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿس 'اصلوڪي صورت.“ (١٦)

هاڻي پڙهندڙ پاڻ اندازو لڳائين تہ ڪهڙيءَ ريت سنسڪرت اصل ٻولي ٿي سگهي ٿي ۽ ان مان ٻيون پراڪرتون نڪتيون آهن.

حقيقت اها آهي تہ پراڪرتن کي سوڌي سنواري هڪ نئين ٻولي جوڙي ويئي، جنهن کي 'سنسڪرت' ڪوٺيو ويو. البت اتي هي سوال پيدا ٿو ٿئي تہ آريا پاڻ سان ڪهڙي ٻولي کڻي آيا هئا؟ اهو بہ نا ممڪن آهي تہ اهڙا جنگجو قبيلا، جيڪي هيتريون ڏسيون لتاڙي آيا هجن، انهن وٽ ڪا بہ ٻولي نہ هجي. ان سوال تي اڄ تائين ڪنهن بہ روشني نہ وڌي آهي.

اسانجي ذاتي راءِ آهي تہ آريا ضرور پاڻ سان ڪا ٻولي کڻي آيا هوندا ! جيئن تہ هو فاتح جي صورت ۾ آيا، ان ڪري هنن جي ٻوليءَ کي اهميت ملڻ لڳي. اڳتي هلي، وڏيڪ اثر رسوخ ڪري، هنن جي ٻوليءَ کي حڪومت جي پشت پناهي هيٺ مذهبي مرتبو بہ مليو، ان ڪري ماهرن مختلف محاورن مان چونڊ لفظ ۽ اصطلاح کڻي پنهنجي ٻوليءَ کي وڌيڪ سگهارو بنايو. ان جو نالو 'سنسڪرت' رکيو ويو. ٿي سگهي ٿو تہ ان کان اڳ اهو اصطلاح استعمال هيٺ هوندو هجي، سا ڳالهہ پڪ سان نہ ٿي چئي سگهجي.

جيئن تہ هن وقت اهو نظريو رد ٿي چڪو آهي، ان ڪري اسان بہ انهن لفظن تي اڪتفا ڪيون ٿا.

## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نظريو

ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي کانپوءِ، ان طرف سنڌ جي نامور محقق، لوڪ ادب جي مهاڄاڻو ۽ سنڌي لغات جي عالم محترم جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڌيان ڏنو. ڊاڪٽرصاحب ١٩٦٢ع ۾ ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ“ نالي ڪتاب لکيو، جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايئن چو نہ سمجھڻ گھرجي تہ مصري تهذيب جو اثر ثقافت توڙي ٻوليءَ جي لحاظ کان موهن جي دڙي واري تهذيب ۽ ٻوليءَ تي پيو هوندو؟

تاريخي حقيقتون ان ڳالھ جون شاهد آهن تہ موهن جي دڙي جي تهذيب، بابلي ۽ سميرئين تهذيب کان ڪيئي درجا اتم هئي. ان ڪري ايئن وهسڻ لاءِ ڪافي شاهديون آهن تہ مٿيون تهذيبون 'موهن جي دڙي واري تهذيب' کان، هر لحاظ کان متاثر رهيون آهن.

ان کان علاوه ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي مؤقف ۾ هڪ ٻي ڳالھ بہ ڪئي آهي. هن پنهنجي بيان ۾ 'سنڌ جي ٻولي' ۽ 'سنڌي ٻولي' بہ مختلف اصطلاح ڪتب آندا آهن. جن کي قطعاً هڪ ڪري نہ سمجھڻ گھرجي؛ ڇاڪاڻ تہ جڏهن پاڻ 'سنڌ جي ٻولي' بابت ڳالهائي ٿو تہ ان مان سندس مراد آهي؛

"قديم دؤر اٽڪل چوٿين صدي عيسوي ۽ ان کان اڳ وارو زمانو آهي، جنهن کي 'سنڌ جي ٻولي ۽ ٻولين وارو دور' چئي سگهجي ٿو. ان وقت سنڌ جي ٻولي يا ٻوليون ضرور هيون، مگر 'سنڌي ٻولي'، جنهن جي اسانکي علمي ڄاڻ آهي، سا اجان ناپيد هئي." (١٩)

اهو ممڪن آهي تہ موجوده سنڌي ٻولي، ان دؤر ۾ ايئن نہ هجي، جيئن هاڻي استعمال ٿئي ٿي. البت اها ڳالھ موهن جي دڙي واري ٻوليءَ جي پڙهڻ کانپوءِ طئي ڪري سگهبي. اهو بہ ممڪن آهي تہ موهن جي دڙي واري ٻوليءَ جو نحوي سٽاءُ ايئن هجي، جيئن موجوده ٻوليءَ جو آهي. البت لغوي واڌارو وقت جي لحاظ کان ۽ ٻين ٻولين جي اثر ڪري ضرور ٿيندو رهندو آهي. اهو هڪ لغت جو ميچيل اصول آهي تہ وقت ۽ حالتن ڪري لفظ ۾ صوتي ۽ صرفي تبديليون اينديون رهنديون آهن.

اسانکي ڊاڪٽرصاحب جي هڪ ٻي ڳالھ سان بہ اختلاف آهي. ڊاڪٽر صاحب جو چوڻ آهي تہ موجوده سنڌي ٻولي، يارهين صدي عيسوي ۾ تشڪيل ورتي.

"سنڌي ٻوليءَ جي سنڌاءَ وارو بنيادي دور راءِ گهراڻي، برهمڻ گهراڻي ۽ عربي حڪومت جي عرصي وارو دؤر آهي، جو ڦٽلهي ليکي عيسوي پنجين صدي کان وٺي ٻارهين صدي جي آخر تائين سمجهڻ گهرجي. هن دؤر ۾ موجوده سنڌي ٻوليءَ جي تشڪيل ٿي." (۲۰)

ان لاءِ اسانجو مؤقف اهو آهي ته سنڌو ماٿري جي شاندار تهذيب پرڏيهي واپار ۽ تعلقات ٻڌائن ٿا ته هتان جا ماڻهو هر لحاظ کان ڀاڙيرا هئا. اهو ممڪن نه آهي، ته اهڙي شاندار تهذيب، صنعت ۽ واپار جي لحاظ کان پرڏيهه تائين ڪاهي ويندڙ ماڻهو ڪا زبان نه ڳالهائيندا هجن، جنهن کي پنهنجي ڌرتيءَ ۾ پاڙون نه هونديون. اهو ڪيئن ممڪن آهي ته هميشه چند ماڻهن تي مشتمل ڪاهي ايندڙ ماڻهن جي ٻوليءَ کي عوامي زبان جو شرف مليو هوندو ۽ عوام به اها ئي ٻولي ڳالهائيندو هوندو.

ڊاڪٽر صاحب ان خيال جو پڻ رهيو آهي ته عربي ۽ فارسي جي لاڳيتي غلبي ڪري سنڌي ٻولي متاثر ٿي آهي. ان لاءِ اسان بار بار مٿي ٻڌائي آيا آهيون ته انهن ٻولين ۽ هڪ-ٻن ٻين ٻولين جيئن ترڪي ۽ انگريزي ٻولين جي لغوي ذخيري جو اضافو ضرور ٿيو آهي. ان کان سواءِ فني توڙي نحوي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ تي ڪنهن ٻي ٻوليءَ جو اثر نه پيو آهي، ڇاڪاڻ ته مٿي ڄاڻايل ٻولين جي نحوي ترتيب سنڌي ٻوليءَ کان مختلف هئي ۽ آهي.

جيڪڏهن انهن ٻولين جو اثر سنڌيءَ تي پوي ها ته سنڌي ٻوليءَ جي نحوي ترتيب ۾ يقينا تغير اچي ها. ۽ عربي، فارسي يا انگريزي نحوَ جا آثار نمايان نظر اچن ها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سراج الحق ميمڻ جو نظريو

پنهنجي نقطه نگاهہ کان، سراج الحق ميمڻ، سنڌي ٻولي بابت سيني نظريہ دانن کان نرالو رهيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سراج صاحب سنڌي ٻولي بابت وايو منڊل ئي بدلائي ڇڏيو. هن هڪ اهڙو تحرڪ پيدا ڪيو، جنهن سان ادب ۾ نوان آئي، اسانجي ماهرن ۽ اديبن هڪ نئين انداز سان سوچڻ شروع ڪيو. سنڌي ٻولي ۽ ادب بابت پراڻن خيالن ۽ نظرين ۾ ڏار پوڻ شروع ٿي ويا.

سراج صاحب سنڌي زبان بابت پنهنجي موقف کي واضح ڪرڻ لاءِ ١٩٦٤ع ۾ هڪ ڪتاب 'سنڌي ٻولي' لکيو، جنهن ۾ هن ڄاڻايو تہ "سنڌي، سنسڪرت جي ڄائي نہ، پر سنسڪرت سنڌيءَ جي ڄائي آهي."(٢١)

سراج صاحب پنهنجي نظرئي ذريعي هي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ مغرب توڙي مشرق جي سيميٽائن توڙي زبانن جو اصل ماڳ، سنڌو ماٿري جي تهذيب آهي. هتان ماڻهو مختلف ماٿرين ڏانهن ويا، جنهن ۾ ميسوپوٽيميا وارو پٽو، بابل ۽ مصر جا خطا اچي وڃن ٿا، اُتي هنن سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب ۽ ٻولي کي ڦهلايو. ميمڻ صاحب سنسڪرت واري نظرئي کي محض افسانو ۽ جرمن عالمن جو ذهني اختراع ٿو ڪوٺي. سراج صاحب نہ صرف ايترو بلڪ ايئن چوڻ ۾ ڪا بہ هٻڪ محسوس نٿو ڪري تہ: بابل ۽ سمير جي تهذيب جو موهن جي دڙي جي تهذيب تي ڪو بہ اثر نہ پيو آهي، پر اُلٽو سراج صاحب جي خيال موجب، موهن جي دڙي جي تهذيب جا اثر بابل ۽ سُمير جي تهذيب تي نمايان آهن، جيڪي واپارين ۽ تاجرن جي معرفت اوڏانهن ڦهليا. پنهنجي موقف جي وضاحت لاءِ سراج صاحب آثار قديمہ جي ماهر نوح ڪريمر جي ڪتاب مان حولا پڻ ڏنا آهن.

سنڌي ٻولي بابت سراج الحق ميمڻ لکي ٿو تہ:

”سنڌي جيڪڏهن سنسڪرت لفظن جي مرهون منت آهي، تہ سنسڪرت تي سنڌيءَ جو ان کان بہ وڏو قرض آهي. سنسڪرت هڪ طرح سان سنڌي جي ڄائي آهي، سڌي طرح نہ سهي، اڻ سڌي طرح سهي.“ (٢٢)

جيڪڏهن حالتن جي پس منظر ۾ سراج صاحب جي راءِ کي توربو تہ سراج صاحب وقت جي تقاضا مطابق پنهنجو فرض پورو ڪيو آهي. ان دور جي حالتن مطابق سنڌي اديبن ۽ عالمن ۾ اهڙي روح ڦوڪڻ جي سخت ضرورت هئي، ڇو تہ ون يونٽ ۽ مخالف ڌر جي مسلسل واويلا ڪري سنڌي ٻولي جي وجود کي ئي خطرو هيو. ان ڪري اهڙيون حوصلہ افزا ڳالهيون دور جي عين گهرج مطابق هيون. ان سان گڏان ڳالهہ جو اعتراف بہ هر ڪنهن اديب کي ڪرڻو پوندو تہ سراج صاحب جي ان راءِ کان پوءِ ادب ۾ هڪ ٽرنِلو مچي ويو. ماڻهن کي سوچڻ ۽ فڪر ڪرڻ جا نوان انداز ملي ويا. هنن هاڻي سنڌ جي تاريخ تهذيب، ادب ۽ خاص طرح ٻوليءَ بابت نئين انداز سان سوچڻ شروع ڪيو. ان جذباتي دؤر ۾ سراج صاحب ڪافي مؤثر ڪيپ ٽاهڻ ۾ ڪامياب ويو، پر جيڪڏهن ٿڌي دل سان سندس نظرئي تي ويچار ڪبو تہ ڪافي حقيقتون سندس راءِ جي ابتڙ ملنديون. اها هڪ ميڄيل حقيقت آهي تہ آريا جڏهن هت آيا تہ پاڻ سان هڪ ٻولي کڻي آيا، جنهن کي مڪاني ماهرن جي چوڻ مطابق سنسڪرت چيو ويو. لفظن جي مٽا سٽا تہ ٿي سگهي ٿي، جنهن جو ذڪر اسان اڳ ۾ بہ ڪري آيا آهيون. البت ايئن چوڻ تہ مورڳو سنسڪرت، سنڌي مان نڪتي آهي، سواءِ خوشفهمي جي ٻيو ڇا آهي؟ هئڻ تہ ايئن گهربو هو، جو دليلن سان ثابت ڪجي ها، تہ سنسڪرت تي سنڌي ٻوليءَ جي صرف ۽ نحو جو اثر آهي. ان کان علاوه اها ڳالهہ بہ يقين سان نٿي چئي سگهجي تہ لغت جي لحاظ کان سنڌيءَ جو سنسڪرت تي ڪهڙو اثر آهي. البت قياس ڪري سگهجي ٿو تہ جن لفظن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هنن جو مادو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنسڪرت مان آهي، انهن لاءِ ايئن بہ چئي سگهجي ٿو تہ اُهي اصل لفظ سنڌي جا آهن. هتي مان ذاتي خيال جي وضاحت ڪندو هلان تہ اِهو محض قياس يا امڪان آهي. حقيقت ان جي برعڪس آهي. موجوده لغات جي اپياس مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪافي لفظن جا بنياد سنسڪرت ٻوليءَ مان ورتل آهن.

سراج صاحب موهن جي دڙي مان لڌل مهرن جون جيڪي پڙهتيون مقرر ڪيون آهن، تن لاءِ بہ ڪا حتمي طور ڳالھ نٿي ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ تہ سراج الحق ميمڻ صاحب اُهي پڙهتيون پنهنجي ذاتي ذهانت ۽ قياس تي ڪيون آهن. انهن مهرن لاءِ پاڻ چوي ٿو تہ:

"موهن جي دڙي جي لپيءَ کي پيجڻ ۽ حل ڪرڻ جي جيڪا مون ڪوشش ڪئي آهي، ان لاءِ مونکي ڪا خوشفهمي نہ آهي تہ ڪا صحيح آهي. عين ممڪن آهي تہ قطعي غلط هجي، پر جيئن تہ اهڙن لپن کي حل ڪرڻ لاءِ سموريون ڪوششون تجربي جي ئي حيثيت رکن ٿيون ۽ مون بہ ان تي پنهنجي وس آهر پنج سال محنت ڪئي آهي، ان ڪري ان تجربي کي اوهان آڏو رکڻ کان ڪو نہ ٿو هٻڪان. ان جي صحت مطعلق فقط عالم ئي راءِ ڏيئي سگهن ٿا، جيڪي ان علم ۾ پڙ آهن. منهنجي ڪوشش جي پس منظر ۾ سنڌ ۽ سنڌيءَ جي قديم عظمت ۽ ان سان بي پناھ پيار آهي ۽ جيڪڏهن منهنجي اها ڪوشش ٿوري بہ صحيح نڪتي تہ آءٌ پاڻ کي خوش نصيب سمجهندس- ۽ جيڪڏهن غلط ثابت ٿي تہ افسوس ڪو نہ ٿيندم، ڇاڪاڻ تہ اهو منهنجو پيار جو پورهيو(Labour of love)آهي.(۲۳)

ان کان علاوه سراج الحق ميمڻ صاحب خود پنهنجي هڪ باب تان ڦري ويو آهي. پاڻ چوي ٿو تہ اِهو باب هن جذبات جي وهڪري ۾ لکيو هو.

بهرحال سراج صاحب وقت جي گهرج مطابق اِهو ڪتاب لکيو ۽ وقتي طور ان مقصد ۾ ڪافي قدر ڪامياب بہ ويو ۽ ادب بہ هڪ نئون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ولولو پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو.

هاڻي محترم ميمڻ صاحب، ان ڪتاب تي نظرثاني ڪري رهيو آهي، وقت جو انتظار آهي تہ هو ان ۾ ڪهڙيون ترميمون ۽ اضافا ٿو ڪري! پوءِ ئي سراج صاحب جي نظريي تي چڱي طرح بحث ڪري سگهبو.

# ڊاڪٽر غلام علي الانا جو نظريو

سنڌ جي نامور عالم ۽ لسانيات جي ماهر ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌي ٻولي ۽ ان جي موضوعن تي ڪافي عرصي کان پاڻ پتوڙيندو رهيو آهي. هن صاحب کي واسطيدار فيلڊ ۾ ڪي قدر فني ڄاڻ پڻ آهي. ان ڪري سنڌس راءِ کي يڪسر رد ڪرڻ تمام ڏکيو آهي. البت سنڌ جي ڪافي عالمن ۽ اديبن وٽ الانا صاحب بابت راءِ وزندار نہ آهي، سندس خيالن کي ڪا خاص اهميت نہ ڏني ويندي آهي. اِهي ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي، منهنجي ذاتي راءِ آهي تہ الانا صاحب سنڌي ٻولي جي اصل ۽ نسل بابت پاڻ چڱو موڪيو آهي. ان موضوع تي هن ۱۹۷۴ع ۾ "سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد" ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هن صاحب ڪافي محنت سان مختلف ڪتابن جي حوالي سان پنهنجي موقف جي وضاحت ڪئي آهي. ان کان علاوه، الانا صاحب جي اِها خوشبختي هئي، جو ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ، سرگريئرسن، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ محترم سراج الحق ميمڻ جا خيالات تفصيل سان سندس آڏو هئا. ان سان گڏ، ان وقت تائين سنڌي ٻولي، تهذيب ۽ تاريخ بابت ڪافي ڪتاب ۽ مقالا شايع ٿي چُڪا هئا، جن ڊاڪٽر الانا صاحب کي، سندس موقف کي وڌيڪ مدلل بنائڻ ۾ هٿي ڏني.

ڊاڪٽر الانا صاحب نہ صرف سنڌي ٻولي جي ساخت تي لکيو آهي، پر ان سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي صرفيات ۽ نحويات بابت بہ تفصيل سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکيو آهي، ۽ مثالن ۽ دليلن سان، سنڌي ٻوليءَ جو دراوڙي نسل سان واسطو ڏيکاريو آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا جي بقول، سندس خوش قسمتي هئي، جو کيس ڪالڊويل جو ڪتاب مليو. (٢٤)

ان ڪتاب (گرامر) ۾ نه صرف سنسڪرت ۽ دراوڙي ٻولين جي ڀيٽ ڪيل آهي، پر ڪالڊويل سنسڪرت تي دراوڙي اثرن جي اپٽار به ڪئي آهي. ان ئي ڪتاب ۾ سنڌي ٻولي جا مثال به ڏنا ويا آهن، ان سان گڏ سنڌي گرامر جي پهرين ليکڪ ڊاڪٽر ٽرومپ تي به تنقيد ٿيل آهي. اها ڳالهه اسان ان ڪري وضاحت سان لکي آهي، جو ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي تحقيق جو گهڻو تڻو مدار- ڪالڊويل جي لکيل گرامر تي رکيو آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي موقف جي تفصيلي اپٽار ڪرڻ کان پوءِ جيڪي نتيجا ڪڍيا آهن. اُهي هن ريت آهن:

(i) آرين جي اچڻ کان اڳ، برصغير ۾ دراوڙي ٻوليون چالو هيون. انهيءَ ڪري چئبو ته سنڌو ماٿر ۾ به آرين جي اچڻ کان اڳ ڪا غير آريائي ٻولي چالو هئي. انهيءَ آڌار تي چئبو ته موهن جي دڙي واري ٻولي به ڪا قديم دراوڙي ٻولي هئي.

(ii) موهن جي دڙي واري قديم تهذيب ۽ قديم ٻولي، دراوڙي تهذيب ۽ دراوڙي ٻولي جي نشاني آهي.

(iii) سنڌي ٻوليءَ جو صوتياتي نظام، دراوڙي ٻولين جي صوتياتي نظام سان هڪجهڙائي رکي ٿو.

(iv) سنڌي ٻولي جي صرفيائي ۽ نحوي سٽاءُ، دراوڙي ٻولين جي صرفيائي ۽ نحوي سٽاءَ ۾ هڪجهڙائي آهي.

(v) سنڌي ٻولي بنيادي طور غير-آريائي ٻولي آهي، جنهن کي سنڌو ٻولي يعني سنڌي ٻولي چئي سگهجي ٿو، جا بنيادي طور توراني ٻولين جي خاندان سان واسطو رکي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(vi) فنس ۽ روسي ماهرن جي راءِ موجب، دراوڙي ٻولين ۽ موهن جي دڙي جي قديم ٻوليءَ ۾ هڪجهڙائي آهي. تنهنڪري ايئن چئبو تہ دراوڙي ٻولين جي موهن جي دڙي جي ٻوليءَ سان ڪا نسبت آهي. اُهي ماهر انهيءَ راءِ جا آهن تہ موهن جي دڙي جي ٻولي، دراوڙي ٻولين جو بڻ بنياد آهي.

(vii) جيڪڏهن ڪالڊويل جي راءِ موجب، دراوڙي ٻوليون "سٿين ٻولين" جي معرفت توراني خاندان سان هڪجهڙائي ئي رکن ٿيون، تہ پوءِ هيئن چوڻ نہ جڳائي تہ دراوڙي ٻولين جو بڻ بنياد موهن جي دڙي واري ٻولي آهي، ۽ موهن جي دڙي واري ٻولي يعني سئنڌوي ٻولي (سئنڌوي ٧ سندوي ٧ سنڌي) جو بنياد توراني ٻوليءَ سان واسطو رکي ٿو.

(viii) سنڌي ٻولي آرين جي اچڻ کان اڳ، موهن جي دڙي واري قديم تهذيب جي ٻولي هئي، جنهن تي پهرين داردي ۽ ايراني سرحد وارين ٻولين جو اثر ٿيو، ۽ ان کانپوءِ سنسڪرت جو، پوءِ پاليءَ جو. انهيءَ لحاظ سان سنڌي ٻولي جو شجرو هن ريت بيهندو:




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ix) مختلف ٻولين جي اثر جي باوجود سنڌي ٻولي جو صرفي ۽ نحوي سٽاءُ گهڻو ڪري ساڳيو رهيو. البت ٻوليءَ جو لفظي خزانو گاڏڙ بنجي ويو.

انهن نتيجن ڪڍڻ کانپوءِ ڊاڪٽر الانا صاحب آخري فيصلو هن ريت ٻيهاري ٿو:

”مٿين نتيجن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي غير-آريائي ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون موهن جي دڙي جي قديم تهذيب ۾ کتل آهن ۽ جيڪا ساڳي موهن جي دڙي واري قديم ٻولي آهي، جا سنڌو ۷ سنڌوي- سندوي مان روپ بدلائيندي سنڌي سڏجڻ لڳي آهي، جا مختلف ٻولين کان اثر وٺندي، جيئندي، پنهنجن خوبين ۽ انوکين ڳالهين کي پاڻ بچائيندي ۽ محفوظ رکندي، اڄ به پنهنجي انفراديت قائم رکيو بيٺي آهي.“(۲۵)

ڊاڪٽر الانا جي نظرئي ۾ ٻه ڳالهيون اهم آهن: هڪ ته ”موهن جي دڙي واري ٻولي به ڪا قديم دراوڙي ٻولي هئي.“ ٻيو ته ”دراوڙين ٻولين جو بڻ بنياد موهن جي دڙي واري ٻولي آهي.“

ڊاڪٽر صاحب جي انهن اهم ڳالهين بابت اسان جي راءِ اِها آهي ته سڀ کان پهريائين ان ڳالھ جو تعين ٿيڻ گهرجي ته موهن جي دڙي واري تهذيب ڪا خالص دراوڙي تهذيب ته نه آهي؟ اسان اڳ ۾ ئي بحث ڪري چُڪا آهيون ته دراوڙ به سنڌو ماٿري ۾ ڪافي پوءِ آيا، انهن جي آمد کان اڳ هتي ڪولن ۽ سنٿالن جي صاحبي هئي، هنن وٽ هڪ زبان رائج هئي، ان کان سواءِ ڪولن ۽ سنٿالن وٽ ڳڻپ جو سرشتو به رائج هيو، جنهن لاءِ ايترو ئي چئي سگهجي ٿو ته ابتدائي دور جي لحاظ کان انساني عقل جو عروج هيو، ڇاڪاڻ ته ڳڻپ جي ايڪائين جو نتيجو هميشه هڪجهڙو هوندو آهي يعني ۵+۵=۱۰ ٿيندو. اهڙي سرشتي جي اختراع يقينن هر وجھ قابل داد آهي. ان کان علاوه ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرشتي تي گهري نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته ڪولن ۽ سنٿالن جي ڳڻڻ جو جيڪو طريقو هيو، يعني ويهن تائين ڳڻڻ، (ان دور ۾ ڳڻڻ جو وڏو ايڪو ويه هوندو هو.) ان کي پوءِ ٻين قومن خاص طرح آرين عمل ۾ آڻيندي حالتن موجب وڌايو ۽ يورپي قومن آرين جي اُهل ڪئي. ان جو وڏو دليل اهو آهي ته سنسڪرت، عربي، فارسي ۽ ٻين يورپي ٻولين ۾ ويهن تائين ڳڻڻ وقت اڳ ۾ ايڪا پوءِ ڏهاڪا استعمال ٿين ٿا، البت ويهن کان پوءِ هنن اڳ ۾ ڏهاڪا پوءِ ايڪا اختيار ڪيا. مثال انگريزي ۾ تيرهن کي thirteen ۽ چوڏهن کي fourteen ۽ ويهن کان پوءِ ايڪيهن کي Twenty one، ٻاويهن کي Twenty two اهڙي طرح ايڪٽيهن کي thirty one چون ٿا.

ته اهڙي مهذب قوم جي ڪلچر ۽ ٻولي کي ڪنهن به ليکي ۾ نه ڪٿڻ نا انصافي ٿيندي، ٻيو ته غير ملڪي ماهرن، موهن جي دڙي جي تهذيب بابت جيڪا راءِ قائم ڪئي آهي، اُها به اڃا تحقيق طلب آهي، ڇاڪاڻ ته دراوڙن، ڪولن ۽ سنٿالن جي راڄڌاني تي اڃي قبضو ڪيو هو. هنن جي ٻولي ۽ ثقافت کي فاتح قوم جي فلاسافي مطابق نفرت لائق سمجهي ڌڪاري ڇڏيو هو. اِهو به ٿي سگهي ٿو ته انهن جي ڪلچر کي نيست ڪري ڇڏيو هجي، جهڙي ريت عرب جڏهن سنڌ تي ڪاهه ڪري آيا ته هنن پنهنجي ڪلچر کي ڪافي تقويت ڏني هئي ۽ هتان جي مڪاني تهذيب ۽ ٻولي کي تاراج ڪري ڇڏيو هو. اهڙي ريت احمد شاهه ابدالي ۽ نادرشاهه مسلمان جابر حاڪمن به سنڌي ثقافت ۽ ٻولي کي ڪاپاري ڌڪ هنيو هو. هنن هتان جا ڪتب خانا ساڙائي ڇڏيا ۽ قيتي ڪتاب پاڻ سان کڻي ويا هئا، ته انهن حاڪمن عربي ۽ فارسي کي سرڪاري زبان طور رائج ڪيو ۽ شاهي دفترن ۾ عربي ۽ فاسي لکي پڙهي ويندي هئي. سنڌي ٻولي ۽ تهذيب کي ڪنهن به ليکي نه آندو ويندو هو. جيڪڏهن ان سمي ڌاران ڪو طوفان اچي يا ڪا اهڙي آفت اچي جو سڀ ڪجهه تلف تاراج ٿي وڃي، چند سالن کانپوءِ انهن کنڊرن جي کوٽائي ڪئي وڃي ته ان بابت ڪهڙا نتيجا ڪڍيا ويندا؟

انهيءَ لحاظ کان اسان ان راءِ جا آهيون ته سنڌو ماٿري جي قديم تهذيب ۽ ٻولي ڪولن ۽ سنٿالن واري آهي، جنهن دراوڙي دور ۾ ترقي ڪئي ۽ آرين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحبيءَ ۾ عروج حاصل ڪيو. اسان جي خيال ۾ موهن جي دڙي جي تهذيب کي خالص دراوڙي تهذيب ڪوٺڻ به غلط ٿيندو، ڇاڪاڻ ته دراوڙن تي آرين جو جيڪو غلبو رهيو ۽ هزارين سال هنن حڪومت ڪئي، انهن اثرن کي ڪهڙي کاتي ۾ شمار ڪيو ويندو؟

ڊاڪٽر الانا جو ٻيو خيال، جيڪو هن ڪالڊويل جي آڌار تي بيان ڪيو آهي. اهو آهي ته "جيڪڏهن دراوڙي ٻوليون 'سٿين ٻولين' جي معرفت توراني خاندان سان هڪجهڙائي رکن ٿيون ته پوءِ هيئن چئو نه چئجي ته "دراوڙين ٻولين جو بڻ بنياد موهن جي دڙي واري ٻولي آهي."

ان طرح سان ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب اسان جي منطقي خيال جي تائيد ڪري ٿو، ته موهن جي دڙي جي ٻولي اوليت رکي ٿي، اتان پوءِ ٻيون ٻوليون ڦُٽي نڪتيون، يا جيڪڏهن دراوڙ فاتح جي صورت ۾ آيا ته هنن مڪاني زبان جي علمي حيثيت کي ميجيو ۽ ان ۾ معمولي اضافا آڻي، سرڪاري زبان طور، پنهنجي حڪومت واري دور ۾ رائج ڪيو. جتان پوءِ واپاري ٽولا، اُها زبان ۽ تهذيب ڦهلائيندا رهيا، جيئن ته دراوڙ حاڪمن جي صورت ۾ هئا ته هنن اُنهي مڪاني محاوري کي پنهنجي نالي سان ڳنڍيو ۽ ان جو نالو 'دراوڙي زبان' رکيو، جيڪو پوءِ تاريخ ۾ ايئن ئي دهرائبو رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مختلف لهجا

مٿي اسان سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي تفصيل سان بحث ڪري آيا آهيون. هاڻي هيٺ انجي مختلف لهجن تي پنهنجا ويچار پيش ڪيون ٿا.

سڀ کان پهريائين اهو ڏسون ته 'لهجو' ڇا آهي ۽ اهو ڪيئن ٿو جڙي؟

سنڌي ٻوليءَ ۾ لهجي لاءِ مختلف اصطلاح استعمال ٿين ٿا. جهڙوڪ: محاورو، اپڀاشا ۽ آراڏايون. محاورو قديم اصطلاح آهي، جيڪو گهڻي ڀاڱي گڏيل هندستان ۽ ان کان پوءِ جا اديب استعمال ڪندا هئا. جن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي، علامه عمر بن محمد دائود پوٽو، مرزا قليچ بيگ، فتح محمد سيوهاڻي، ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وغيره-ان کان پوءِ جڏهن سنڌ ۾ لسانيات تي ڪم ٿيو ۽ سنڌي ٻوليءَ تي جديد لسانيات جي لحاظ کان تجزيو ڪيو ويو، هر هڪ اصطلاح تي غور ڪيو ويو ۽ انجي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي وئي ته ڪافي اصطلاح ترڪ ڪيا ويا ۽ محاوري جي جاءِ تي "لهجو" استعمال ٿيڻ لڳو. حقيقت ۾ جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي ته معلوم ٿيندو ته 'محاورو' لهجي (Dialect) جو ٻه هڪ ننڍو يونٽ آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ (Colloquial) چئجي ٿو.

جڏهن ته "آراڏايون" سنڌ جي نوجوان محقق ۽ انگريزيءَ جي پروفيسر محمد عمر چند استعمال ڪيو آهي، هو پنهنجي ڪتاب "لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڏايون" ۾ ان اصطلاح جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لهجا هڪ محدود خطي جي باقاعدي ٻولي وانگر هوندا آهن، انهيءَ ڪري تہ هنديءَ ۾ ٻوليءَ ڪي 'ٻاشا' ۽ لهجي کي 'اُپڀاشا' چيو ويجي ٿو. اُپ جي معنيٰ آهي: ننڍو يا ننڍي، جيئن اُپکنڊ = ننڍو کنڊ، اُپ ڀيٽ = ننڍو ڀيٽ وغيره.

لهجي جي لساني جائزي مان معلوم ٿيندو تہ ان جي گرامر جا اصول ۽ فني ساخت، سنڌس اصولوڪي ٻولي جهڙا هوندا آهن، گهڻي قدر انجي ڍنگ، ڍار ۽ اچارَ ۾ ٿورو گهڻو فرق هوندو آهي تہ وري ڪن لهجن ۾ جمع واحد ۽ فعلي ترڪيبن ۾ بہ ٿورو گهڻو فرق هوندو آهي. مثال طور معياري لهجي مطابق ڪٽ جو جمع ڪـٽون، چنگھ جو جمع چنگهون آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي اُترادِي لهجي مطابق ڪٽ جو جمع ڪٽان ۽ چنگھ جو جمع چنگهان آهي. اهڙي طرح معياري محاوري مطابق چئبو آهي تہ 'ڪيڏانهون پيو اچين' تہ شڪارپوري لهجي ۾ ان جي ادائگي هن طرح ٿيندي. 'ڪاڏهون ٿو اچين؟' وري ڪشمور ۽ اوٻاوڙي واري پاڳي ۾ چون: 'ڪاڏون ايندو پيو آن'.

## لهجا ڪيئن ٿا جڙن

لهجن جڙڻ جا ڪي خاص سبب ٿين ٿا، جن جي اپٽار هيٺ ڪجي ٿي:

عام طور سنڌي ۾ چوٽي آهي تہ "ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي" يا "جهڙو چراغ تهڙو جرڪ، ٻوليءَ ٻوليءَ فرق." يعني چراغ ۽ جرڪ هڪ ئي شيءِ آهن، صرف مختلف محاوري ڪري انهن جي اکري اچار ۾ فرق آهي. اهڙي طرح "ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي" وارو پهاڪو ان دؤر جي عڪاسي ڪري ٿو، جڏهن سنڌ ۾ آمدرفت جا وسيلا تمام محدود هوندا هئا. ٨-٩ ڪوهن تائين ويحڻ لاءِ بہ ماڻهو مانيون ٻَڌي نڪرندا هئا. انڪري ٻارهن ڪوهن تي بہ ٻولي مختلف نظر ايندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. ان پهاڪي جي پس منظر ۾ سنڌ جي سماجي ۽ معاشي حالتن جو پڻ وڏو اثر آهي. ميراٽي دؤر کان اڳ سنڌ ۾ مڪمل جاگيرداري وارو نظام رائج هو.

آمدني جا ذريعا تمام محدود هئا، ٻارهين مهيني يا ٻئي سال ڪو ڪنهن وٽ مهمان ٿي لڙي ويندو هو، نه ته ٿيو پيلو. هر ڳوٺ ڪنهن ڍنڍ، تلاءُ يا ناري ڪناري آباد هوندو هو يا وري پاڻي لاءِ وڏا کوهه کوٽيل هوندا هئا. ڳوٺ جي سامهون زمين جا ٻه چار لڪر هوندا هئا، جتان سيڪو ان ڦار پيو آڻيندو هو. هر ڪنهن کي ٻه چار ٻنا زمين جا ۽ مال لڪر هوندو هو، نه ڪنهن کان ان ولبو نه پاڻي، مارو ماڻهو تمام سادي، زندگي گذاريندا هئا. نه ڪنهن جي ٻن ۾ نه ٽن ۾، سيڪو ٻني ٻاري، مال متاع سان خوش گذاريندو هو. ڪورٽن جا منهن ڪنهن نه ڏٺا هئا. اڄ جيان اجايو سياسي ڦڏڻ ۾ ڪو ڪونه پوندو هو. هر ڪو ڪٽي ليکي پيو زندگي بسر ڪندو هو. شاديون مرادون ٻه پنهنجن ۾ ٿينديون هيون، ڪنهن کي سوٽ، ماسات ته وري ڪنهن کي ڀڳات. ايجان ٻه جي اهڙي ڳالهه ٿيندي هئي ۽ ويجهن عزيزن ۾ ڪو وياءُ نه هوندو هو ته پوءِ نانگ ۽ ڏاڏنگ ڏسبا هئا. جهڙو تهڙو پنهنجو ڪٽبو هو. اڄ جيان شهرن مان ڪو موملون پرڻجي ڪو نه ايندو هو، جو باقي زندگي زهر ٿي وڃي. انهيءَ ڪري سنڌيءَ جو پهاڪو جڙيو ته ”اڳڻ ۾ جاءِ هجي ته هوهُر ٻاهر ڦٽاڻه ڪجن.“ ماڻهن ۾ ٻه شُناس جا ٻنان هوندا هئا عزت هئي، غيرت هئي، ننگ کي ننگُ ڪري ڏسندا هئا. اڄ ڪلهه جيان فلمي شاديون ڪو نه ٿينديون هيون.

اهڙي سماجي سٽاءُ ۾ اٿڻ ويهڻ بلڪل محدود هوندو هو. عام طور تي اهو چيو ويندو هو ته سومرا يا ابڙا وغيره. ڌارين ۾ سنگ نه ڏيندا يعني پنهنجي ذات کان ٻاهر سنگابندي ڪا نه ڪئي ويندي هئي. ”آلي تي آلو، ڪارو نه ڪٽو.“ مٽي سٽي سنگ ڪندا هئا، جي سنگ ننڍو هوندو هو ته ڪجهه وقت انتظار ٻه ڪندا هئا. ڪن صورتن ۾ ننگ ڪندا هئا. جو اڳلي کي ڪا ڇوڪري ٻا ڪري نه هوندي. ڪي وري جنڊو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڙو لکي ڏيندا هئا. مطلب تہ ان سماج جون نراليون ريتون هيون، جن مطابق ٺي زندگيءَ جو گاڏو پيو گهلبو هو. اهڙي طرح وري بلوچ غير بلوچ کي بہ سنگ نہ ڏيندا هئا. سيد تہ شروع کان وٺي اڄ تائين پاڻ ۾ سنگا بنديون ڪندا اچن، البت غير سيدن مان هاڻي شاديون جام پيا ڪن.

اهڙي محدود سماجي حالتن ۾ پارهين ڪوهين ٻولي نہ ڦرندي تہ پيو ڇا ٿيندو؟ البت اڄ حالتون تقريباً مختلف آهن. جديد دؤر ڪري سماجي حالتن تمام گهڻو ڦيرو ڪاڏو آهي. سنڌ سماءَ جا وسيلا، آمد رفت جون سهولتون، ريڊيو، ٽي وي، وي-سي-آر ڳوٺن تائين پهچي ويون آهن. سماجي شعور سان گڏ سياسي سجاڳي ۾ بہ ڦيرو آيو آهي. لاطيني آفريڪا ۾ بہ جيڪڏهن ڪو هڪ ماڻهو ماريو ويجي ٿو تہ انهيءَ جي خبر شام تائين پهچي ويجي ٿي ۽ مختلف تنظيمون ان تي ويچار ڪن ٿيون. اهڙي ظلم ۽ بربريت خلاف نفرت جو اظهار ڪن ٿيون. ماس ميڊيا(Mass Media) ذريعي سڄو معاشرو ڳنڍيو پيو آهي. ان ڪري ٻوليءَ ۾ هڪجهڙائي ٿيڻ اوس آهي. هينئر جتي جتي ماس ميڊيا جو اثر آهي. اُتان آهستي آهستي لهجن جا فرق مٽجندا وڃن ٿا. اڳ اسڪول ڪو نہ هئا، هينئر تقريباً هر ڳوٺ ۾ اسڪول آهن، ۽ درسي ٻوليءَ جو مقامي محاوري تي پڻ اثر پوي ٿو، جنهن ڪري بہ لهجن جا فرق گهٽبا رهن ٿا.

## لهجن ٺهڻ جا پيا سبب:

لهجن جي تقسيم لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ "ٻوليءَ جي مختلف لهجن ۽ محاورن تي بحث ڪندي، اهو ثابت ٿو ٿئي تہ ڪنهن بہ ملڪ، صوبي يا خطي جي ٻولي، ان جي لهجن ۽ مختلف لهجن ۾ ڪم ايندڙ محاورن جي تقسيم لاءِ ڪي اصول مقرر ٿيل آهن، جيڪي علم السان جي ماهرن وڏي محنت سان ٺاهيا آهن. اُهي اصول هي آهن:

١-حاڪمن جي ٻولي هجڻ

٢-ساڳي حڪومت

٣-سياسي حالتون

٤-سماجي ۽ مذهبي ميل جول

٥-وڻج واپار ۽ سياسي ناتا

٦-ساڳيون جاگرافيائي حالتون

٧-ساڳيون رسمون ۽رواج

٨-باهمي شاديون

٩-آباديءَ جي لڏ پلاڻ (٢٨)

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڪتاب، سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي ۾، انهن اصولن جي چڱي طرح وضاحت ڪئي آهي. ٻين لفظن ۾ لهجن جي ورڇ(Classification) ڪئي آهي. پر اسان جو خيال اِهو آهي ته: حڪومون به ساڳيون هجن، معاشرا نه ساڳيا هجن. مذهبي ناتا به هجن ۽ پاڻ ۾ شاديون مرادون به ٿينديون رهن، پر ان ڪان سواءِ به نوان لهجا ۽ محاورا نهي سگهن ٿا. ان لاءِ سڀ ڪان وڏو سبب آهي؛ آمدورفت ۽ جاگرافيائي بيهڪ. مثال طور ڪڇ سان اسان جا سڀ ناتا رهن، پوءِ به پنڌ اٺانگهو آهي، ان ڪري اچ وڃ ۾ ايتري سهوليت نه رهندي. لازمي طور ماڻهو مقامي شيون استعمال ڪندا. ٻين ماڻهن سان اچ وڃ گهٽ رهندي. يا لسپيلي ڏانهن جبلن ڪري اچ وڃ گهٽ آهي. اهڙي طرح ڪو قبيلو سمنڊ جي پيٽ تي رهي ٿو يا وچ ۾ ڪا نندي اچي وڃي ٿي ته لازمي طور ماڻهن جي اچ وڃ محدود ٿي ويندي ۽ محاوري جو لهڻ فطري هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ٻوليءَ جا لهجا

طبعي طور سنڌ ھيٺين ڀاڱن ۾ ورهايل آهي:

١-سرو يعني سنڌ جو اتريون يا مٿيون ڀاڱو

٢-لاڙ يعني هيٺيون ڀاڱو

٣-وچولو يعني وچوارو حصو

ان کان علاوه ڪڇ ۽ لَس (لسٻيلو) به لساني جاگرافيءَ جي لحاظ کان سنڌ جا حصا آهن. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جا مکيه لهجا ٿيا:

سرائڪي، وچولي، لاڙي، ڪڇي ۽ لاسي.

## سرائڪي:

ڪلهوڙن جي دؤر تائين ملتان ۽ بهاولپور سنڌ جا حصا رهيا، نه صرف ايترو بلڪ پنجاب جي گيزيٽيئر ۾ خود ڄاڻايل آهي ته بهاول پور رياست ڪلهوڙن جي سؤلن دائود پوٽن اَڏائي هئي. اُتي سرائڪي عام جام ڳالهائي ويندي آهي.ان کانسواءِ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي گهرن ۾ سنڌيءَ سان گڏ سرائڪي ڳالهائي ويندي هئي. اسان جي ڪلاسيڪي شاعرن جهڙوڪ: سچل، بيدل، بُلي شاهه، حمل ۽ رکيل شاهه سرائيڪيءَ ۾ شعر چيو آهي. اڄ به سنڌ ۾ سرائڪي عام جام ڳالهائي وڃي ٿي. ڪن عالمن سرائڪيءَ کي الڳ زبان جو درجو ڏنو آهي، ته ڪي وري ان کي پنجابيءَ جو لهجو ڪري شمار ڪن ٿا. پر حقيقت اِها آهي ته سرائڪي اصل ۾ سنڌي ٻوليءَ جو لهجو آهي.

سرائڪي لهجي جا ڪجھ مثال:

١-ننگڙا ٿماٽي دا جيوين تيوين پالڻا.

٢-تيڏا گهر ميڏي گهر دي نال اي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣-خدا ڪري سنڌ سدا آباد هوسي.

## شڪارپوري:

شڪارپوري لهجي لاءِ ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو تہ "ٻولي تہ شڪارپور جي[1] جهڙي آهي سٻڪ سوادي، ٺهڙي آهي، مٺي رسيلي. واه جو منجهس مِٺاج آهي. انهيءَ ٻوليءَ سان سنڌ جي، ٻئي ڪهڙي بہ هنڌ جي ٻولي مِٺاج ۾ مٽ ٻنجي ڪين سگهندي."(٢٩)

برابر شڪارپور جي لهجي ۾ لفظن جي ڊار ۽ اسم تصغير ڪري، مِٺاج گهڻو آهي. مثال طور

١-پايڙا هتڙي ويهُ

٢-ادڙا شهر مان مٺائڙي تہ ورتيون اچجانءِ.

٣-مٺڙا خطڙو تہ لکي ڏي.

## وچولي:

سري ۽ لاڙ واري ڀاڱن جي وچواري حصي کي 'وچولو' سڏجي ٿو. انجون حدون ضلعو نوابشاه، لاڙڪاڻي ضلعي جا قمبر علي خان، واره، ڏوڪري تعلقا ۽ دادو ضلعي جو وڏو ڀاڱو اچي وڃي ٿو. ضلع نوابشاه خاص طرح نوشهرو فيروز درٻيلو واري پٽي کي 'سا هتي پرڳڻو' ڪوٺيو وڃي ٿو. ان کان علاوه سيوهڻ جي قديم ۽ پوءِ واري آبادي. ان لهجي جي قدامت ۽ ساخت جون ڪڙيون آهن. اهو لهجو سنڌي ٻولي جو معياري لهجو سڏيو وڃي ٿو ۽ درسي توڙي تقرير ۽ تحرير ۾ اهو لهجو استعمال ڪيو وڃي ٿو. انجو هڪ خاص سبب اهو بہ آهي تہ جڏهن ١٨٥٣ع ۾ انگريزن سنڌي ٻوليءَ جي صورت خطي جوڙڻ لاءِ ڪاميٽي ٺاهي هئي تہ ان جا ميمبر گهڻي ڀاڱي ان خطي جا هئا، خاص طرح حيدرآباد جا عامل. انڪري ان لهجي کي وڏيڪ شرف مليو. جيئن تہ عام وهنوار ۾ اهو لهجو آهي، ان ڪري مثالن ڏيڻ جي ضرورت نہ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال اِهي علائقا سنڌ جي بادشاهن جي تسلط هيٺ رهيا آهن، ان ڪري جيڪا اُتي ٻولي ڳالهائي ويجي ٿي، ان تي سنڌي جو تمام گهڻو اثر آهي. اتي جون ريتون رسمون به سنڌي معاشري جهڙيون آهن. اتان جا سوڍا سنڌي نسل آهن ۽ اجا تائين اُتي ڪافي سنڌي ذاتيون جهڙوڪ، جاڙيجا، سما، ابڙا، لوهڻا، جوٽيجا، سومرا، جت وغيره رهن ٿا. انهن جي سماجي زندگي هوبهو اسان جي سماجي زندگي جهڙي آهي.

ڪڇي لهجي جا ڪجھ مثال اسان پوهڻي هيرانندائي جي ڪتاب مان ولون ٿا، جيڪي تمام تازا مثال آهن. پوهڻي لکي ٿي:

"لکپت ۽ گرنار ته صفا زبون حالت ۾ هئا، اصل سرن جا ڍير ۽ پترن جا ڍگ! لوڻ مرچ وڪڻندڙ دڪاندارن کان پڇيوسين، "ڀائي! لکپت–بندر جو اهڙو حال ڇو ٿيو آهي؟"

چيائون: "سائين موُجا! ڪيري ڳال ٿا پُڇو؟ ملڪ وِريو، ڪراچي ڪسي ته وِيوپار ويو. هاڻ گرن کي لائي ڪُرو ڪبو." (سائين منهنجا! ڪهڙي ڳالهه ٿا پڇو؟ ملڪ ورهيو ڪراچي ڪسجي وئي، ته واپار به ويو. هاڻي گهرن کي لاهي ڇا ڪبو.)(٣١)

اِها آهي ڪڇي ٻولي؛ ڏنائينس کي چون ڏنيس، ڪهڙو کي ڪيرو، ڪاٺ کي جهمڻ، جبل کي ڏونگر، بابو کي ٻاپو، زال کي ٻائي يا ٻايڙي.

ڪڇي لوڪ گيتن ۾ هو جمالو کي ڪڇي لوڪ گيت ڪري ڇاٿايو ويو آهي. جنهن لاءِ مثال ڏنا ويا آهن ته؛

اسين ماڻهو ڪڇ جا–هو جمالو

منا ماڙهو ڪڇ جا– هو جمالو

ڪارا ڏونگر ڪڇ جا–هو جمالو

اهڙي نموني ڪاليواڙ علائقي جو لهجو به سنڌيءَ جو لهجو آهي. اڄ به اُتي پراڻي زماني کان ولي اوڏ، جت، رنگريز، لوهاڻا، خواجه، ميمڻ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندستان ۾ تہ هاڻي لکين ڪٽنمب رهن ٿا، جيڪي خالص سنڌي ڳالهائين ٿا، اهڙي طرح هانگ ڪانگ، سنگاپور، سريلنڪا، ڪئنيڊا، آمريڪا، برطانيا، جپان، آفريڪا، ڪئنري آئلنڊس، دبئي، سعودي عرب، ۽ دنيا جي ٻين ڪيترين ئي ملڪن ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي.(٣٢)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻوليءَ جون خوبيون

تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻولي جو شمار هندستان جي قديم ترين زبانن مان آهي، ڇاڪاڻ تہ هن کي پنهنجي تاريخ آهي. پنهنجا منفرد قاعدا ۽ اصول آهن. پنهنجي نرالي اندروني ساخت آهي. پنهنجا گرامر ۽ لغت جا ضابطا ۽ قاعدا آهن. جيڪڏهن ڏٺي نظر ڪبي ۽ انجي اصل نسل تي ويچبو تہ دنيا جي آڳاٽين ٻولين ۾ ڳڻي ۾ ايندي. موهن جي دڙي جو خط انهيءَ جو ثبوت آهي. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ سنڌي ٻوليءَ تي جديد لسانيات جي لحاظ کان ڪو بہ ڪم نہ ٿيو آهي. اهڙي اُمله ٻوليءَ لاءِ باقاعده ادارا هجڻ گهرجن، جيڪي ڪُل وقتي، انهيءَ جي خوبين ۽ خصوصيتن تي ويهي ڪم ڪن. هاڻي واءُ سڻائو گهليو آهي ۽ موجوده حڪومت "سنڌي لينگويج اٿارٽي" لاهڻ ۾ مخلص نظر اچي ٿي. منهنجا اِهي وڏا ڀاڳ آهن، جو انهيءَ اٿارٽيءَ جي بنيادي خاڪي لاءِ سرڪاري طور مونکي چيو ويو آهي. انشاءَالله جڏهن اِها اٿارٽي لهي بيهندي تہ سڀ سٺايون ٿي وينديون ۽ جيئن اسانجو ورهين جو خواب آهي، تہ انشاءَالله سنڌي امڙ (ٻوليءَ) تي هر لحاظ کان جديد علمن جي روشنيءَ ۾ ڪم ٿيندو.

هاڻي اچون ٿا اصل موضوع تي. سڀ کان ٻهريون اهو ڏسون تہ ٻاهريان عالم، ٻوليءَ جا ماهر اسان جي جيجل لاءِ ڪهڙي ٿا راءِ رکن.

انگريزن جي دؤر ۾، سنڌي ٻولي ۽ ادب تي ابتدائي ڪم ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سورتخطي لاءِ هڪ ڪاميٽي ويهاري وئي. انهيءَ ۾ انگريزن پاران ٻه ٻوليءَ جا ماهر مقرر ڪيا ويا هئا. هڪ ڪيپٽن رچرڊ برٽن ۽ ٻيو ڪيپٽن اسٽئڪ.

ڪيپٽن اسٽئڪ اُهو عالم هو، جنهن سنڌي ٻوليءَ جو باقاعده مطالعو ڪيو هيو ۽ هن ڪاميٽي پاران ١٨٥٣ع ۾ جوڙيل سورتخطي کان اڳ، هڪ لغت 'انگريزي-سنڌي' (١٨٤٨ع) شايع ڪرائي هئي. ان ڪانپوءِ جڏهن سرڪاري طور لپي جڙي ته انجي سختيءَ سان مخالفت ڪيائين. سندس راءِ هئي ته ديوناگري خط، سنڌي ٻوليءَ لاءِ نهايت موزون آهي، انڪري جڏهن ١٨٥٤ع ۾ ٻي لغت 'سنڌي-انگريزي' شايع ڪرايائين ته انجو خط به ديوناگري رکيائين. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جي قاعدن لاءِ هڪ انگريزي ۾ گرامر به لکيو هيائين. اهو صاحب سنڌي ٻوليءَ لاءِ پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته:

I was hither proud of English language as I considered, it was more beautiful and very copious language in the world, but it was realy vain of me. When I learnt Sindhi. I found reduplicated casual verbs and other points that give to sindhi, beauties distinct from most Indian tongues.(33 )

انڪان پوءِ سنڌ جي محسن، جڳ مشهور ٻوليءَ جي ماهر ۽ مشرقي علمن جي ڄاڻو ڊاڪٽر ارنسيٽ ٽرومپ جي راءِ ڏيون ٿا، جنهن ١٨٦٤ع ۾ سرڪار کان خاص موڪل ولي، پنهنجي ڳوٺ لهسيا، جرمنيءَ ۾ وڃي ٻه سال هيڪاندو ويهي شاه تي ڪم ڪيو ۽ سڀ کان اڳ ۾ رسالي شايع ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيو.

موصوف ١٨٧٢ع ۾ پڻ سنڌي ٻوليءَ بابت انگريزي ٻوليءَ ۾ گرامر لکيو، جنهن جي اها اهميت آهي، جو جڏهن سنڌي ٻولي ۽ تاريخ جي ماهر ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ١٩٢٥ع ۾ سنڌي 'وڏو ويا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ' لکيو تہ انجي مهاڳ ۾ اهو ڄاڻايو اٿائين تہ هن کي سڀ کان وڌيڪ مدد ڊاڪٽر ارنسيٽ ٽرومپ جي گرامر مان ملي آهي. ان گرامر جي هڪ ہي خوبي اها بہ آهي تہ ان ۾ مثال گهڻي قدر شاهہ سائين جي بيتن مان ورتل آهن. اسمن، ضميرن کان وٺي صرفي ۽ نحوي ترڪيبن لاءِ شاهہ جي رسالي مان مثال ورتا ويا آهن، جيڪو هڪ سونهري مثال آهي، جنهن تي اڳتي هلي ڪاڪي ڀيرومل ۽ ويجهي دؤر ۾ واحد بخش شيخ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي صرف-نحو' ۾ عمل ڪيو ۽ شاهہ جي رسالي مان وڌ ۾ وڌ مثال ڏنا آهن، ان کانپوءِ سچل، سامي ۽ بيدل وغيره جي شاعري کي بہ مثال طور پيش ڪيو اٿائون.

ڊاڪٽر ارنسيٽ ٽرومپ سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي گرامر' ۾ لکي ٿو:

Sindhi is pure Sanskritical language more free from foreign elements than any other of the North-Indian Vernaculars. The old Prakrit grammarians many have had their good reasons to designate the Apabhrnsha dialect,from which the modren Sindhi is immediately derived, as the lowest of all the Prakrit dialects, but if we compare now the Sindhi with its sister tongues, we must assign to it, in a grammatical point of view, the finest place among them. It is much more Closely related to the old prakrit then the Marhati, Hindi, Punjabi and Bengali of our days and it has perserved an exuberance of grammatical forms, for which all its sister may well envy it, for while all the modren vernaculars of India are already in a state of Complet decomposition. The old venerable mother tongue being hardly recognisable in her degenerate daughters the sindhi has, on the Contrary perserved most

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

important fragments of it and erected for it self a grammatical structure, which surpasses in beauty of execution and internal harmony byfar the loose and levelling Construction of its sisters.(34 )

جان بيمس کي سنڌ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ايترو وقت نہ مليو ۽ البت هن هڪ ڪتاب Comparative Grammar of modren Aryan Languages of India. لکيو. ان ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ:

The most advansed language is Hindi, which is closely followed by the Punjabi and Gujrati........Sindhi ranks next in the matter of development. It is rough language loving thorny paths of it's own, but there hangs about it, to my mind, some what of the charm of the wild flowers in the hadge whose untamed luxubriance pleases more than the regular splendour of the parterre. Even as early as prakrit times the dialect of Indus velley shook it self free from trammels and earned for it self from the pendantic followers of rule and line, the Contemptunous epithet of apabhransa or vitiated. There is flavour of wheaten flc r and a reek of cottege smoke about Punjabi and Sindhi which is infinitely more natural and captivating than any thing which the hide-bound pandit-ridden languages of the eastern ports of India can show us.(35 )

## سنڌي ٻوليءَ بابت علامہ آءِ آءِ قاضي جي راءِ

سنڌي ٻوليءَ زنده رکڻ، انهيءَ ڪري ضروري آهي، جو حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام "سنڌي" ۾ آهي.

عربي زبان کي رڳو انڪري زنده رکڻ ضروري آهي، جو قرآن شريف ان ٻوليءَ ۾ آهي.

سنڌي زبان هڪ موسيقيءَ واري زبان (Musical language) آهي ۽ موسيقي، سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان وڏي خصوصيت ۽ خوبي آهي. انگريزي ٻولي، انهيءَ خوبيءَ کان محروم آهي. انهيءَ ڪري انگريزيءَ جي سڀ کان وڏي شاعر، شيڪسپيئر جي چند شعرن کي ڳائي نٿو سگهجي، جڏهن ته شاه عبداللطيف جي سٽ سٽ کي ڳائي ٿو سگهجي. (مهراڻ ۴-۱۹۶۵ع ص-۴۰)

سنڌ ، سنڌي، ٻولي ۽ سنڌي ادب لاءِ علامہ آءِ آءِ قاضي جا وڏيڪ خيال:

سنڌي ٻوليءَ کي بهترين ماحول هوندي به گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار ورهيه لڳا آهن. ان جي تشڪيل ۽ ترقي هڪ اهڙي خطي ۾ ٿي، جو اقتصادي لحاظ کان ٻاهر جو محتاج نه هو، ۽ هتي جي زندگيءَ جون ضرورتون خود هتي جي باشندن جي هٿان پوريون ٿي ٿيون. مثلاً دنيا جا ڪي ڀاڱا ڪپهه پيدا ڪن ٿا، ڪي چانور ته ڪي وري ڪٽڪ اپائين ٿا، مگر سنڌ اُهي سيئي اپائي ٿي. انهيءَ ڪري قديم وقت کان وٺي اقتصادي طور سنڌ پنهنجو پاڻ مڪمل ۽ خود-ڪفيل ڀاڱو ٿي رهيو آهي.

تقريبا ڏيڍ سؤ سال اڳ، سنڌي ٻولي تو ڙي سنڌ جا باشندا، هر نڪتي کان دنيا ۾ برک هئا، وڏي ۾ وڏا شاعر، عالم، گرامر جا ماهر ۽ لغتدان هن ننڍڙي خطي مان طلب ڪيا ويندا هئا. (مهراڻ ۲-۱۹۵۶ع)

## سنڌي ٻوليءَ بابت علامہ دائود پوٽي جي راءِ:

اسان جي ٻاجهاري ٻولي، موجوده يورپ جي متمدن ٻولين کان اڳاٽي آهي. اُهي ايجان وجود ۾ ئي نه آيون هيون، ۽ اردوءَ جو ايجان اير-ٻير به معلوم ڪو نه هو، ته سنڌي زبان هڪ پاڪيزه نموني ڳالهائي ۽ لکي ويندي هئي. جهر جهنگ ۾ سنڌ جا اهل الله سنڌي بيت ۽ دوهرا جهونگاريندا هئا. انهن ۾ ايترو ته سوز ۽ ساز هوندو هو جو ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنھنجون جانيون فدا ڪندا ھئا. (مھراڻ ۴-۱۹٦۵ع ص ۴٠)

## ڊاڪٽر اينيمري شمل جي راءِ:

”موجوده وقت جي براين ۽ جنگين جي تباھ ڪارين کي ختم ڪرڻ لاءِ انسانذات ۾ محبت ۽ درگذر ڪرڻ جي ضرورت آھي. سنڌي ٻوليءَ ۾ انساني ھمدردي ۽ محبت جي جذبن سان لبريز ”عظيم ادب“ موجود آھي. سنڌ جي سر زمين کي اھو فخر حاصل آھي، جو ان ’شاھ لطيف‘ جھڙو لاثاني ۽ لافاني شاعر پيدا ڪيو. (٢٧ مارچ ١٩٦١ع تي حيدرآباد ۾ ڪيل تقرير)

## محقق ۽ ماھر لسانيات سراج الحق ميمڻ جي راءِ:

سنڌي ٻولي انساني شعور جي ست ھزار سالن جي تاريخ آھي. انھيءَ دؤر جي ڏاھپ جو ثمر آھي. حقيت ۾ سنڌي ٻولي ست ھزار ورھين جي انساني احساسن ۽ جذبن جي ٻولي آھي. (جمال ابڙي سان سنڌ سينٽر ڪراچي ۾ ملھايل ادبي رھاڻ جي موقعي تي ڪيل تقرير)

## محقق ۽ عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي راءِ:

”سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ ۽ سنڌيءَ کي تعليمي ذريعي طور استعمال ڪرڻ“

اِھي ٻئي مرحلا بہ انگريزن جي دؤر کان بہ صديون ڪن اڳ طئي ٿيا. سنڌ جي عالمن ۽ استادن اھو محسوس ڪيو تہ ٻارن کي شروع ۾ ئي عربي فارسيءَ جي بجاءِ سنڌي پڙھائي، پوءِ عربي فارسي پڙھائجي.

تاريخي طور، سنڌي زبان کي خصوصي تعليمي حيثيت ۽ اھميت حاصل رھي آھي، ڇاڪاڻ جو برصغير ھندستان جي سڀني صوبائي ٻولين ۾ سنڌي ئي اُھا اڪيلي زبان آھي، جنھن ۾ نہ صرف ڪن ٻين صوبائي ٻولين وانگر تعليم ڏني وئي، پر جنھن کي ٻين زبانن سکڻ لاءِ سڀ کان اڳ ”تعليمي ذريعي“ طور استعمال ڪيو ويو. اھو خيال سراسر غلط آھي تہ ڪو انگريزن جي دؤر ۾ ’سنڌي الف-ب‘ ٺھي، يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ جي شروعات ٿي، يا سنڌيءَ کي 'تعليمي ذريعي' طور استعمال ڪيو ويو. اهي ٿئي مرحلا سن ١٨٤٣ع ۾ انگريزن جي سنڌ تي ڪاھ ۽ قبضي کان صديون اڳ طئي ٿي چُڪا هئا. (افتتاحي خطبو، بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس \ ڄامشورو ١٩٨٨ع)

## ٢٢ ٻولين جي ماهر ڊاڪٽر رچرڊ برٽن جي راءِ:

اسان جڏهن برصغير تي قبضو ڪيو تہ سمورن خطن جي ٻولين مان صرف، "سنڌي ٻولي" ۾ ججهو علمي ۽ ادبي ذخيرو موجود هو. (سنڌو ماٿر ۽ ان ۾ رهندڙ قومون ص ١٣٥.)

## سنڌي ٻوليءَ جي انفراديت يا خاص خوبيون:

جيئن اسان مٿي ڊاڪٽر بلوچ جي حوالي سان ڄاڻائي آيا آهيون تہ سنڌي ٻولي 'ذريعي تعليم' جي لحاظ کان، انگريزن جي قبضي کان ٻہ ٻہ ادائي صديون اڳ رائج هئي. البت اُها ثانوي سطح (Intermediate level) تائين پڙهائڻ ۾ ايندي هئي. ان کي اعليٰ ثانوي (Graduate level) طور رائج ڪرڻ لاءِ تعليم جي هڏڏوکي ڏيارام گدومل شاهاڻي عملي ڪوششون ورتيون ۽ ١٨٨٥ع ۾ ٤٨ صفحن تي مشتمل انگريز سرڪار کي (انگريزيءَ ۾) سنڌ ۾ آرٽس ڪاليج کولڻ لاءِ اپيل ڪئي، جنهن ۾ هن سنڌي ميڊيم تي وڌ ۾ وڌ زور ڏنو.

ان کان پوءِ ١٩٤٠ع ڌاري تڏهوڪي تعليم جي ڊائريڪٽر علامہ عمر بن محمد دائود پوٽي کي چيو ويو تہ هو تفصيلي رپورٽ تيار ڪري تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ايترو مايو (وسعت) آهي، جو انکي M.A تائين رائج ڪري سگهجي. علامہ دائود پوٽي تمام تفصيل ۽ وضاحت سان رپورٽ تيار ڪري موڪلي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي بمبئي يونيورسٽي جي ڪورس ۾ شامل ڪيو ويو.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ معاملو نيڪ طرح پئي هليو، پر ١٩٥٦ع ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعليمي ڪميشن جي سفارشن تحت سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت گهٽائي پنجن درجن تائين ڪئي وئي، جنهن تي پوري سنڌ ۾ ڪهرام مچي ويو. ۽ آخر ١۴ آڪٽوبر ١٩٦٢ع تي تمام وڏي جدوجهد کانپوءِ مرڪزي حڪومت کي فيصلو واپس وٺڻو پيو ۽ ٻوليءَ سنڌي جي ساڳئي حيثيت بحال ڪئي وئي.

سنڌيءَ ۾ علم ادب جي ذخيري جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته صرف سنڌ متعلق ٢۵ کان ٣٠ هزار ڪتاب انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ۾ رکيل آهن. ان کان علاوه اُتي تقريباً هر موضوع تي بيشمار ڪتاب رکيل آهن.

سنڌ جي عالمن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم معين الدين ٺٽوي جا ڪتاب اڄ سوڏو اسلامي دنيا جي وڏي ۾ وڏي يونيورسٽي ”جامع الاظهر“ مصر ۾ پڙهايا ويندا آهن.

## قرآن شريف جو ترجمو:

مستند روايتن مطابق قرآن شريف جو سڀ کان پهريون ترجمو سنڌي زبان ۾ ٿيو، جيڪو عربي ڪتاب ’عجائب الهند‘ مطابق منصوره جي حاڪم عبدالله بن عمر هباري جي زماني ۾ اتر سنڌ جي هڪ هندو راجه جي چوڻ تي لکيو ويو. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌي زبان ۾ ان وقت به ايتري جامعيت ۽ وسعت هئي. ان کانپوءِ مختلف وقتن ۾ قرآن شريف جا. غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي لکڻ مطابق سنڌيءَ ۾ ٢۴ ترجما ٿيا آهن ۽ تفسيرن جو تعداد الڳ آهي.

## حرفن جي گهٽائي:

سنڌي زبان ٻڪ سان ايشيا جي مڙني ملڪن جي زبانن کان حرفن (Phonemes) جي لحاظ کان متيري آهي. صرف چيني زبان ۾ حرف يا صوتيا وڌيڪ آهن پر اُهي، نيم صوتيا (Semi Phonemes) سڏيا ويندا آهن. ان خصوصيت ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ دنيا جو تقريباً هر لفظ اچاري سگهجي ٿو. اهڙي خصويت ٻي ڪنهن ٻولي ۾ نه آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لغت جو ذخيرو:

جامع ۽ وسيع ٻولين جي اها ٻـ خوبي هوندي آهي تـ انهن ۾ هڪ شيءِ لاءِ گهڻا لفظ هجن ۽ هڪ لفظ گهڻيون معنائون رکندو هجي. انهيءَ ڪسوٽيءَ تي سنڌي ٻولي بنهه پوري آهي. مثال لاءِ ڏسو سنڌ جو سينگار يا ڏهس (لوڪ ادب جون صنفون.) خود شاهه لطيف اُٺ لاءِ ويهه لفظ ڪتب آندا آهن.

انڪان علاوه سنڌي ٻوليءَ ڪي پنهنجو لغت جو ججهو ذخيرو موجود آهي، انجو انحصار پنهنجن بنيادي لفظن تي آهي، جڏهن تـ اردو ٻوليءَ لاءِ لکيل لغتن ۾ ٨٠ سيڪڙو لفظ عربي، فارسي، هندي ۽ ترڪي زبانن جا آهن. سنڌي لغت جا قاعدا ٻـ دنيا جي سڌريل ٻولين مطابق مقرر آهن.

## اسمن جي ادائگي:

سنڌي ٻوليءَ جي اها خاص خوبي آهي تـ جهڙي ريت جملي جي ادائگي هوندي، اهڙي طرح اسم بـ پنهنجي صوتي حالت بدلائيندا. جهڙي ريت؛ مان لاڙڪاڻي ۾ رهان ٿو، مون لاڙڪاڻو ڏٺو آهي. يا لاڙڪاڻو وڏو شهرو آهي. جيڪڏهن اهي جملا انگريزي-اردو يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ ڪتب آڻبا تـ لاڙڪاڻو هميشہ ساڳي طرح لکڻ ۾ ايندو مثال

I live in larkana, I have seen larkana, Larkana is a big city.

اردوءَ ۾ وري: مين لاڙڪانہ مين رهتا هون. مين ني لاڙڪانہ ديکا هي. لاڙڪانہ بڑا شهر هي.

## صفت جو جمع وارو صيغو:

سنڌي ٻوليءَ ۾ جڏهن ڪنهن شيءِ سان صفت لڳائبي آهي، تـ اُها بـ شيءِ جي حالت سان گڏ ڦرندي آهي. جهڙي ريت سٺي بس، وري جمع جي صورت ۾ سٺيون بسون ان لاءِ اردوءَ ۾ ٿيندو: اچهي بس، اچهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسين، اهڙي ريت انگريزيءَ ۾ Good bus، Good buses.

## آخري لفظ متحرڪ:

ايشيا جي ڪن چند ٻولين ۾ اِها خوبي آهي، جو انهن جو آخري لفظ متحرڪ هوندو آهي. يعني انهي جي آخري حرف تي زير، زبر يا پيش هوندو آهي. انهيءَ خصوصيت سان ٻوليءَ جي لغت ۾ بيحد اضافو ٿئي ٿو ۽ لفظن جي اُچار ۽ معنيٰ ۾ چٽائي ٿئي ٿي. انهي جي برعڪس غير متحرڪ لفظن واريون ٻوليون، جن ۾ اردو ۽ هندي بہ اچي ويحن ٿيون، لغت جي ذخيري جي لحاظ کان ايتريون ڪشاديون نہ ٿيون ٿين.

## ٻٽا لفظ:

ڪي انفرادي خصوصيتون اهڙيون هونديون آهن، جن سان ٻولي ۾ نکار اچي ويندو آهي. جيئن ٻٽن حرفن جي ترڪيب؛ ماٺهو چيٽو، ڪک پن، ڍور ڍڳو، اوهي واهي، اَويل سويل، چڱو مٺو، وٺج واپار، هوندي سوندي وغيره. اهڙي خصوصيت بہ ڏيهي ٻولين ۾ گهٽ ملي ٿي. ڏيهي ٻوليون ان معاملي ۾ اجايو اَهل ڪن ٿيون جيئن، اندا شندا، روٽي شوٽي، بس وس وغيره– چوڻ جو مطلب تہ انهن ۾ لساني ۽ لغوي خوبي نہ آهي جو اُهي ترتيب ۽ ضابطي سان ٻٽا حرف ناهي سگهن. اسم تصغير ڪري بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ سونهن پيدا ٿئي ٿي. ان ڪري شڪارپور جي ٻوليءَ کي ساراهيو ويندو آهي. جيئن: ادڙا هتڙان ٿيندو ويحجانءِ.

## پهاڪا ۽ چوٽيون:

سنڌي ٻوليءَ ۾ پهاڪا، چوٽيون، محاورا، اصطلاح، ورجيسون موقعي ۽ محل جي لحاظ کان تمام گهڻيون آهن. جيئن تہ اڳ ۾ ئي عرض ڪري آيا آهيون تہ سنڌي صدين جي سوچ ۽ ڏاهپ جو ثمر آهي، ان ڪري هن ٻوليءَ ۾ جيڪي پهاڪا آهن، اُهي چڻ تہ صدين جا طئي ٿيل فيصلا آهن. جيئن: آزمائي کي آزمائي، ڏوڙ منهن ۾ پائي.

پلي بک پرم جي، شال نہ ويجي شان،
الله ڏئي ايمان، تہ گوڏا ڏئي گذار جي.

جنهن جو بد بنياد، تنهنجو ميوو مٺو نہ ٿئي. يا

پلا ڪن پلائيون مدا يون مدن،
جو وڙ جڙي جن سين، سي ٿي سو وڙ ڪن.

تہ پهاڪن، چوڻين، محاورن ۽ اصطلاحن جي لحاظ کان بہ سنڌي ٻولي ڏيهي ٻولين ۾ ڪر کنيون بيٺي آهي.

## قديم رسالا:

شاه جو رسالو، سچل جا رسالا، شاه ڪريم جو رسالو، لطف الله قادري جو ڪلام، ميين عيسي ۽ ميين عنات جو ڪلام ۽ خانزئي جو رسالو وغيره.

اِهي سنڌي علم ۽ ادب جا شاهڪار مجموعا آهن، جن ۾ زندگي، اسلام، تصوف، فلاسافي ۽ لغت جو لاثاني ذخيرو موجود آهي.

شاه جي رسالي کي انگريزن صورتخطي ۽ ابتدائي نصاب ترتيب ڏيڻ وقت مثالي ڪتاب ڪري آڏو رکيو هو. شاه جي رسالي ۾ جيڪو زندگيءَ بابت فلسفو آهي ۽ لغت جو ذخيرو آهي، ان جو مثال بہ ڏيهي ٻولين ۾ نہ ملندو.

## لوڪ ادب:

سنڌي لوڪ ادب ۾ جيڪا گونا گوني (Depth) ۽ وسعت آهي، انجا پرڏيهي عالم بہ معترف آهن. سنڌي لوڪ ادب بلاشڪ دنيا جي تمام سڌريل ٻولين جي لوڪ ادب سان برميچي سگهجي ٿو. اسان بجاءِ طور ان تي فخر ڪري سگهون ٿا. برصغير ۾ ان جو مثال ڪو نہ ملندو. ڪاش ان جي اڄ لغت بہ موجود هجي ها!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## متي مائـٽـي يا سڳن جي سڃاڻپ:

جيڪا ٻولي فطرت جي قريب هوندي آهي ۽ وڏو تاريخي پس منظر رکندي آهي، ان ۾ ٻين فطري لاڳاپن، اهڃاڻن سان گڏ متي مائـٽـي وغيره لاءِ بہ موزون لفظ هوندا آهن. ان جي برعڪس جيڪي ٻوليون ڏکهو تاريخي پس منظر نہ رکنديون آهن، انهن ۾ اهڙن لفظن جي اڻاٺ هوندي آهي. مثال طور:

انگريزيءَ ۾ مامي چاچي يا ٻين بزرگن لاءِ انڪل(Uncle)لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي. اهڙي طرح اردوءَ ۾ سوٽ لاءِ چچازاد ڀائي-ماسات لاءِ خالہ زاد ڀائي-مامون زاد ڀائي وغيره.

پر سنڌي ٻوليءَ ۾ هر ننڍي توڙي وڏي سنگ لاءِ الڳ الڳ لفظ موجود آهن. جيئن: سوٽ، ماسات، پيٽيوو، ناني، سهرو، سيٽوٽ وغيره. اهڙي خصوصيت ننڍي کنڊ جي ٻي ڪنهن ٻولي ۾ مشڪل ملندي.

ان ڪري هر حالت ۾ ميڄڻو پوندو تہ سنڌي ٻولي، علم ادب، لغت جي ذخيري، احساسن جي مڪمل اظهار، مختلف لفظن جي ادائگي ۽ ٻين لساني خوبين ڪري ننڍي کنڊ ۾ ممتاز زبان آهي. منجهس ايتري وسعت آهي، جو ان ۾ هر علم ۽ هنربابت تعليم ڏئي سگهجي ٿي ۽ ذريعي تعليم Ph.D تائين مقرر ڪري سگهجي ٿي.

نوٽ: [متي سنڌي ٻولي بابت مختلف نقطن جو مختصر جائزو ورتو ويو آهي. انشاءَالله ٻئي ايڊيشن ۾ انهن نقطن تي تفصيل سان لکبو.]

## حوالا

(١)ارنيسٽ ٽرومپ ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي جو گرامر ١٨٧٢ع صفحو-١

(٢) Grierson.G. Linguistic Survey of India vol:1 part-1 p. 121

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣) آڏواڻي ڀيرومل مهرچند -سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ-حيدرآباد-
١٩٧٢-ص-٢١.

(٤) آڏواڻي ڀيرومل مهرچند-سنڌي ٻولي جي تاريخ - حيدرآباد-١٩٧٢ع-

ص ٢١

(٥) آڏواڻي ڀيرومل مهرچند-سنڌي ٻولي جي تاريخ - حيدرآباد-١٩٧٢ع-

ص ١٩

(٦) ايڊگروڪنر-سماجي اڀياس (ڇهين ڪلاس لاءِ) حيدرآباد ١٩٨٨ع

ص ٥٤.

(٧) ايڊگروڪنر-سماجي اڀياس (ڇهين ڪلاس لاءِ)، حيدرآباد
١٩٨٨ع-ص.ص ٥٥-٥٦

(٨) آڏواڻي ڀيرومل مهرچند-سنڌي ٻولي جي تاريخ-حيدرآباد ١٩٧٢ع-

ص: ١٥

(٩) آڏواڻي ڀيرومل مهرچند-سنڌي ٻولي جي تاريخ-حيدرآباد ١٩٧٢ع-

ص: ١٦

(١٠) Sir John Marshall, Mohan jo Daro and Indus civilization V:1.P.5}}

(١١) آڏواڻي ڀيرومل مهرچند-سنڌي ٻولي جي تاريخ-حيدرآباد ١٩٧٢ع-

ص١٢

(١٢) آڏواڻي ڀيرومل مهرچند-سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حيدرآباد ١٩٧٢
ص-٣٨.

(١٣) Sindhi Language` F.A Brokhans, lepzig,1872,Introduction P.I.

(١٤) {Grierson. G. linguisic survey of India, vol. 1 part 1

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1927 p. 121}}

(١٥)آڏواڻي ڀيرومل مهرچند- سنڌي ٻولي جي تاريخ- حيدرآباد ١٩٧٠ع ص؛ ٣٨

(١٦) آڏواڻي ڀيرومل مهرچند- سنڌي ٻولي جي تاريخ- حيدرآباد ١٩٧٠ع ص؛ ٣٨

(١٧) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر-سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، حيدرآباد ١٩٨٠ع ص-٣٠

(١٨) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر-سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، حيدرآباد ١٩٨٠ع ص-١ ۽ ٢.

(١٩) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر-سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ حيدرآباد ١٩٨٠ع ص-١

(٢٠) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر-سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ حيدرآباد ١٩٨٠ع ص-٣١

(٢١) ميمڻ سراج الحق 'سنڌي ٻولي" عظيم پبليڪشن حيدرآباد، ١٩٦٤ع ص-٤.

(٢٢) ميمڻ سراج الحق "سنڌي ٻولي" عظيم پبليڪيشن حيدرآباد ١٩٦٤ع ص-٤.

(٢٣) ميمڻ سراج الحق "سنڌي ٻولي" عظيم پبليڪيشن، حيدرآباد، ١٩٦٤ع ص: ٧٦، ٧٧.

(٢٤) الانا غلام علي ڊاڪٽر 'سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد' زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ١٩٧٤ع ٻـ ٻول - د

(٢٥) الانا غلام علي ڊاڪٽر 'سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد-زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ١٩٧٤ع ص-١١٥-١١٦.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٦) الانا غلام علي ڊاڪٽر 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ١٩٧۴ع-ص-١١٥.

(٢٧) چنڊ محمد عمر پروفيسر: لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڏايون-زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ١٩٨٥ع ص-١٥.

(٢٨) الانا غلام علي ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄامشورو.ص٦,٧.

(٢٩) آڏواڻي ڀيرومل مهرچند 'سنڌي ٻولي جي تاريخ' سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ١٩٧٧ع ص-٩٩.

(٣٠) آڏواڻي ڀيرومل مهر چند 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ١٩٧٧ع ص؛ ١٢١

(٣١) پوپٽي هيرانندائي. "سنڌي ٻولي" ويٽا پبليڪيشن، الهاسنگر، ١٩٨١ع ص-٢٥

(٣٢) هيرانندائي پوپٽي پروفيسر-سنڌي ٻولي-الها سنگر ١٩٨١ع ص-٦

(٣٣) {{Prof. Popti Hiranandani, 'Sindhi Boli' Alasnangar 1981, P.I. (1)}}

(٣۴) Dr.E. Trumpp "The grammar of Sindhi language" Brokhans lep zig 1872 Introduction}}

(٣٥) (John Beames 'Comprative Grammar of the Modren Aryan Languages of India. P.P. 48-51) (2)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ٻيو

# شاھ جي دور کان اڳ جي ٻولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعرن جي ٻوليءَ جو مختصر جائزو وٺنداسين، جنهن مان معلوم ٿيندو تہ شاھ سائين فڪر، فن ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان انهن کان ڪيترو متاثر آهي. ان سان گڏ انهن ۾ ڪيتري قدر فرق ۽ واڌارا آندا اٿس.

## قاضي قادن (١٤٦٣ع-١٥٥١ع)

سنڌي ادب ۾، قاضي قادن جي شخصيت هميشہ متضاد رهي آهي. ڪڏهن سندس نالي ٻنيان جهيڙو متو آهي، تہ ڪڏهن وري سندس شاعري ٻنيان. بهرحال ڪجھ بہ صحيح، اهو پهريون شاعر آهي، جنهن جا شعر بيان العارفين جي دفتر ۾ محفوظ رهيا. قدامت جي لحاظ کان سندس ڪاتو سمن جي دؤر حڪومت ۾ ڪري سگهجي ٿو. ان دؤر يا ان کان اڳ جي دؤر جي جيڪا شاعري ملي آهي، انهيءَ ۾ شاعري جي ترتيب ۽ سِٽاءَ جي لحاظ کان، اها پوري وزن واري شاعري آهي، جيڪا علم 'چند' تي رچيل آهي. انهيءَ کان اڳ 'الف اشباع' يا ڳيچ ۽ ڳاھ ڳايا ويندا هئا.

شروع ۾ قاضي قادن جا ڪل 'ست' بيت مليا، پر انهن جي سِٽاءُ، ٻولي ۽ فني پختگيءَ کي ڏسي، اِهو گمان ڪيو ويو تہ انهيءَ شاعر جا يقينن ٻيا بہ بيت هوندا، جيڪي زماني جي گردش ڪري اوجهل ٿي ويا آهن. تان جو ١٩٧٨ع ۾ ڀارت مان هڪ زوردار خبر آئي تہ هيري ٺڪر کي هڪ مڙهيءَ مان قاضي قادن جا وڏيڪ بيت هٿ آيا آهن، جيڪي هن شايع ڪري ڪجھ ڪاپيون سنڌ ۾ ڏياري موڪليون. انهن بيتن جي بيهڪ، ٻولي ۽ فڪر تي خاص طرح ٿماهي مهراڻ رسالي، حيدرآباد، ماهوار 'پيغام' ڪراچي ۽ 'نئين زندگي' حيدرآباد ۾ علمي ادبي بحث هليا. ويچي هڪ ڳالھ طئي ٿي تہ سندس نالو قاضي قاضن نہ پر قاضي قادن آهي. جنهن جو گمان سڀ کان اڳ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪيو هو. باقي سندس فڪر ۽ شاعري تي مختلف اديبن ۽ شاعرن پنهنجا خيال پيش ڪيا. ويجهڙ ۾ ڀٽ شاھ ثقافتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائي ويندي هئي. ان کان پو بکر ۾ آيا. ڪن تاريخي ڪتابن ڪين سيوهڻ جو ڏيکاريو آهي، ٿي سگهي ٿو ته ڪجهه وقت سيوهڻ ۾ به سڪونت اختيار ڪئي هجين. بهرحال اتر سنڌ سان گهري لاڳاپي ڪري مٿن سِري جي لهجي جو اثر نمايان آهي. سِري ۾ عام طور واحد مان جمع ٺاهڻ لاءِ اسم مؤنث جي پويل 'ون' ملائڻ بدران 'ان' ملائيندا آهن. جيئن ڪٽ=ڪٽان، چنگهه=چنگهان، وغيره. قاضي قادن به اهڙي طرح اسم جمع ٺاهيا آهن.

زيران زبران آيتان، اکر انت نه چار،

هيڪڙيو ايمان ۾، لهن سينيءَ سار.

ٻيو مثال:

جي لوڙي تي نه لهان، الوڙي دي ڍير،

توڙي ڏسن سُهٽي، انبان تل نه ٻير.

ٽيون مثال:

ليهان لک ڪيام، پسڻ کي پاٿان پرين،

سو جهي سيڻ لڌام، من منجهين سپرين.

سرائيڪي جو مثال:

روئي ڪرمَ پڌرو، هٿ منجهيئي جال،

جان جان پريان نه مڙءِ تَنُ ڪاني جيئن ٻال.

ٻيو مثال:

اُلان جيهي اُل، تسان نه اسان جيتڙي،

پريان جامع اُل، تَسان ٻيائي الهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيون مثال:

هٿن ڪون ڪيا روٺڙي، ڏک اپڻي ڪون روءِ.

اهڙا محاورا ۽ اصطلاح، جيڪي شاه، جي ڪلام ۾ عام آهن.

قاضي قادن: ١- هيڪائي هڪ ٿيو، وٺي سڀ جهت،

شاه: هيڪائي هيڪ ٿيا احد سين عالم

قاضي قادن: ٢- اکر پيا وسار، الف اگهون ٿي ياد ڪر،

شاه: اکر پڙه الف جو، پيا سڀ ورق سار،

قاضي قادن: ٣ لائي لام الف سين ڪاتب لکن جيئن،

مون هينئڙو پريان سين، لڳو آهي تيئن.

شاه: لائي لام الف سين، ڪاتب لکن جيئن،

اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.

قاضي قادن: ٤- ڪو ويجهائي ڏور، ڪي ڏور ٿي ولها.

شاه: ڪي ويجهائي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين.

قاضي قادن: ٥- عين قصر درلک، ڪوڙين سهمين ڪڙڪيان،

جان ٿي ڪرين پرک، تان ٿي سڄڻ سامهان.

شاه: ايڪ قصر در لک، ڪوڙين سهنس ڳڙکيان،

جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

قاضي قادن: ٦- پهرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي سو لهي،

شاه: پهرين وڃائن پاڻ پسن پوءِ پرين ۽ کي

قاضي قادن: ٧- من اندر مه پاءِ، توئي اندر سپرين.

شاه: نائي نين نهار تو ۾ ديرو دوست جو

قاضي قادن: ٨ - ستو سجي رات، مه ڏڪي مٺن جيئن،

شاه: ستيئن سجي رات، منهن ويڙهي مٺن جيئن.

قاضي قادن جي ڪلام مان هيٺ معنيٰ سميت چند لفظ ڏجن ٿا، جيڪي ان دؤر ۾ عام استعمال هيٺ هئا، ۽ شاه سان گڏ ٻين مختلف صوفي بزرگ شاعرن استعمال ڪيا آهن. اهي هينئر عام طرح گهٽ استعمال ٿين ٿا.

ڪوڙين = ڪروڙين.

پڙهيام = مون پڙهيا.

ڪِيهي = ڪهڙي

تات = ياد، سار.

هينئڙو = دل، من.

هيج = سِڪ، محبت.

موڙهو = گهٽ، عقل وارو

سر = پاڻي جو تلاءُ.

وَلهو = محبوب.

وِلهي = ننڌڻڪي، بيوس.

سين = مائٽ، گهوٽ ۽ ڪنوار جا والدين.

ساڪڙا = سولا، آسان.

جڳ = دنيا، سنسار.

ليهان = سورجون سٿون، ڪوڪارون.

جان جان = جيئن جيئن.

واڍوڙا = وڍيل، زخمي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويڄ = طبيب، حڪيم.

مڙن = ميلاپ ٿئي، گڏ ٿين.

ڪارڻ = لاءِ، واسطي.

ڪانڌ = مڙس، محبوب.

هاج = ڪرت، ڪم.

ڀون = زمين، مٽي.

راڄيا/راڄئا = حاڪم.

توءِ = تولاءِ/ تڏهن به.

ماس = ماھ، گوشت.

(نوٽ: مٿيا سڀ بيت ۽ الفاظ آهوانِ صحرا مرتب نياز همايوني جي ڪتاب مان ورتل آهن)

## شاھ ڪريم (١٥٣٧ع-١٦٢٢ع.)

شاھ عبدلڪريم بلڙي وارو، حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي جو ڀڙڏاڏو ٿئي. مشهور روايت آهي تہ شاھ سائين وٽ، پاڻ سان هميشہ قرآن شريف، مثنوي مولانا روم ۽ شاھ ڪريم جو رسالو هوندا هئا.

شاھ ڪريم جو ڪو ايترو گهڻو ڪلام نہ مليو آهي. البت جيترو مليو آهي، سو لک لهي. منجهس سچائي، انساني ۽ خدائي محبت جا انبار آهن. هرهڪ بيت موتي داڻو آهي، پر انهن موتين کي لهڻ لاءِ ساهي منجهائي سمنڊ ۾ لهڻو پوندو.

شاھ ڪريم بہ اسانجي سنڌي سماج جي اعليٰ قدرن جي اپٽار ڪئي آهي، پنهنجي دؤر جي رائج محاوري ۾ ڳالھ چٽائي سان چئي اٿائين تہ جيئن ڀل سيڪو سمجهي، پر هر ڳالھ پڌري پٽ نہ ڪئي اٿائين جو

ٻيو مثال:

ڇا ڇر ڇڳيرن، گهور نه اچي گهاتوئين،
اکيون انين سنديون ڪڏا ڪرون ٻچن.

سهچن، پسجن، پري ۽ سا ڙيه خالص لاڙي لفظ آهن، جن کي شاه ڪريم هن ريت ڪتب آندو آهي.

پر ۾ ٻچي پري ۽ ڪي، پسجي پر ڏيه،
جتي ساجن سهچي، ساه ڪي سو ساڙيه.

خدا جي هر هنڌ حاضر هئڻ ۽ هر شيءِ ۾ جلوي پسڻ لاءِ قاضي قادن چيو آهي ته:

سائر ڏيئي لت، او چي نيچي ٻوڙئي،
هيڪائي هيڪ ٿيو، ويئي سڀ جهت.

پر شاه ڪريم ان خيال جي نفي ڪري ٿو. هو چئي ٿو ته:

سائر ڏي نه لت، او چي نيچي ۽ سڀ ڪنهين،
نابودي نه ٿئي، اي نا ديدي جهت.

ڪٿي وري منجهن خيالن جي هڪجهڙائي هن طرح به آهي. قاضي قادن چئي ٿو ته:

پريان سندي ڳالهڙي مر منجهين هوءِ،
ٻڌائي ٻين کي، ڪيهو ڪاج سَر يوءِ.

شاه ڪريم ان لاءِ چوي ٿو ته:

مٺ پيڙيائي پلي، جي اپٽي ته واءِ،
جي ٻڌر ودي ڳالهڙي ته ڇڏي وڃي ساءَ.

تصوف جي باريڪ نڪتن لاءِ هيءَ ٻولي استعمال ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي باقي شاهه ڪريم جا سڀ بيت فڪر ۽ ٻولي جي لحاظ کان شاهه عبداللطيف استعمال ڪيا آهن، جيئن تہ سڀ بيت هت ڏئي نٿا سگهجن، انڪري انهن چند مثالن جي اڪتفا ڪجي ٿي.

هيٺ مثال خاطر ڪجھ لفظ بہ ڏجن ٿا، جيڪي ان دؤر ۾ عام استعمال ۾ هوندا هئا، ۽ شاهه سائين بہ انهي مفهوم ۾ استعمال ڪيا آهن.

هيڪڙو = هڪڙو

من = دل.

هينئڙو = دل، من

(مٿيان بيت 'شاهه عبدالڪريم' مرتب موتي لال جوتواڻي جي ڪتاب تان ورتل آهن.)

سنڀاري = سنڀالي، ياد ڪري.

چت = من، دل.

ورچي = ڪڪ ٿي، بيزار ٿي.

جاب = جواب

لڱ = عضوا.

اُپٽي = کلي.

پاڻيهاري = پاڻي واري

ٻهار = ٻاهر، شهر کان نڪري.

سٺا = ٻڌا، سنيا.

هوند = جيڪر

ويڙهه = ويڙهو، ننڍو ڳوٺ.

رون = روئن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماءِ = منهجي امڙ.

ڳنهيج = ونج، تون خريد ڪر.

لوڪ = عام ماڻهو.

ڪوءِ = ڪن ٻيو.

ارٿ = مطلب

وٿ = شيءِ

اهت = ميل محبت

ٻاراپا = پيغام، طعنا، ٽنڪا.

ڪاڻياريون = عيب واريون.

وين = مهڻا، طعنا.

ڪڏا ڪرون = ڪنهن وقت ڪان.

اوڙاه = اونهو پاڻي، (ٻاھ جو وڏو مچ)

ٻاجي = نيچ، ڪميڻو.

ماڳ = هنڌ، جاءِ.

مورک = بيوقوف.

ڪلاچي = ڪراچي جو اڳوڻو نالو، ڪلاچي جو ڪن.

ٻانيون = سڪيون، (اکيون خشڪ ڪرڻ)

سر = ڍنڍ، تلاءُ

نوٽ:

هي لفظ "شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" مرتب عمر بن محمد داؤد پوٽو، ڇپائيندڙ شاھ ثقافتي مرڪز حيدرآباد ١٩٧٧ع تان ورتل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لطف الله قادري ١٠٢٠ھ- ١٠٩٠ھ

لطف الله قادري سنڌي اساسي شاعري کي نوان رخ ۽ موڙ ڏيندڙ، سنڌي شاعري جو سرواڻ، پنهنجي سلوب ۽ انداز بيان جي لحاظ کان سنڌي ادب ۾ مٿاهون مقام رکي ٿو.

جڏهن لطف الله قادري وفات ڪئي تہ ٻارهن سالن کان پوءِ شاھ عبداللطيف جنم ورتو ان لحاظ کان ميان لطف الله، شاھ سائين کي ويجهي ۾ ويجهو شاعر هو. شاعري ۾ موضوع جي لحاظ کان ميان لطف الله قادري ڪڏهن بہ پوري قصي يا داستان کي نہ کنيو آهي، بلڪ پنهنجو مطلب ظاهر ڪرڻ لاءِ، اهڃاڻي طور ذڪر ڪيو آهي. قادري صاحب پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن پنهنجي بيتن ۾ تصوف ۽ معرفت جي ڳوڙهن معنوي نڪتن کي بيان ڪيو آهي. انهيءَ عمل سان هن، ڳالهہ جي ظاهري پچار جي بدران اعليٰ عارفانہ فڪر، حقيقتن تي نظر ۽ معنوي پسمنظر جي راهہ کي روشن ڪيو. اهڙي ندرت سنڌي شاعري کي دنيا جي ممتاز شاعري ۾ مٿاهين مقام تي رسايو. اڳتي هلي شاھ عبداللطيف اها راهہ اختيار ڪئي.

شاھ لطف الله قادري کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ هن سنڌي اساسي شاعري ۾ سامونڊين، ناٿن، جوڳين ۽ آديسين وارا نوان تمثيلي مضمون رائج ڪيا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق مطابق "ڪانئس اڳ ٻئي ڪنهن بہ شاعر نہ آندا هئا. البت ڪانئس پوءِ اهي مضمون ۽ عنوان، ميين شاھ عنات توڙي شاھ عبداللطيف ٻنهي لاءِ مثال بنيا ۽ انهن ٻنهي بزرگن انهن مضمونن کي (سرسامونڊي، سر سريراڳ، سر پورب ۽ سر رامڪلي جي عنوانن سان) وڏي ذوق سان ورجايو. (٤)

نہ صرف شاھ سائين انهن موضوعن تي لکيو، ۽ اُهي اصطلاح ڪتب آندا، پر ڊاڪٽر صاحب جي لکت مطابق:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪائنس (شاھ لطف الله) پوءِ شاھ عبداللطيف بلڪل انهيءَ نهج ۽ نموني تي پنهنجن ’بيتن‘ کي معنوي معيار جو مثال بنائي، انهن کي ’روايتن‘ جي بدران ’آيتن‘ جو آئينو بنايو. (٥)

شاھ لطف الله قادري نہ صرف موضوعن ۽ انداز بيان ۾ نواڻ آندي، بلڪ سنڌي بيت ۾ بہ فني ساخت جي لحاظ کان اضافا ڪيا، ۽ ان سان گڏ، ساڳي قافيي وارين سٽن جي تعداد ۾ اضافو ڪري ’ڊگها بند‘ سٽيا. جن جو مثال پڻ پهريون ڀيرو سندس ڪلام ۾ ملي ٿو.

ڊاڪٽر بلوچ جي ڪوجنا مطابق:

”شاھ لطف الله کان پوءِ، ٻين عالمن ۽ شاعرن مختلف مضمونن، مسئلن ۽ مقالن کي بيان ڪرڻ ۽ سمجهائڻ خاطر، منظوم ڊگهن بندن واري اها صنف استعمال ڪئي (٦)

قادري صاحب جي ڪلام ۾ هڪ ٻي خوبي بہ نظر اچي ٿي، اها آهي: تڪرار يا وراڻ. تڪرار ۾ شاعر هڪ کان وڌيڪ بيتن ۾، ساڳئي مضمون کي ورجائڻ خاطر ڪي ساڳيا الفاظ، اصطلاح يا فقرا ورائي ورائي آڻيندو آهي. انهي تڪرار يا وراڻ جو مقصد، ڪنهن خيال يا ڳالھ جي تصديق، توثيق يا تاڪيد هوندو آهي. تڪرار جي خاصيت اسان کي شاھ ڪريم جي ڪلام ۾ بہ ملي ٿي، پر جنهن بليغ نموني ۾، شاھ لطف الله لفظن ۽ اصطلاحن جو ورجاءُ ڪيو آهي، تنهن جهڙو مثال اڳ، ڪنهن بہ شاعر جي ڪلام ۾ نظر نہ ٿو اچي. خود شاھ سائين انهي ورجاءَ واري خوبيءَ کي لطف الله قادري واري انداز ۾ اختيار ڪيو آهي. شاھ سائين کان اڳ ميين عنات بہ انجو استعمال ڪيو آهي. ان بہ هوبهو اهو انداز اختيار ڪيو آهي. جيڪو شاھ لطف الله قادري اختيار ڪيو هو.

جيئن مٿي بيان ڪري آيا آهيون تہ اسلوب، بيان ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان شاھ سائين، قادري صاحب کان تمام گهڻو متاثر نظر اچي ٿو. ان جي تصديق ڊاڪٽر بلوچ هن ريت ڪري ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"شاهه لطف الله جي سڄي رسالي ۾ محض معنوي نڪات ۽ رموز جو ذڪر آهي، جن کي هن مختلف مثالن، تشبيهن ۽ تمثيلن ذريعي سمجهايو آهي. شاهه لطف الله کان پوءِ وري شاهه عبداللطيف جي بيتن ۾ اهو اسلوب ۽ انداز نظر اچي ٿو. شاهه پڻ قصي کي بيان ڪرڻ جي بدران قصي جي مخصوص تاڻن ۽ اهڃاڻن کي پنهنجي اعليٰ عارفانه فڪر جو محور بنايو آهي. شاهه لطف الله قادري پهريون پيرو سالڪن جي سفر کي سامونڊين ۽ ناڪئن جي تمثيل سان سمجهايو آهي ۽ مشائخن ۽ مرشدن جي مرتبي ۽ منزل کي جوڳين، سامين، ۽ آديسن جي تمثيل سان بيان ڪيو آهي. شاهه عبداللطيف انهيءَ اسلوب کي معراج تي پهچايو..... ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته ميون شاهه عنات ۽ شاهه لطيف پهريان شاعر هئا، جن شاهه لطف الله کان متاثر ٿي سامونڊين، ناڪئن ۽ جوڳين فقيرن جي ذڪر کي تمثيل طور سر سرير اڳ، سُر سامونڊي، سر پورب، سر رامڪلي جو قالب بنايو" (٧)

هيٺين مثالن مان خبر پوندي ته شاهه لطف الله قادري، ۽ شاهه سائين جي خيالن، موضوعن توڙي محاورن ۽ اصطلاحن ۾ ڪيتري هڪجهڙائي آهي. يقينن شاهه سائين متاثر ٿي، اهي خيال، موضوع، محاورا وغيره استعمال ڪيا آهن.

(١) قادري: حقائين حق ٿيا، حقان ٿين حق.

شاهه: حقان حق ٿئوس، هئي طالب حق جي.

(٢) قادري: سندي تنين ڳالهڙي، هِتي هت نه ڪاءِ.

شاهه: نه ڪا هت نڪا هُت، ڳوريءَ سندي ڳالهه.

(٣) قادري: هي جي فاني ٿئا في الله ۾ موٽڻ تن محال.

شاهه: سي فاني ٿئا في الله ۾، جن وڃايو وجود.

(۴) قادري: سي هيئا تت وڃن، ناهه نهايت جنة جي.

شاهه: وڃي تت پيا، جت نهايت ناهه ڪا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥) قادري: سهريان جي ڳالهڙي لکين دليلي.

شاهه: سهريان جي ڳالهه کي، سامي ڪي سمجهن.

(٦) قادري: نه ڪو قال نه قيل ڪي، نڪا وائي وات.

شاهه: لڳيءَ جو لطيف چئي نڪو قال نه قيل.

(٧) قادري: ونحن اقرب اليه من حبل الوريد، آهي ايءُ اهيان.

شاهه: ونحن اقرب اليه من حبل الوريد آهي اي اهيان.

(٨) قادري: انا من نور الله نڪو ات ڏينهن نه رات.

شاهه: نڪا رات نه ڏينهن سڀڪو ٻسي ٻرينءَ کي.

(٩) قادري: تو اوڏو تو سانڻ، ٻر ٻرو جهڻ ڏاڪڙو.

شاهه: سنڌي سُهرين، ٻر ٻروڙن ڏاڪڙو.

(١٠) قادري: سڪ تنهنجي سهرين اندر ٻارين آڳ.

شاهه: سڪ تنهنجي سهرين اندر ٿي اجهاڳ.

(١١) قادري: وياسي وحدت ڏونهه، اندر جنين اڌ.

شاهه: اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ڏوريندي يون.

(١٢) قادري: سي وڻا پيهي پان ۾ لوڪان ڪري لڪ.

شاهه: نانگا نانيءَ هليا، لوڪان ڪري لِڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڏ = خوشي، سچي دل (شعر جي لحاظ کان)

سگهر = واٽ، رستو.

گوندر = ڳڻتي، فڪر، ڏک.

ڪاش! سندس ڪلام گهڻي تعداد ۾ موجود هجي ها، ته ان جي لغات ۽ شعري سٽا تي

سنڌ جا عالم قلم کڻن ها ۽ هرهڪ پنهنجي پر ۾ ڪم ڪري، ان کي ادبين عالمن آڏو آڻي ها ۽ پيا وري انهيءَ ڏس ۾ به ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڪن ها. ايئن ڪرڻ سان ميين عيسي جي ڪلام جو ڪلي جائزو پيش ٿي ويجي ها. اسان کي جيڪي ٿورا ڪٿا هٿ آيا، تن تي اڪتفا ڪيون ٿا.

## ميون شاه عنات رضوي

شاه عنايت، سنڌي ادب جي تاريخ ۾ شاه عنات رضوي جي نالي سان مشهور آهي. سندس ڄمڻ ۽ مرڻ جي تاريخن ۾ تضاد ملن ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق مطابق شاه عنات ١٠٣٠ھ کان ١٠٣٥ھ جي وچواري عرصي ۾ تولد ٿيو ۽ ١١٢٠ھ کان ١١٢٥ھ واري عرصي جي ڪنهن سال ۾ وفات ڪيائين. (١)

ميـون شاه عنات پنهنجي دؤر جو قادرالڪلام شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام ۾ شيريني ۽ سلامت آهي، ميـون صاحب نهايت پرهيزگار هو، انڪري سندس ارادت ۾ ڪافي ماڻهو هئا، جيڪي نه صرف ڪانئس رشد ۽ هدايت حاصل ڪندا هئا، پر ڪانئـس سندس شعر به نهايت عقيدت ۽ ذوق سان پڙهندا هئا.

شاه عنات لاءِ مشهور آهي ته سندس ملاقات شاه عبداللطيف سان ٿي هئي، ملاقات واري وقت ۾ شاه عنات اُسي ورهين جو بزرگ هو ۽ شاه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف ٢٠-٢٥ سالن جو ڳڀرو نوجوان. ان ملاقات مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ شاهہ لطيف سندس هاڪ ٻڌي، وٽس ويو هوندو. هونئن بہ شاهہ عنات ڪو گهڻو پري ڪونہ رهندو هو. سندن ڳوٺن جي وچ ڪل ١٥-١٨ ميلن جو فرق هو. ان عرصي ۾ شاهہ عنات جون وايون ۽ بيت جهر جهنگ مشهور هئا. ڪلام جو مفهوم سڻاءُ ۽ ٻولي ٻڌي يقينن شاهہ لطيف ڪو تاثر قبول ڪيو هوندو. شاهہ عنات ۽ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي ٻولي ۽ ڀيٽ بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

"عام سنڌي داستانن ۽ مشهور عنوانن جي تاجي پيٽي ۾ اٿيل ۽ سُروار بيتن جي سڻاءُ ۾ سمايل شاعري کي سنوارينڌڙن ۽ سينگارينڌڙن ۾ ميين شاهہ عنات ۽ شاهہ عبداللطيف جو شرف مڙني کان مٿاهون آهي. ٻنهي هن نئين تحريڪ ۾ پائيوار آهن، بلڪ ٻنهي هن تخليق لاءِ فطرت طرفان چٽيل جاڙا ڀار آهن. ٻنهي ساڳي صورت جون بہ اکيون آهن ۽ ساڳي سپ جا بہ موتي آهن. البت سنڌي شاعري جي فن ۽ ان جي اسرندڙ فڪر جي ارتقائي تقاضا موجب ٻنهي مان هرهڪ پنهنجو پنهنجو ڪم ڪيو. ميين شاهہ عنات قالب گهڙيا تہ ڀٽائي صاحب اُهي سوڌي سنواري پرڀيا، ميين شاهہ عنات ديوارون کنيون تہ ڀٽائي صاحب عمارتون اڏيون ۽ ميين شاهہ عنات صورتون ايجاد ڪيون تہ ڀٽائي صاحب اُهي روح ڦوڪي جاڳايون. ميون شاهہ عنات چڻ ڀٽائي صاحب جي آمد لاءِ اڳواڻ بنجي آيو. ۽ اهڙي ميدان سنواريائين، جنهن تي پوءِ ڀٽائي صاحب ڪؤنتل ڪڏايا......

جيڪڏهن تسليم ڪجي تہ ڪم از ڪم ١٣-١٤ ورهين جي عمر ۾ لطيف جو ذهني لاڙو پرجهڻ ۽ پروڙڻ، سلوڪ ۽ صحبت طرف ٿيو ۽ هن شاهہ حبيب جي حويلي کان قدم وڌائي ٻاهر ڪائنات ۾ رکيو تہ اول جنهن شاعر جو نالو يا جنهن بزرگ جو ذڪر سندس ڪنين پيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو. سو غالبن ميين شاه عنايت جوئي هوندو. ميين شاه عنات جي عِمر ان وقت اُسي ورهين کان مٿي هئي. سندس بيتن توڙي بزرگيءَ جو مذڪور جاءِ بجاءِ مشهور هو. (١٢)

هيٺ شاه عنات ۽ شاه لطيف جي ٻوليءَ محاورن، اصطلاحن، ورجيسن ۽ ترڪيبن جو موازنو پيش ڪجي ٿو:

١- عنات: الست ارواحن کي جڏهن جاڳايو جبار.

شاه: الست ارواحن کي جڏهن جاڳايو جليل.

٢- عنات: اوڳڻ ٻائي ٻاند، پرين آيس تو مٿي.

شاه: اوڳڻ ڪري اَپار، تو در آيس داسڙا.

٣- عنات: تارا اوتارا، ونيون وچاٿو پرينءَ جو.

شاه: ونين ۾ تي ويه، تارن ۾ ڪر تڪيو.

٤- عنات: چنڊ تنهنجي بات، مونکي آهي من ۾،

الله لڳ عنات چئي، تو اچو منجهه رات.

شاه: چنڊ تنهنجي ذات پاڙيان تان نہ پرين سين.

تون اچو ۾ رات، سڄڻ نت سو جهرو.

٥- عنات: دودستيون دوران، جنهن کي سيني سنگهر رڪ جي.

شاه: دو-دستي دوپير، سيني سنگهر رڪ جي.

٦- عنات: نوَ نوَ نير نهرا، پيرين پيڏ پنجاه.

شاه: نونير، ڏه ڏاوٿيون، پندرنهن پينڌ پياس.

٧- عنات: الله لڳ عنات چئي، وک وڌندي پاءِ.

شاه: ڪرها ڪسر چڏ، وک وڌندي پاءِ.

٨- عنات: ڪامل ڪنت سبحان، پيچ پني گهر آئيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ سڄڻ سوپارو، پيچ پني گهر آئيو.

٩- عنات: قرقل، قوتا، پارچا پاتاٺون پڙيون،

جي ڇُهي منجھ ڇڙيون، سي ڀيڙيون رکين ڀا جھ سين.

شاهہ قرقل، قوتا پارچا پاٺيئَ پاتاٺون،

جي ڇُهي ڇوڙياٺون، سي ڀيڙيون رکين ڀا جھ سين.

١٠- عنات: ملا معلم خبرون پڇي پروڙج.

شاهہ ملا معلم خبرون پڇي پروڙياٺون.

١١- عنات: پنهن ھڪين پٽ ڪٽي، گهرن ھڪين گهرا.

شاهہ پنهن جو پٽ ڪٽي، سو جي سيجاٺن.

١٢- عنات: طمع جي تمام، مور نہ اٿن من ۾.

شاهہ جي پائين جوڳي ٿيان، طمع ڇڏ تمام.

١٣- عنات: جي پائين جوڳي ٿيان، تہ ڀر جوڳي ھڪي ڀار،

شاهہ جي پائين جوڳي ٿيان تہ ڀر گرؤ جي ڀار.

١۴- عنات: آن ٤ پڻ تنهين کي، چنڊيان ڪِھ اکين سين.

شاهہ چنڊيان ڪِھ اکين سين، ڀيرين وجهي هٿ.

١٥- عنات: اکيون آب اُھڪنديون، پنهنجي ڪوڙ ڪٽن.

شاهہ اکيون آب پريو، انهين ڪوڙ ڪٽان.

١٦- عنات: آڏي رات عنات ڇني سالڪا سنجن.

شاهہ سڄن سالڪن تي وڏي وير وهون.

١٧- عنات: سوئي سارئم سومرا، جو پاٿر جو پنهوار.

شاهہ ستي سيئي سارڀا، جي پاٿر جا پنهوار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ١٩٦٨ ص؛٢٢

(٥) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر 'شاهه لطف الله قاري جو ڪلام' انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو١٩٦٨ ص؛ ٢٣

(٦) ساڳيو ڪتاب ص؛ ٢٥

(٧) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر 'شاهه لطف الله قادري جو ڪلام' انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ١٩٦٨ ص؛ ٢٩

(٨) دائود پوٽو عمر بن محمد ڊاڪٽر 'مضمون ۽ مقالا' ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ١٩٧٨ع ص ٦٠.

(٩) دائود پوٽو عمر بن محمد ڊاڪٽر 'مضمون ۽مقالا' ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ١٩٧٨ ص؛ ٦١

(١٠) بني بخش خان ڊاڪٽر شاهه جي رسالي جي ترتيب- ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ١٩٧٤-ص.١٣

(١١) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "ميين شاهه عنات جو ڪلام" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ١٩٦٣ ص؛ ٣١-٦٠.

(١٢) بلو چ نبي بخش خان ڊاڪٽر "ميين شاهه عنات جو ڪلام" سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٣ع، ص؛ ٨٩-٩٠.

(١٣) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر 'ميين شاهه عنات جو ڪلام' سنڌي بورڊ ١٩٦٣ ص؛ ٩٦-١٠٥.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيون

# شاهه جي دؤر جي ٻولي.

لساني ۽ لغوي خصوصيتون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهه جي دور جي ٻولي

## لساني ۽ لغوي جائزو

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سن ١١٠١ ھ مطابق ١٦٨٩ع ۾ پيدا ٿيو. ان دؤر تائين سنڌ جي تاريخ ڪيئي عجيب لاها چاڙها ڏسي چُڪي هئي. ٧١٢ع ۾ محمد بن قاسم جي ڪاهه کان پوءِ سنڌ ڪيئي سوين سال سک جو ساهه نہ کنيو، مٿس مسلسل ڌارين جي حڪومت رهي. اهو پڻ فطري عمل آهي تہ عام رعايا هميشہ حاڪمن جي هلت جو خيال رکندي آهي، انڪري جنهن رفتار سان سنڌي سماج جي فطري اوسر ٿيڻ گهربي هئي، اُها نہ ٿي سگهي. عربن جي دؤر حڪومت ۾ عربيءَ جو رواج پيو. هنڌين ماڳهين مدرسا کُليا. ماڻهن انهن ۾ دلچسپي ورتي. ماڻهن جي دلچسپيءَ جو اهو عالم هو، جو هتان جي عالمن عربي زبان، قرآن، حديث ۽ فقہ ۾ ايتري تہ ڄاڻ حاصل ڪئي، جو ڪين عرب دنيا جي ٻين ملڪن ۾ مدرسن ۾ پڙهائڻ لاءِ گهرايو ويندو هو ۽ سندن ڪتاب مصر جي مشهور يونيورسٽي جامع الاظهر ۾ پڙهايا ويندا هئا. انکان علاوه عرب دنيا جي ملڪن مان ماڻهو سنڌ جي مدرسن ۾ خاص تعليم حاصل ڪرڻ ايندا هئا.

ان دؤر ۾ منصوره جي عالم هڪ هندو راجہ جي چوڻ تي قرآن شريف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايو (١) انکان پوءِ سومرن جو دؤر شروع ٿئي ٿو، جو ١٠٥٠ع کان ١٣٥١ع تائين جاري رهيو. ان دؤر ۾ سرڪاري زبان عربي هئي. ملڪ جو وهنوار عربيءَ ۾ ٿيندو هو. سنڌي جيئن تہ مقامي حاڪمن سومرن جي مادري زبان هئي، انڪري ٿوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻي انڪي بہ وقعت ملي، تڏهن بہ شاهي دربار ۾ انلاءِ ممانعت هئي. سومرن کان پوءِ وري مقامي حاڪمن سمن جو دؤر شروع ٿئي ٿو، جن ١٣٥١ع کان ١٥٢١ع تائين حڪومت ڪئي. اها بہ عالم آشڪار حقيقت آهي تہ هنن وڏي دٻدٻي سان حڪومت ڪئي ۽ سنڌ ملڪ جون حدون وڌايون، نہ صرف ايترو پر پاڙيسري ملڪن سان سفارتي لاڳاپا قائم ڪيا. هن دؤر ۾ سنڌ جا مدرسا پوري عالم اسلام ۾ مشهور ٿيا. سمن جي دؤر ۾ بہ سرڪاري زبان عربي هئي. البت ڪن دستاويزن مان اهو بہ ثابت ٿيو آهي تہ فارسيءَ بہ پير کوڙيا هئا ۽ اُها بہ دفترن ۾ رائج ٿي چُڪي هئي. (٢)

يعني وري بہ ڏاري ٻوليءَ کي درجو مليو، پر سنڌيءَ سان ساڳيو ماتيجي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو ويو. سمن جي حڪومت کان پوءِ باقاعده ڌارين جو تسلط قائم ٿيو ۽ شاهه بيگ ارغون ڄام فيروز کي شڪست ڏني، ارغوني دؤر حڪومت جو پايو وڌو، جيڪا ١٥٢١ع کان ١٧٨١ع تائين جاري رهي. انهيءَ دؤر ۾ ارغونن کان پوءِ ترخان ۽ انهن کان پوءِ مغل سنڌ مٿان حڪومت ڪندا رهيا. انهن ٻن سؤ سالن ۾ سنڌ سان ڇا وهيو واپريو، اهو سنڌ جي تاريخ جو هڪ دردناڪ داستان آهي، جنهن کي هتي نٽودهرائي سگهجي. انهيءَ دؤر ۾، سنڌ ۾ جيڪا ٿوري گهڻي علمي سجاڳي آئي هئي، انکي نيست و نابود ڪيو ويو، سنڌ جا وسندڙ شهر ويران ڪيا ويا. سنڌ جا اُهي علمي مرڪز جيڪي عالم اسلام جي شان ۽ شوڪت جا روشن منارا هئا، انهن کي تاراج ڪيو ويو. لائيبرريون ساڙيون ويون ۽ چڱا چڱا ڪتاب کڻي ڪابل ۽ ايران پهچايا ويا. ماڻهن کي مجبور ڪيو ويو تہ هو فارسي ڳالهائين. فارسي ڳالهائيندڙن کي درٻارين مان انعام اڪرام ملڻ لڳا. مجموعي طور ماڻهن جي مزاج کي پليد ڪيو ويو. ان کان علاوه سنڌ جي مقدس روايتن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيئي حيلا هلايا ويا. اِهو دؤر هو جڏهن مشهور پهاڪو جوڙيو:"فارسي گهوڙي چاڙهسي" يعني جيڪو فارسي سکندو، اُهو وڏيءَ منزل تي رسندو. فارسي کي مقبول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ، انهي ڏگهي عرصي ۾ ماڻهن کي نوڪريون، شاهي خلعتون، سرڪاري جاگيرون ۽ درٻارين ۾ انعام ڏنا ويا.

ان دؤر کان پوءِ وري مقامي حاڪمن يعني ڪلهوڙن جو دؤر شروع ٿئي ٿو، جيڪو ١٧١٨ع کان ١٧٨٢ع تائين جاري رهيو. ان ئي دؤر ۾ اسانجو محبوب شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي پيدا ٿيو.

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ بہ سرڪاري ۽ دفتري زبان فارسي هئي. ڪلهوڙا سياسي طور ايترا پختا ڪين هئا. هو ويچارا ڪافي Complex جو شڪار هئا. ايتري قدر جو هو پاڻ کي مقامي ماڻهو سڏائيندي پنهنجي گهٽتائي سمجهندا هئا. انجي ابتڙ پنهنجو تعلق عرب قبيلي سان ڳنڍي پاڻکي "عباسي" سڏائيندا هئا. هنن جي دؤر حڪومت ۾ بہ دفتري روايتون ساڳيون ارغونن ۽ ترخانن واريون هيون. مقامي ماڻهن سان سندن ورتاءُ اوپرو ۽ ڏاريو هيو، جو ارغونن جي دؤر ۾ جيڪي فارسي سڪندا هئا، انهن کي انعام اڪرام سان گڏ نوڪريون بہ ملنديون هيون، پر ڪلهوڙن جي دؤر ۾ مقامي ماڻهن جي نوڪرين تي بندش هئي. اُهي بہ البت فارسي خاندانن کي ملنديون هيون، انڪري پراڻي پهاڪي ۾ هيءَ تبديلي آئي تہ "پڙهي پارسي، وڪڻي تيل، ڏسو زماني جو کيل."

اهڙي زماني ۾ شاهه سائين، شاهي روايتن جي يڪسر ڀڄڪڙي ڪئي ۽ پيغام ڏنو تہ:

جي تون فارسي سکيو، گولو تان غلام،

ايجيو تان آب گهري، بکيو تان طعام،

عامن سندو عام، خاصن منجهان ڪين ٿئي.

جنهن وقت فارسي شاعرن جي رسائي درٻارين تائين ٿي هلي، ۽ سنڌ سميت سڄو هندستان فارسي شاعريءَ جي اسلوب توڙي موضوعن کي پنهنجو ڪري رهيو هيو، تڏهن شاهه سائين نہ رڳو انهن روايتن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڙيو، پر پنهنجون روايتون قائم ڪري، پنهنجي ٻولي جون پاڙون هميشہ لاءِ پختيون ڪري ڇڏيون؛

"لوڪ لهوارو وهي، تون اوچو وهاوبار."

عام روايتن جي ابتڙ هلي يا ٻين لفظن ۾ وهندڙ درياءَ جي سير ۾ اوبارو هلي، سارلي جي لکڻ موجب شاهه صاحب، پنهنجي دؤر ۾ قائم ٿيل ذهني سامراجيت کي ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ٿيو.( ٣ )

شاهه جي دؤر تائين سنڌي ٻولي ڪافي ڏک ڏاکڙا ڏسندي، سور سهندي، اچي منزل رسي هئي، ان دؤر تائين ڳاهن، ڳنان کان وڌي اچي بيت، وائي ۽ ڪافيءَ تي رسي هئي. ان ۾ بہ موضوع ۽ سر وارا بيت الڳ جڙي چڪا هئا. مڪاني روايتن کي کڻي پنهنجي مقامي رنگ ۾ شاعري ڪرڻ جو باقاعده آغاز ٿي چڪو هو. عشق، محبت، انساني جذبن ۽ ڪيفيتن جي اظهار ڪرڻ لاءِ بيت ۽ ڏوهيڙا ڪتب اچڻ لڳا هئا. ان کان سواءِ علمي ۽ فڪري بحث بہ سنڌي شاعري جو موضوع بنيا، جيئن قراني فلسفو، حديثن جي حڪايت، وحدت الوجود، خود شناسي، خداشناسي وغيره. ان سان گڏ لوڪ شاعري ۽ قصا ڪهاڻيون سنڌي ٻوليءَ جو قيمتي سرمايو هئا، جيڪي عام ڪچهرين ۾ پيش ٿيندا هئا. اها هئي مجموعي طور سنڌي ٻوليءَ جي حالت، جنهن کي شاهه سائين پنهنجي فڪري جوت سان جلا بخشي ۽ ان عروج تي رسايو، جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

جيئن تہ اسان اڳ ۾ ڪافي ڀيرا ورجائي چڪا آهيون تہ شاهه صاحب عوامي روايتن جو حامي هو. انڪري پنهنجي شاعري ۾ جتي ڪلام پاڪ جون هوبهو آيتون ۽ اکر ڏنا اٿائين، اتي ڪن عربي اکرن کي مقامي محاوري مطابق بہ استعمال ڪيو اٿائين.

جيئن تہ اسان مٿي شاهه جي ڪلام مان عربي، فارسي، هندي، بلوچي اکرن جي اظهار ڪري آيا آهيون. هيٺ صرف انهن اکرن کي ويچار هيٺ آڻيون ٿا، جن جي شاهه صاحب لساني ۽ لغوي لحاظ کان بگاڙيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت پيش ڪئي آهي. يا ٻين لفظن ۾ ٻاهران آيل لفظن تي سنڌي لغت جا جيڪي اثر ٿيا آهن ۽ عام ماڻهن ۾ اُهي رائج آهن، انهن کي انهيءَ انداز ۾ پيش ڪيو اٿائين:

سر ليلان چنيسر ۾ فرمائي ٿو:

چئي چنيسر ڄام سين، ليلا تون نہ لڪاءِ،
دوس تنهنجو داسڙو ڪاند وڏيائي ڪاءِ،
تہ ڍولو ڍڪ سندياءِ، عيبن ڪي آڏو اچي.

شاھ صاحب عام محاوري مطابق فارسي لفظ "دوست" جي بگڙيل صورت 'دوس' استعمال ڪئي آهي.

اهڙي طرح سُر ڏهر ۾ فرمائي ٿو:

مَ ڪر ڍول ڍلو، ناتو نماڻيءَ سين.
ڪونهي ڪميڻيءَ جو بگر تو بلو،
تنهنجو نانءُ نلو، وٺي ويٺي آهيان.

انهيءَ بيت ۾ شاھ صاحب 'بغير' لفظ بدران عام رائج بگڙيل صورت 'بگر' استعمال ڪئي آهي. اهڙي طرح سنڌي ۾ 'ج' کي 'ز' ۾ تبديل ڪرڻ جا بہ ڪيئي مثال آهن. جيئن:

سونا وٽن صراف سين، پيحي پڇڏ بازي،
چاندي ڪٿو چلائيين، روپو روازي،
جت ٿيندو رب قاضي، ات توريندا تجويز سين.

(سُر سريراڳ)

هن بيت ۾ اصل لفظ 'رواجي' جي جاءِ تي نج ڳوناٺو اُچار 'روازي' استعمال ڪيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي نموني سنڌي لغت جي خصوصيت بدل ڪري 'ز' 'ج' ۾ تبديل ٿيندي آهي. انجو مثال شاهه صاحب هن ريت پيش ڪيو آهي:

سڙهه سنوان لاهو نوان، اولا سندن عاج،
ساٿي سفر هليا، پري جُنگ جهاج،
حاصل ڪرين هاج، واحد! وڻجارن جي.
(سُر سريراڳ)

خصوصيت 'بدل' جو هيو مثال پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ 'ف' 'ڦ'؛ 'ر' - 'ل' ۾ بدلجي وئي آهي. شاهه صاحب ساڳئي سُر جي داستان ٽئين ۾ فرمائي ٿو:

دنگي وچ درياهه، ڪين هڏي، ڪين اُپڙي،
هو جي وادي واڻيا، سي سونهن سپ سَٺا،
معلم ماڳ نه اڳين، 'ڦلنگي' منجهه ڦريا،
ملاح تنهنجي مڪڙي، اچي چور چڙهيا،
جتي ڊينگ ڊريا، تتي تاري تنهنجي.

اصل لفظ آهي؛ فرنگي، جنهن کي شاهه صاحب 'ڦلنگي' ۾ ڦيريو آهي. غور سان ڏسبو ته شاهه صاحب لفظ جي بگڙيل صورت ان جاءِ تي استعمال ڪئي آهي، جتي محاوري مطابق تمام ضروري چاتو اٿس. ورنه هرويرو لفظن جو بگاڙو شاهه سائين جهڙو اڪابر شاعر ڪيئن تي ڪري سگهيو. سر 'آسا' ۾ فرمائي ٿو:

سر مو 'سفيديءَ' جو جڏهن پاتو جن،
تڏهن ڏني تن، اچائي عالم جي.

وري محاوري مطابق سُر سريراڳ ۾ ساڳيو لفظ هن صورت ۾ پيش ڪيو اٿس:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻَ ڀچنئي سُهرين، چت ۾ رکج چيت،
سڙهه ڏٺاري صاف ڪري، صابڻ ساڻ 'سبيت'،
ساموندي سُچيت، ٿيءُ تہ ڀهچين پار ڪي.

هيٺ ڪجھ اهڙا ٻيا مثال پيش ڪجن ٿا، جن ۾ شاهہ صاحب ڪن ڏارين، ٻولين جا اُهي لفظ استعمال ڪيا آهن، جيڪي سنڌي لغت جو حصو ٿي چُڪا هئا، ۽ پنهنجي اصل صوتي، ۽ نحوي صورت بدلائي چُڪا هئا.

ڪرهي 'ڪاڪت' چڏي وريس نہ وائي.
(ڪنيات)

لچڻ ڪُجڻ نہ ٿيو، جانب ريءُ 'جباب'.
(ڪلياڻ)

مٿين سٽن ۾ عربي لفظ 'طاقت' کي 'ڪاڪت' ۽ 'جواب' کي 'جباب' جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

وري ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

وارو وَرَوني ويا، جيڏيون ڪري 'جور'.
(ديسي)

مران جي هن هنڌ، ويحي 'مٿث' ملير ڏي.
(مارئي)

انهن بيتن ۾ 'زور' جي جاءِ تي 'جور' ۽ 'ميت' جي جاءِ تي 'مٿث' استعمال ڪيو اٿائين. اِهي لفظ شاهہ جي دؤر تائين پنهنجي صورت وڃائي چُڪا هئا ۽ سنڌي ٻولي جو حصو بنجي چُڪا هئا ۽ اڄ سوڏو ڀهراڙيءَ ۾ انهي صورت ۾ استعمال ٿيندا آهن.

هيٺ ڪجھ اهڙا مثال پيش ڪجن ٿا، جن ۾ شاهہ صاحب لفظ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## صوتي ۽ صرفي جائزو.

شاهه صاحب جيڪي شعر چيا آهن، انهن ۾ اول مقامي محاوري کي نظر ۾ رکيو اٿس، انکان پوءِ مضمون يا موضوع کي نظر ۾ رکيو اٿس. ان لحاظ کان ٻولي ۽ محاورا بہ اُهي ئي استعمال ڪيا اٿس.

مثال طور:

لاڙي لهجي ۾ 'حرف جر' جو انوکو استعمال:

"ساريان ڪانہ سرير ۾ طاقت توهان ڏار."

يا ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

"آءٌ آهيان آنهان ڏار."

پهرين سٽ ۾ 'توهان' معنيٰ توهان کان ۽ ٻي سٽ ۾ 'آنهان' معنيٰ اوهان کان.

يا سر سهڻي ۾ فرمائي ٿو.

مونهائي اڳي، گهڙو سپ گهڙا ڪٽي.

هتي 'مونهائي'، معنيٰ مون کان اڳ ۾.

اها ڳالهہ اسان وضاحت سان لاڙي لهجي ۾ ٻڌائي آيا آهيون تہ لاڙ ۾ 'هہ' گهڻي قدر حذف ڪئي ويندي آهي. مثال: لاڙي ماڻهو اوهين (ضمير) کي چون آئين.

"آئين جي ورن واريون، سرتيون سڏڙيون."

يا ٻيو مثال فعل مان ڏيون ٿا:

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، چيلهہ ٻڌي چوتو،

مهجو من ميهار کي، پار وچي 'پوتو'.

هتي 'پوتو' معنيٰ پهتو.

شاهه جي شعر ۾ اسم مفعول جو استعمال:

عاشق 'معشوقن' جو ولي وهج سير.

(يمن ڪلياڻ)

'ستا' اٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري.

(ڏهر)

'وڍي' ٿي وايون ڪري، 'ڪُٺل' ڪوڪاري.

(معذوري)

'پڳوئي' پير، جيسين 'رتو' راس ٿئي.

(ڪاپائتي)

سنڌي ٻوليءَ ۾ اسم مفعول عطف طور بہ ڪم ايندو آهي. يعني جملي ۾ بيان ڪيل ڪمن جي سلسلي کي ڳنڍڻ جو ڪم ڪندو آهي. مثال:

'اجهاميو' ٻرن، توکي ساريو سُهرين.

(رپ)

'پاڙيو' ويئي پاڙ، جيڪي لکيو لوح ۾.

(سهڻي)

اڄ ٻڌ اکڙيون 'ساريو' رون سڄڻ کي.

(بروو سنڌي)

اسم مفعول صفت ٿي بہ ڪم ايندو آهي. جيئن:

اچي عزرائيل 'ستي' جاڳائي سسئي.

(حسيني)

'مٺي مٺي' مهراڻ ۾، ٻڏ ٿهو ڏيئي.

(سهڻي)

'هاريا' ويچ مياس، سُڌ نه لهن سورجي.

(يمن ڪلياڻ)

ضمير متصل سنڌي ٻوليءَ جي خاص خوبي آهي، جيڪا سنڌس ٻين ٻولين ۾ ناپيد آهي. انهي خوبيءَ ڪري ٻوليءَ ۾ هڪ ته بلاغت وڌيو وڃي ٿيو ته ميٺاس سرس ٿيو پوي. شاهه سائين ضمير متصل هن طرح استعمال ڪيا آهن.

١- 'لڱم' ٻاڻ ٻروچ جو، امڙ پَل مَ مون.

(حسيني)

٢- سونهن وڃايم سومرا، ميرو منهن 'ٿيوم'.

ويڃڻ تت 'پيوم'، جت هلڻ ناهي حسن ريءَ.

(مارئي)

٣- سُتي نه 'سرندياءِ'، ڪر پچار پرينءَ جي.

(ڏهر)

ضمير متصل کان علاوه ضمير استفهام جو استعمال ته هندستان جي تقريبا سيني ٻولين ۾ ملي ٿو، پر شاهه سائين سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن ۾ استعمال ٿيندڙ ضمير استفهام کي نهايت انوکيءَ وڻندڙ انداز ۾ پيش ڪيو آهي؛

١- جي رهڻي رهيو نه سُهرين ته ڪهڙي ڪبو 'ڪوه'؟

(يمن ڪلياڻ)

٢- ڪاري رات ڪنن ۾ 'ڪهڙو' اٿئي ڪم.

(سهڻي)

٣- منهنجو 'ڪچاڙو'، پينر هن پنيور ۾.

(حسيني)

٤- 'ڪُم' چاٺان، 'ڪوه' ٿيو، ڪيڏانهن ٿي ويجان؟

ضمير مشترڪ جو استعمال:

سڀ ۾ پنهون 'پاڻ'، پيو ناهي پروچ ري.

(سسئي)

قادر 'پنهنجي' قدرت سين قائم آهي قديم.

(ڪلياڻ)

بستي ڏور مَ بر، تون 'خود' آهين تڪيو.

(رامڪلي)

مطلب تہ شاه سائين جي هرهڪ لفظ جي لساني، لغوي، صوتي ۽ صرفي اپٽار پيش ڪري سگهجي ٿي. مٿي اسان صرف حوالي خاطر چند مثال پيش ڪيا آهن.

## حوالا


(١) ميمڻ عبدلمجيد سنڌي، 'سنڌي ادب ڪي مختصر تاريخ' انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ١٩٨٣ع ص: ٢٤

(٢)ميمڻ عبدلمجيد سنڌي، 'سنڌي ادب ڪي مختصر تاريخ' انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ١٩٨٣ع ص: ٢٤

(٣) ايچ- ٽي- سارلي، شاه عبداللطيف آف ڀٽ، سنڌي ڪتاب گهرڪراچي ١٩٨٩ع ص: ٢٣٧.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب چوٿون

# شاهه جي ٻولي.

### ٻوليءَ جو معيار ۽ خوبيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهه جي ٻولي

## ٻوليءَ جو معيار ۽ خوبيون

جيئن تہ اسان اڳ ۾ عرض ڪري آيا آهيون تہ شاهه صاحب جي دؤر ۾، يا انکان ڪافي عرصو اڳ، سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي فطري واڌاري لاءِ، مناسب ماحول نہ هيو. عربن کان پوءِ سمن، سومرن ۽ سندس دؤر يعني ڪلهوڙن جي دؤر ۾ درباري زبان فارسي هئي. جيڪي ماڻهن فارسي ڄاڻيندا هئا، تن کي وڏا عهدا ملندا هئا، ۽ معاشري ۾ انهن کي معتبر سمجهيو ويندو هو، عام چوڻي هئي تہ "پارسي گهوڙي چاڙهسي" ۽ سنڌي لاءِ چوندا هئا تہ "سنڌي وائي ڪم نہ آئي" حاڪم جيتوڻيڪ مقامي هئا، پر پوءِ بہ هو فارسي کي ترجيح ڏيندا هئا. ٻين لفظن ۾ فارسي زبان کي مڪمل طور سرڪاري سرپرستي حاصل هئي. هوڏانهن مسلمان راڄ ڪري، عربي جي واڌاري لاءِ هر دؤر ۾ ڪافي عملي ڪوششون ٿينديون رهيون. سنڌ ۾ وڏا وڏا مدرسا هئا، جتي عربي زبان جي باقاعده تعليم ٿيندي هئي. علم اِملا کان وٺي صرف، نحو، ابجد، تجويد وغيره. سيکاري ويندي هئي. ان کان علاوه حفظ، فقه ۽ ديني تعليم جو نظام الڳ هو.

تحقيق مان معلوم ٿيو آهي تہ ان دؤر ۾ جيڪي سرڪاري منصب تي فائز هئا، تن جي ذهني سطح اِها هئي تہ سنڌي ٻولي ان قابل ئي نہ آهي، جو ان ۾ شعر يا ڪي فلسفيانہ نُڪتا چئي سگهجن.

وقت جي عالمن ۽ ڏاهن ماڻهن، جڏهن اهو محسوس ڪيو تہ عام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺهن کي ديني تعليم ڏيڻ جو بهترين ۽ مؤثر ذريعو سندن مادري زبان آهي، تہ هنن ابتدا اسلام جي بنيادي رڪنن کي سنڌيءَ ۾ ترجمي سان ڪئي. ان تحريڪ جي شروعات ٺٽي جي عالم مخدوم ابوالحسن ڪئي، ۽ سن ١٧٠٠ع ڌاري نماز جي بنيادي فرضن ۽ مسئلن بابت "مقدمة الصلوات" عرف عام ۾، "مخدوم ابوالحسن جي سنڌي" ڪتاب لکيو. مخدوم صاحب نج سنڌي اچارن لاءِ عربي حرفن تي ٽبڪا ڏئي، نئين صورتخطي تيار ڪئي، ۽ وقت پڄاڻان انهي صورتخطيءَ ۾ اصلاح ۽ اضافا ٻين عالمن بہ ڪيا، خصوصا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جون ان ڏس ۾ ڪوششون ڪڏهن بہ وساري نہ ٿيون سگهجن. مخدوم صاحب جي ڪيل اصلاح علم صوتيات جي تقاضا مطابق آهي، سن ١٨٥٣ع ۾ موجوده صورتخطي ٺاهڻ وقت، مخدوم محمد هاشم جي تيار ڪيل صورتخطي کي خاص طور مدنظر رکيو ويو. البت ويچار اِهو آهي تہ مخدوم صاحب جي ڪن ٺاهيل حرفن کي بناں ڪنهن غور فڪر جي نظرانداز ڪيو ويو ۽ انهن جي جاءِ تي اهڙا غير سائنسي اکر استعمال ڪيا ويا، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۾ اهم رنڊڪ ثابت ٿيا آهن. مثلن مخدوم صاحب وِسرڳ حرفن لاءِ 'ھ' جو استعمال ڪيو آهي. انهي جاءِ تي موجوده صورتخطي ۾ وسرڳ حرفن لاءِ هيٺيان طريقا اختيار ڪيا ويا آهن، جن ۾ نہ تہ يڪسانيت آهي نہ وري منطق.

الف- چار نقطا- ڀ، ٿ، ڇ، ڦ

ب- ٻہ نقطا- ٺ، ڍ، ڌ

ث- بنان نقطي- ک

ت- ھ ملائڻ- لھ، گھ، نھ

عام مشرقي ٻولين ۾ هڪ طريقو رائج آهي يعني 'ھ' ملائڻ وارو طريقو، پر سنڌي ۾ غير سائنسي طور چار طريقا رائج ڪري صورتخطي کي اجايو مشڪل بنايو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه عبداللطيف ڀٽائي نہ صرف مخدوم ابوالحسن ۽ سندس ساٿين جي تحريڪ جي حمايت ڪئي، پر انهن کان بہ اڳرو ثابت ٿيو. هُنن عالمن صرف ديني مقصد لاءِ سنڌيءَ کي رائج ڪرڻ ٿي گهريو ۽ عام وهنوار لاءِ عربي ۽ فارسي کي روا رکڻ ٿي چاهيو، پر شاهه صاحب انجي برعڪس هر معاملي لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي ترجيح ڏني ۽ فارسي کان تہ نفرت ڪئي. چيو: ”جي تون فارسي سکيو گول تان غلام“ باقي عربي ٻوليءَ لاءِ ايترو چيائين تہ ”جي تو بيت ڀانيان سي آيتون آهين.“ يعني هي عربي آيتن جو سنڌي ترجمو آهي.

شاهه صاحب جيئن تہ انهن تحريڪي ساٿيارين جو همعصر هو، انڪري ٻولي جي سِٽا اُهائي قائم رکي ائيس. هونئن بہ فطري قاعدو آهي تہ هر ماڻهو خواهه ڪيترو بہ عالم فاضل هجي، پنهنجي دؤر جو محاورو استعمال ڪندو آهي.

شاهه صاحب جي ٻولي لاءِ سنڌي ادبي تاريخ جو پهريون مصنف محترم محمد صديق ميمڻ لکي ٿو تہ:

”شاهه عبداللطيف جي سنڌي ساڳي آهي، جا مخدوم ابوالحسن ۽ هن جي همعصرن ڪم آندي آهي. لغوي ترڪيبون ۽ صورتخطي جا قاعده بہ ساڳيا آهن. شاهه صاحب جيڪا ٻولي ڪم آندي آهي، تنهن کي عَجَ سنڌي ٻولي چوڻ درست آهي، ڇاڪاڻ جو ان ۾ سنڌ جي طبعي (پراڪرت) ٻوليءَ جا لفظ آهن، تہ مڪمل سڌريل (سنسڪرت) ٻوليءَ جا بہ لفظ موجود آهن. عربي ۽ فارسي لفظ بہ قائم آهن. پر اُهي سڀ اهڙا عام فهم آهن، جي سنڌ جو هرڪو هندو خواهه مسلمان آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو. (١) (ميمڻ محمد صديق ”سنڌي ادبي تاريخ“ ڀاڱو پهريون، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد ١٩٣٧ع ص:١٣٦)

شاهه صاحب جيڪا ٻولي استعمال ڪئي آهي، اُها هر وجه کان مڪمل، عام فهم، فصيح ۽ وڻندڙ آهي. ان ۾ نہ ڪا ڏرم جي دوئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، نہ ڪي معاشرتي اوچ نيچ جا اثر، عام صاف پنهنجي ديس واسين جي ٻولي، عوامي ٻولي. شاهہ صاحب جي استعمال ڪيل ٻوليءَ جي خاص خوبي اِها آهي، جو هن مڪاني محاورن کي ترجيح ڏني آهي. ڪيچ ويو تہ ڪيچين واري ٻولي، خيرپور ۽ شڪارپور آيو تہ اتراڏي ٻولي، ڍٽ ويو تہ ڍاٽين جي ٻولي، سمنڊ پر آيو تہ سامونڊين جي ٻولي وري جي جهنگ ويو تہ جهانگين جي ٻولي استعمال ڪئي اٿائين. اهڙي خوبي شايد ئي ڪنهن دنيا جي شاعر ۾ هجي.

ٻي خوبي جيڪا کيس ڏيهي توڙي پرڏيهي شاعرن ۾ ممتاز ڪري ٿي، سا آهي، مضمون مطابق محاوري جو استعمال. جڏهن هو اَڱڙين جي ڳالهہ ٿو ڪري تہ خالص لوهارڪي ڌنڌي جا اصطلاح ۽ محاورا ڪتب ٿو آڻي، وري جڏهن ڪاپائتين جو ذڪر ٿو ڪري تہ نج ڪتڻ واري ماحول جا اصطلاح استعمال ٿو ڪري. جڏهن وري دين ڌرم جي ڪا ڳالهہ ٿو ڪري تہ قرآني آيتون ۽ عربي فارسي مقولا ڪتب ٿو آڻي. ونس لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن جو تہ اڻ کٽ خزانو آهي. هو ساڳيا ساڳيا الفاظ استعمال ڪري پڙهندڙ کي بور نٿو ڪري، پر ويتر نوان لفظ ۽ نيون ترڪيبون استعمال ڪري مضمون ۾ نواڻ ۽ ڪشش پيدا ٿو ڪري.

شاهہ صاحب مقصد کي سگهارو بنائڻ ۽ ماحول کي پرتاثير بنائڻ لاءِ واسطيدار مضمونن ۾ نهايت اونهو ويو آهي، جنهن جي تشريح لاءِ باقاعده عالمن جي بوردن جي ضرورت آهي. مثال-سرسامونڊي ۾ شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ؛

جاجر جاتون نہ ڏئي، ڏيا نہ موهي،

سڏون ڪوهہ ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون.

هن بيت ۾ شاهہ صاحب سامونڊين جا ٻہ اصطلاح ڪتب آندا آهن. هڪ "جر جاتون ڏيڻ" ٻيو "ڏيا موهڻ". هتي اسان ٻئي نمبر اصطلاح جو مختصر ذڪر ڪنداسين. 'ڏيا موهڻ' ان عمل کي چئبو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽورن لفظن ۾ هيئن بہ چئي سگھجي ٿو تہ شاھ صاحب ٻوليءَ جو بادشاھ هو، سڀ اکر ۽ اصطلاح سندس آڏو هٿ ادب جا ٻڌي هڪيا حاضر بيٺا هوندا هئا. انهن جي صف بندي شاھ صاحب خوب ڪرڻ ڄاڻيندو هو. صرف حڪم جي دير هئي، لفظ اهڙي تہ موزون جاءِ ولي بيهندا جو ڏونگر ڏاري وجهن، ڪهڪاءَ تي اچن تہ سنگدل کي بہ پاڻي ڪري وجهن. هتي ڏسو ڪهڙو احساس ڪنيون بيٺا آهن:

اَسان اُڏارا آٿي آونگ چاڙهيا،
منهن ڏيئي مون آئيا، سَمُهان سيارا،
ايرن سيڪارا، پَسيو ور پيہن جا.

شاھ جي شعر ۾ شعري صنعتون تہ ڪافي آهن، جن مان سندس بلند خيالي ۽ وسيع مطالعي جي عڪاسي نظر اچي ٿي، پر هتي اسان ڪي صرف ٻوليءَ تي لکڻو آهي.

ٻوليءَ جي خوبين ۾ انوکن الفاظن ۽ موزن محاورن سان گڏ پهاڪن ۽ چوڻين کي بہ شمار ڪيو ويندو آهي، بلڪ پهاڪا ۽ چوڻيون ٿي هونديون آهن، جن ۾ ڪنهن سماج جي سياڻن جي صدين جي سوچ جو ثمر سمايل هوندو آهي. پهاڪي سان ٻولي ۾ رنگيني ايندي آهي ۽ ڳالھ ٿورن لفظن ۾ جامع نموني سمجهائي سگهبي آهي.

شاھ صاحب جي ٻولي جو اڀياس ڪندي معلوم ٿو ٿئي تہ هن پنهنجي دؤر جي رائج پهاڪن کي تہ استعمال ڪيو آهي، پر سندس اُورچ ذهن مان جيڪي جملا نڪتا آهن، اُهي بہ پنهنجي مقصد ۽ موزونيت جي لحاظ کان پهاڪن جي ڏڪ پيا ڏين. بلڪ ايئن چوڻ درست ٿيندو تہ شاھ صاحب سماجي تجزئي کان پوءِ جيڪي جملا چيا آهن، سي اڄ جي دؤر ۾ حقيقت جو روپ اختيار ڪري ويا آهن، ۽ اڄ انهن جي حيثيت پهاڪن واري آهي. مثال:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١) چڱا ڪن چڱايون، مَٺايون مٺن،

جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.

(٢) ايءَ نہ مارن ريت جو سينڻ مٺائن سون تي.

(٣) جن مهانگو لهي ميڙيو، سي ٽا هٽ هٽن.

گهرائي سان ڏسبو تہ هر بيت ۾ هڪ اڌ مثال اهڙو ملندو، جنهن جو تاثر ٻهاڪي يا چوٿي سان ملندو، جيڪا شاهہ صاحب جي وڏي خوبي آهي.

## حوالا

(١) دائود پوٽو عمر بن محمد ڊاڪٽر "مقالو"- شاهہ جي بزرگي جا اسباب- 'يادِ لطيف' محڪمہ اطلاعات مغربي پاڪستان ڪراچي ١٩٥٦.

(٢) ايضا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پنجون

# شاھ جي ڪلام تي ٻين ٻولين جو اثر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهه جي ڪلام تي
# ٻين ٻولين جو اثر

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ بابت اهي روايتون عام آهن تہ هُو "اُمي" هو، يعني ڪيس قلبي يا لُدني علم هو. اهڙو اظهار سڀ کان پهريائين ڪتاب "تحفة الڪرام" ۾ ٿيل آهي، جنهن جو ليکڪ مير شير علي قانع ٺٽوي (وفات ۱۷۸۹) شاهه کي ويجهي ۾ ويجهو مؤرخ هو. جنهن جي تقليد ۾ پوءِ ڪافي ادبين، بنان ڇنڊ ڇاڻ جي، شاهه صاحب کي اُمي لکندا آيا. اصل ۾ شاهه صاحب جا پهرين دؤر جا ليکڪ، شاهه صاحب جا نهايت عقيدتمند هئا ۽ جيئن ڪين روايتون ٻڌڻ ۾ آيون، جن ۾ شاهه صاحب بابت ڪرامتون وغيره بہ شامل هيون، اُهي جيئن جو تيئن لکندا ويا.

ٻئي دؤر جي ادبين ٿوري تحقيق ۽ کوجنا کان پوءِ ٻڌايو تہ شاهه صاحب پاڻ سان شاهه ڪريم بلڙي واري جو ڪلام، قرآن پاڪ ۽ مثنوي مولانا روم ساڻ کڻي هلندو هو. ان روايت ۾ ڪافي حقيقت نظر اچي ٿي، ڇاڪاڻ تہ شاهه جي ڪلام ۾ انهن ٽنهين ڪتابن جون تمثيلون عام ملن ٿيون، سندس ڪلام ۾ قرآن مجيد جون آيتون، حديثون ۽ عربي محاورا استعمال ٿيل آهن. اهڙي طرح، جيئن تہ مولانا روميءَ جي مثنوي فارسيءَ ۾ لکيل آهي، ان ڪري تمام گهڻن هنڌن تي شاهه صاحب فارسي محاورا ۽ لفظ ڪتب آندا آهن ، جيڪي بيتن جي تجنيس حرفي، معنيٰ يا وري بيتن ۾ قافين جي صورت ۾ مزون جاءِ تي ڇپيل آهن.

ان کان سواءِ شاهه صاحب، نہ صرف شاهه ڪريم جي تخيل کان متاثر هو، پر انجون ترڪيبون ۽ محاورا بہ استعمال ڪيا اٿائين. اهڙيءَ طرح،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاھ صاحب پاڻ کان اڳ وارن شاعرن ڪبير(١٤٩٥-١٣٩٩)، ميران ٻائي (١٥٤٦-١٤٩٨)، سور داس (١٥٨٥-١٤٧٨) تلسي داس (١٦٢٣-١٥٣٢) شاھ عنايت (شهادت ١٧١٨)، لطف الله قادري، ميان عيسو وغيره جي صحتمند روايتن کي بہ تمثيل طور استعمال ڪيو آهي.

شاھ صاحب هڪ سيلاني فقير هو. هُن جيڪي ڪجھ پنهنجي ڪلام ۾ چيو آهي، اهو، انهن جاين هنڌن ۽ ماڳن بابت آهي، جتي هو پاڻ ويو هو. شاھ صاحب مختلف خطن جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، انهن جي رسم ۽ رواج، ميل جول، ٻولي ۽ اتان جي ئي منظرن کي پنهنجي ڪلام جي روپ ۾ سموهي، تاريخ جو حصو بنايو آهي. اهوئي سبب آهي، جو شاھ صاحب جڏهن مڪران ڏي مُنهن ڪيو تہ اتان جي ماڻهن سان مليو ۽ هنن جي ريتن ۽ روايتن کان واقف ٿيو، جن کي هن پنهنجي ڪلام ۾ قلمبند ڪيو.

قديم سنڌ جون سرحدون، گهڻو پري تائين پکڙيل هيون، انڪري هتان جي ماڻهن جي هڪٻئي سان لڳ لاڳاپي، رهڻي ڪهڻي ۽ رسم ۽ رواج کان سواءِ، ٻوليءَ ۾ پر پاسي جي لهجن جا عنصر نظر اچن ٿا، جن کي شاھ صاحب پڻ قبول ڪيو آهي. شاھ صاحب جڏهن راجپوتانا، ڪوهستان ۽ ٿر جي علائقن جا سير ڪري ٿو تہ هندي لفظ ۽ محاورا پاڻ سان گڏ کڻي اچي ٿو ۽ جڏهن وري اتر سنڌ جا ماڳ ۽ مڪان پسي ٿو تہ اتان جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ لهجي کان متاثر ٿئي ٿو، جنهن جو ذڪر سُر ڏهر ۾ ملي ٿو ۽ ان ئي سُر ۾ اترادي لهجي سان گڏ سرائڪي ٻوليءَ جا لفظ بہ جام ملن ٿا.

مٿين مختصر بحث مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاھ صاحب هڪ باقاعده عالم، جهانديده ماڻهو ۽ حساس دل انسان هو، جو هُو، جتي بہ ويو، اتان جي نہ صرف ريتن رسمن کي پنهنجي قلم ذريعي محفوظ ڪيائين، پر اتان جي لب-لهجي کي بہ اهڙي طرح چٽيائين، جو اهو ڪلام ان ماڳ مڪان جي تاريخ جو ترجمان نظر اچي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيٺ اسين شاهه صاحب جي ڪلام تي مختلف ٻولين جي اثرن ڪي مثالن سان واضع ڪيون ٿا.

## شاهه جي ڪلام تي عربيءَ جو اثر

شاهه صاحب اصل نسل، توڙي عقيدي جي لحاظ کان هڪ صوفي منش مسلمان، خدا شناس، خدا ترس ۽ بي ريا انسان هو، کيس ڪلام پاڪ جون آيتون ۽ حديثون ياد هونديون هيون، جن کي هُن موزون جاين تي بامقصد نموني سان استعمال ڪيو آهي. هڪ هنڌ پنهنجي سنڌي بيتن کي بہ آيتن جو اظهار ڪوني ٿو. فرمائي ٿو تہ:

"جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي."

شاهه صاحب جي ڪلام تي ڌارين ٻولين جي اثر بابت ديوان ليلا رام وطڻ مل لالواڻي هڪ ڪتاب "شاهه جي زندگي، مذهب ۽ شاعري (The Life, Religion and Poetry of Shah Abdul Latif) تن جلدن ۾ لکيو آهي، جنهن جي هڪ باب ۾ هن رسالي ۾ آيل قرآني آيتن، حديثن، عربي مقولن ۽ لفظن جو ترجمو ۽ سمجهاڻي، انگريزيءَ ۾ ڏني آهي. هڪ تخميني موجب اهڙن مثالن جو ڳاڻيٽو ١١٣آهي. جن مان ڪي هڪ کان وڌيڪ ڀيرا پڻ آيل آهن.

سڀ کان وڌيڪ آيتون سرڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ ۾ آيل آهن ۽ سڀ کان وڌيڪ حديثون سر سسئي آبري، معذوري، آسا ۽ سورٺ ۾ ملن ٿيون، جڏهن تہ عربي مقولا ۽ چوٽيون ٻين سُرن جي ڀيٽ ۾ سسئي آبري، مارئي، سهڻي ۽ ديسي سُرن ۾ ڪجهه گهٽي تعداد ۾ استعمال ٿيل آهن. ان کان سواءِ عربي لفظ جن مان ڪافي اڄ ڪلهہ سنڌي ٻوليءَ جو حصو بنجي چڪا آهن، سي تجنيس حرفي، معنيٰ توڙي رديف جي لحاظ کان ڪثرت سان استعمال ٿيل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## قرآني آيتون

(١) "وَحدہٗ لاشريڪ لہ، ايءُ هيڪڙائيءِ حقُ،
ٻيائيءَ کي ٻڪُ، جن وڏو سي ورسيا.
(سُر ڪلياڻ)

(٢) اسين سِڪـهُون جن کي، اسين ٻڻ سيئي،
"لَمر يَلدِ ولَمر يُولَد"، اوڏانهن وڃ ٻيهي،
تِهان منجهيئي، پارِڪَ پرکِج حِق کي.
(سُر آسا)

(٣) چڏ جا ڳوتا جوڳئين، دُونهين ڪامَ دُکاءِ،
"وَاذڪُر رَبڪَ فِي نفسِڪَ،" اندر آڳ جلاءِ،
جن سڄڻ سين ساڃاءِ، تن ڪِينا مِنو ڪِي نہ ٻيو.
(سُر رامڪلي)

(۴) تو جنين جي تاتِ، تن پُڻ آهي تنهنجي،
"فَا ذڪرونِي، اَزڪُرڪُمر،" اي پروڙج باتِ،
هَٿِ ڪاتِي ڳُڙ واتِ، پُڇَنُ پرِ پرين جي.
(سُر ڪلياڻ)

(٥) سوئي راه رد ڪري، سوئي رهنما،
"وَ تُعِزُ مَن تَشاءُ، وَ تُذل مَن تَشاءُ،
(سُر ڪلياڻ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حديثون

(١) ڪَنين ڪَنين ماڙُ هئين، پيئي ڪَل ڪائِي،
رسيا جي رمز ڪي، تن پارَسِي پائي،
"اَلاِنسانُ سِرِي وَآنا سِره،" ورتي اِيءَ وائِي،
راڄا، راڱائي، هَر دوئِي هيڪُ ٿيا.
(سُر سورٺ)

(٢) نر تي تَندُ نياز سين، ٻُرائِي ٻيجَل،
"آنا اَحمَدُ بِلا مِيمِ"، سَين هَنئي سائِلَ،
ڪنهن ڪنهن پئي ڪَل، تہ هَر دوئي هيڪ ٿيا.
(سُر سورٺ)

(٣) عاشقَ شَهرَ فقيرَ، دَرد رهڻ سَين،
"من عَرفَ اللهَ ڪل لِسانه،" اهڙائي امينَ،
جِتي پَسَنِ ڪينَ، تِتي ڪَرين تڪيو.
(سر رامڪلي)

## عربي چوڻيون

(١) مونا طُور سينا، سَندا سنا سَينِ،
"طالبُ المولىٰ مُذڪر،" اِيءُ ڪلام ڪيائون ڪَنِ،
الف آ ديسَينِ، چوري رکيو چِتَ ۾.
(سُر رامڪلي)

(٢) ڪُتو ڪُر تي هڏيون، جوان مرد جگر کاءِ،
"اَلدُنيا جِفة وَطُلا بها ڪِلابُ،" اِيءُ هنئين سين لاءِ.
(سُر معزوري)

(٣) جاڻي سيجاڻي، وِهان ڪيئن ماٺ ڪري،
اندر آڳ عشق جي، اُڀر اُڏاڻي،
"العِشقُ نار اللهِ المُوقَدہ،" ڪوري جيئن ڪاٺي،
آهي آرياڻي، هيو سرتيون سڄي ڪين ڪِي.
(سُر آبري)

(٤) قافئون ڪاهينداسِ، موتان تان ڪر مِهڻون،
"اَلفِراق اَشد مِن المُوتِ،" هتي نہ هونداس،
آه نہ لاهينداس، جيئري جَتُ ڏسي مران.
(سُر سسئي آبري)

## شاھ جي ڪلام تي فارسيءَ جو اثر

شاھ جي ڪلام پڙهڻ سان ان ۾ فارسيءَ جو رنگ بہ نمايان نظر اچي ٿو. اهو انڪري تہ ان وقت سنڌ پرڳڻي ۾ رائج تعليمي زبان فارسي هئي. مدرسن ۽ مڪتبن ۾ فارسي شاعرن جهڙوڪ: سعدي، جامي، رومي ۽ حافظ جا ڪتاب پڙهايا ويندا هئا، جنهن سبب پڙهيل طبقي تائين تصوف جو وحدت الوجود وارو نظريو پهتو. ان کان اڳ اهو نظريو صوفين ۽ ويدانتي شاعرن عام ماڻهن تائين پئي پهچايو.

سنڌ ۾ فارسي تعليم رائج هئڻ ڪري، سنڌ جي ڪجھ شاعرن فارسي ٻوليءَ ۾ بہ طبع آزمائي ڪئي ۽ ائين ان جي مقبوليت جو چرچو وڌندو ويو. اهو اثر شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ تي بہ پيو. پر جيئن تہ شاھ صاحب هڪ وطن دوست شاعر هو، کيس پنهنجي مادري ٻوليءَ سان والهانہ لڳاءُ هو، تنهن ڪري هن سنڌي محاورا، ڏيهي بناوتون، استعارا، ترڪيبون ۽ لطيف تشبيهون ڪم آڻي، پنهنجي بيتن کي ڏيهي رنگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڍنگ ۽ روايتن ۾ نهايت ئي سنجيده ۽ سادي نموني پيش ڪيو آهي.

ان ڪان سواءِ هن ڪتي ڪتي فارسي محاورن ۽ چوٽين سان گڏ فارسيءَ جا لفظ پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيا آهن ، جيڪي تجنيس خطي، معنيٰ توڙي ردم (Rthym)جي لحاظ کان ضروري سمجهيا. هتي هيءَ ڳالهه ڌيان جوڳي آهي ته شاهه صاحب سنڌ ۾ رائج فارسي زبان کي سخت لفظن ۾ ننديندي، حاڪماڻي روش جي مخالفت ڪئي، ڇاڪاڻ ته کيس خبر هئي ته فارسي صرف هڪ ٻولي ئي نه پر جابر سلطنت جي علامت سان گڏ مڪاني ماڻهن تي نفسياتي ڌاڪي جو مؤثر ذريعو پڻ هئي، انڪري واضح لفظن ۾ چيائين ته:

”جي تون فارسي سکيو، گولو تان غلامُ،

ايجو تان آبُ گھري، بکيو تان طعامُ،

عامن سندو عامر، خاصن منجهان ڪين ٿئي.“

جيئن ته اڳ ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون ته شاهه صاحب، مولانا روميءَ جي مثنوي پاڻ سان ساڻ کڻندو هو. يقينن ان جو گهرو مطالعو ڪيو هوندائين ۽ ان کان متاثر ٿيڻ به لازمي امر آهي. انڪري شاهه صاحب جي ڪلام ۾ روميءَ جي شعرن جو اثر چٽيءَ ريت نظر اچي ٿو. جيڪو شعر جي مرڪزي خيال، فڪري ۽ معنوي توڙي تمثيلي انداز ۾ ملي ٿو. ان لاءِ مرزا قليچ بيگ لکيو آهي ته:

”اگر چه شاهه صاحب پارسي بحر مان واقف هو ۽ پارسي بحروزن جي خبر پئي سگهيس ٿي، ته به هُن نئون پارسي طرز پسند نه ڪيو ۽ نه پارسي لفظ استعمال ڪيا. پراڻو ڌُهرن وارو طرز وٺي آيو. انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته سندس ڪلام تي جلا الدين روميءَ جي مثنوي جو گهرو اثر پيل هو، خصوصن شعر جي مضمون تي. انهي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ رسالي چوڻ جو شوق پيدا ٿيس ۽ انجو مضمون به ڪم آندائين“ (١)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ جي ڪلام ۾ ڪتب آيل فارسي جملا هيٺين ريت آهن

گهٽن ۽ گهٽڪن، وٽيون پئِنِ وِهَ گاڏيون،
"بر خيز بده ساقي،" پيار ڪي پرين،
پِڪين نہ پَرچنِ، مَٽ تڪيائون منجهيان.

▲

ڪانگل قاصد پرين ۽ جا اڳڻ آيو ٽـل،
"بيائيد، بنشنيد"، محب مونکي مل،
"زاغ گفت فهميد مَ" خوشحال ويٺو ڪل،
غراب نہ غافل، جنهن طعنا ٽنڪا لائيا.

▲

سر در قدم يار فدا شُد چہ بجا شُد

▲

منزل دُور و مَن تَنها

هيٺ رسالي ۾ آيل فارسي لفظ ۽ انهن جي معنيٰ ڏجي ٿي.

ارزان = سستو

ازرق فام = آسماني رنگ وانگر

اسير = قيدي

افروُد = گهڻو

آگاهہ = خبردار

آلايش = مٽي، دز

اَندام = جسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندوه = درد، ڏک

باده = شراب، ميءِ

بازنده = کيڏاڙي

باڪ = ڀَوءُ، ڊپ

بُوده = بقا، وجود

بي باڪ = بي ڀوءُ، بي ڊپو

بي خود = مدهوش، سرشار

پرور = پاليندڙ

پَندِ = صلاح

بيزار = جُتي

رنجور = ڏکائتو، غمگين

زاغ = ڪانءُ

شيدا = مشتاق

فردا = سڀاڻي

ڪلال = ڪنيار

گوناگون = بيشمار

ماه = مهينو، چنڊ

نابود = فاني، نيست،

ناوڪ = تير

هر زمان = هر وقت

اهو اڳ ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون تہ شاه ڀٽائيءَ جي ڪلام تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فڪري، معنوي توڙي تمثيلي انداز ۾ روميءَ جي خيال، فڪر ۽ فهم جو گهرو اثر آهي. اهوئي سبب آهي جو هن پنهنجي رسالي ۾ سندس ناليءَ سان گڏ انجي فڪري پهلوئن کي اجاگر ڪيو آهي.(٢)

(i) طالب ڪَٿر، سونهن سَر، اندر رُوميءَ راءِ،

مارُهُوءِ ات ڪياءِ، مَندُ نہ پَسين منديو!

(ii) طالب ڪٿر، سُونهَن سَر، ايءَ روميءَ جي رُوءِ،

جنين ڏٺي جوءِ، تنين ڪُڇيو ڪينَ ڪي.

(iii) طالبَ ڪَٿر، سونهن سر، اي روميءَ چيو آهي.

تاڙي جي لاهي، تہ منجهين مشاهدو ٿئي.

(iv) طالب ڪَٿر، سُونهَن سَر، اي رُوميءَ جي رهاڻ،

پهرين ويڃائڻ پاڻ، پسڻ پوءِ پرينءَ کي.

(v) طالب ڪَٿر، سُونهَن سَر، اي رُوميءَ جي راحت،

جنين ڏٺي ست، تنين ڪڇيو ڪينڪي.

(vi) طالب ڪَٿر، سُونهَن سَر، اي روميءَ جي اوطاق،

جي پڇي در فراق، تہ منجهين مشاهدو ٿئي.

مٿين بيتن کان سواءِ شاهہ جي ڪجھ بيتن کي جڏهن پيشيو وڃي ٿو تہ انهن مان ڪي بيت تہ بلڪل هڪبئي جو ترجمو ٿا لڳن ۽ ڪي وري فڪري ۽ معنوي لحاظ کان هڪ جهڙائي ڏيکارين ٿا.

جهڙوڪ: شاهہ لطيف هڪ هنڌ چيو آهي:

پڙاڏو سو سڏ، ورائيءَ جو جي لهين،

هنا اُڳهين گڏ، پر ٻڌڻ ۾ ٻہ ٿيا.

ان موضوع تي مولانا جلال الدين روميءَ جو شعر آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آن نداکہ اصل هر بانگ و نواست،

خود نِدا آنست واين باقي صدا است.

ترجمو: سڏ، جيڪو هر آواز ۽ پڙاڏي جو اصل آهي، سو سڏ آهي. باقي پڙاڏو آهي.

شاهه صاحب ٿو چوي:

مونکي مون پرين پڌي وڏو ڀار ۾،

اُيا اين ۽ چون، مڇڻ پانڌ پسائين.

فارسيءَ واري چيو آهي:

درميان قعر دريا تختہ بندم کرده اي،

بازمي گوئي کہ دامن تر مکن هشيار باش.

ترجمو: مونکي ڪٺي درياءَ جي تري ۾ وڌو اٿئي. مٿان ٿو چوين تہ سنڀال، پانڌ نہ پسائج.

ٻئي هنڌ شاهه صاحب ٿو چوي:

احد احمد پاڻ ۾، ويحان ميم فرق،

آهي مستغرق، عالم انهيءَ ڳاله ۾.

فارسيءَ جي شاعر محمود چيو آهي:

ز احمد تا احد يک ميم فرق است،

جهاني اندر آن يک ميم فرق غرق است.

ترجمو: احمد کان احد تائين هڪ 'م' جو فرق آهي. جهان انهيءَ 'م' ۾ غرق آهي.

شاهه صاحب جو مشهور شعر آهي:

اکين ۾ تي ويهه، تہ آئون واري ڍڪيان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي ڏسي نہ ڏيھ، آئون نہ پسان ڪي ھيو.

فارسي وارو چوي ٿو:

بيا بنشين بچشم من کہ از خلقت نهان دارم،

نہ بيند کس ترا، چيزي دگر جز تو نبينم من.

ترجمو: اچ، منھنجي اکين ۾ ٿي ويھ تہ توکي خلق کان لڪايان، جيئن توکي ڪوئي نہ ڏسي سگھي ۽ تو بنان مان ڪا شيءِ نہ پسان.

شاھ سائين پنھنجن بيتن لاءِ چوي ٿو تہ:

جي تو بيت ڀانيا، سي آيتون آهين،

نيو مَن لائين، پريان سندي پار ڏي.

اهڙي ريت مولانا رومي وري پنھنجي ڪلام لاءِ چوي ٿو تہ:

مثنوي و مولوي و معنوي،

هست قرآن در زبان پهلوي.

## هنديءَ جو اثر

اهو سياويڪ آهي تہ سُڄاڻ شاعر پنھنجي دؤر ۽ ان کان اڳ جي سُچيت شاعرن کان متاثر ٿئي. مختلف شاعرن جي ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ انھن پاڻ کان اڳ جي شاعرن جي نہ صرف فني سٽا اختيار ڪئي آهي، پر فڪري لحاظ کان بہ پوئلڳي ڪئي آهي.

شاھ صاحب جيئن تہ ڏيھ ڏٺا هئا ۽ سنڌ هند جي ڪلاسڪي شاعريءَ مان چڱي طرح واقف هيو، انڪري هن پاڻ کان اڳ جي ڏاهن شاعرن جي فني توڙي فڪري لحاظ کان تقليد ڪئي آهي. اِهو ڪو عيب نہ آهي، پر ان مان شاھ صاحب جي علمي بصيرت جي سُڌ پئي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه صاحب کي هندي شاعري مان ڪلاسيڪي ورثي ۾ ڀڳت ڪبير، ڀڳت نانڪ، ميران ٻائي ۽ سورداس جا دوها مليا، جن ۾ ويدانيت جا نازڪ نُڪتا سمجهايل هئا. شاهه صاحب نه صرف اُهي پنهنجي ڪلام ۾ آندا، پر ٻولي ۽ لفظي سِٽا به ساڳي رکي آهي.

مثال:

ڪبير: ڪبير سيپ سمندر ڪي، کارا جل نهين لي،
پاني پيوي سوانت ڪا، سوڀا ساگر دي.

شاهه: سپ سمندين سهجي، نديءَ پئي نه نير،
جئن هڙ آبر آسري، تئن مون من ملير.

ڪبير: ڪمودني جلهر بسيءِ، چندا بسئه آڪاس،
جو جاهي ڪا ڀاوتا، سو تاهي ڪي پاس.

شاهه: ڪونر ڀاڙون پاتار ۾ ڀونر ڀري آڪاس،
پنهين سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس،
تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.

ڪبير: ڪبير گڻ ڪي بادلي تيتر باني ڇانه،
باهر رهي تي اُوبري، ڀيگي مندر مانه.

شاهه: جيئن سي ڪڪر اپ ۾ تيئن آگميون آهن،
جهڙ ڦڙ نه لاهين، وسن سانوڻ مينهن جيئن.

ميران: ڪاڍ ڪليجو مئن ڌرون، ڪڙوا تولي جاءِ،
جيان ديسان مها روپڙ بسي، وه ديکيءِ توکاءِ.

شاهه: ڪڍي ڪانگا، تو ڏيان، هنئون ساڻ هئن،
ويچي ڪاءُ ولايت ۾، اکيان عجيبن.

## بلوچيءَ جو اثر:

تاريخي طور بلوچستان سان، سنڌ جا سُٺا لاڳاپا رهيا آهن . قديمي طور بلوچ اُوکي ويل اسان جي ڪم آيا آهن. ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌي فوج ۾ ٦٠-٧٠ سيڪڙو سپاهي ۽ ڪمانڊر بلوچ هوندا هئا. ان ڪان علاوه اڄ بہ سنڌ جي آباديءَ ۾ ٣٠ سيڪڙو بلوچ قبيلا اچي وڃن ٿا. جيڪي هينئر سنڌي قوم جا اڻوٽ حصو آهن .

شاه صاحب بلوچستان جي ڪيترن ئي حصن جو سفر ڪيو، جن ۾ خاص طرح لاهوت لا مڪان، پب ۽ هالار جبل، لس ٻيلو (جيڪو ان وقت سنڌ جو علائقو هو.) قلات جا ڪجھ ڀاڱا وغيره. ان ڪان علاوه شاه صاحب سسئي جي ڪردار، جرئت، همت ۽ مسلسل جدوجهد کي تمام گهڻي اهميت ڏني آهي. هن پنهنجين پنجن هيروئن جي پيٽ ۾، سسئي بابت پنج سر چيا آهن . سسئي جو محبوب پنهون ڪيچ مڪران جو رهاڪو هو، سندس جي مادري زبان بلوچي هئي. ان ڪري شاه صاحب ڪيترن ئي هنڌن تي بلوچي زبان جا مثال، لفظ ۽ محاوره ڪتب آندا آهن (١). انهن مان ڪجھ هيٺ ڏجن ٿا:

بڙو ڦازا باتِ جن جي ٿانگو روان شيشي.

ڏين پارسيون پاڻ ۾ آيزآبليشي.

پنهون پرويشي ڪَڄ پياديءَ جي پنڌ ۾.

(سُر ديسي- فصل ٧،ٿرمپ)

٢- بَرو بگيرد بامَ بَليخا ڪامَ پروڙي مامَ.

٣- جيڪر روان روش مروشي محبوب ڏي.

٤- منان گُشي مولِد ئي.

٥- ٿوءَ گوکي مَني گوش (٤)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سرائڪي / پنجابي جو اثر:

اگ ۾ بہ ذڪر ڪري آيا آهيون تہ قديم سنڌ جون سرحدون ملتان گهڻو پکڙيل هيون. بهاولپور تہ ڪلهوڙن جي دور تائين سنڌ جي انتظام هيٺ هئي. ان کان علاوه پنجاب جي طرز معاشرت بہ سنڌ وانگر آهي. اُپائڻ جا ذريعا ۽ طريقا ساڳيا آهن. ٻنهين علائقن جي لوڪ داستانن ۾ ڪافي هڪجهڙايون آهن. مارئي، سهڻي، سسئي، ميهار وغيره جا قصا تہ اڄ بہ پنجاب ۾ مشهور آهن. ان کان علاوه سرائڪي هڪ اهڙي ٻولي رهي آهي، جنهن جا پنجاب ۽ سنڌ سان هڪ ئي وقت گهاٽا لاڳاپا رهيا آهن . بلي شاه، فريد بابا، سلطان باهو جي شاعريءَ جو رنگ ڍنگ بلڪل سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جهڙو رهيو آهي.

بابا فريد چئي ٿو:

سرورَ پنکي هيڪڙو ڦاهيوال پچاس،
اِه تن لهري گڊ ٿيا، سچي تيري آس.

شاه لطيف:

سر ۾ پکي ديڪڙو، پاڙهيري پنجاه،
سنڌي آس الله، لڏي لهرن وچ ۾.

بابا فريد:

فريدا ! جهنگل جهنگ ڪيا ڀَوهِ ون ڪنڊا موڙيه،
وسي رب هيا ليئہ، جهنگل ڪيا ڍونڊيه.

شاه لطيف و

ڇنين چو وٺڪار، هٿ نہ ڳولين هوت کي،
لڪو ڪين لطيف چئي ٻاروچو ٻي ٻار،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نائي نينڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.

سلطان باهو:

تيري جهي چن ڪئہ سئہ چڙهدي،

سانون سنجنا ٻا جهہ، هنير هو.

شاهہ صاحب:

سهسين سِجن اُيري، چوراسي چنڊن،

با الله ريءَ پرين، سڀ اونداهي ڀائيان.

بلاشاهہ:

علمہ نہ اوي بج شمار،

ايڪي الف تيري درڪا.

شاهہ صاحب:

اکر پڙهہ الف جو ٻيا ورق سڀ وسار،

اندرتون اجار پنا پڙهندين ڪيترا.

ان کان سواءِ شاهہ صاحب جيڪي سرائڪي لفظ ۽ محاوره استعمال ڪيا آهن، انهن مان ڪي چند، مثال خاطر هيٺ ڏجن ٿا:

(١) ڍول مَ ڪٽي ٻانهڙي، پرهہ مَ ڪٽي پاند،

آئون پانهنجو ڪانڌ، لوڪان لڪي رانئيان.

سرائڪي لفظ

لوڪان-پانهنجو-

(٢) چنل چچ هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏارا،

پورهي خاطر پانهنجي اُٿين سوارا،

اوڏ بہ ويچارا، لاڪا ! ويحن لڏيو.

سرائڪي لفظ

ڪوڏارا- پانهنجي- سوارا-

(٣) ڪيڏانهن ويا سنگهار، جي هنا هنين پيٽين

سرائڪي لفظ

ڪيڏانهن- هنين

(٤) آءَ ڪانگا ٻہ ڪولِ، سڏيون ڏي سائيہ جون،

جي آندءِ عجيبن جا، سي خط خوشيءَ مان ڪول،

آءَ سُٽان تون ٻول، سنيهو سڄڻ جو.

سرائڪي لفظ

ڪانگا- ٻہ - ڪول- سٽان- ٻول.

## حوالا

(١) عباسي تنوير، شاهہ لطيف جي شاعري- جلد-٢ نيو فيلڊس پبلڪيشنس، حيدرآباد ص٣٨.

(٢) قاضي، آءِ- آءِ علامہ، شاهہ جو رسالو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ١٩٦١سُر ٻن ڪليان، داستان-٥، ص، ٤٢-٤٤

(٣) ياوناڻي جهمٽ مل خوبچند، پروفيسر- ڍولا مارو- هندستان ساهيتہ مالا بمبئي ١٩٥٦ع

(٤) لالواڻي ليلا رامہ وطن مل 'شاهہ لطيف جي حياتي، مذهب ۽ شاعري' (انگريزي) انڊس ڪتاب گهر ڪراچي ١٩٨٥ع ص ص، ٩٠-٩٥.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# YOU WOULD LIKE TO HAVE FOR YOUR LIBRARY

| | | |
|---|---|---|
| **Shah Abdul Latif of Bhit** | *by* | *H.T. Sorley* |
| **Shah Latif, his life, times & poetry** | *by* | *Vattanmal Lalvani* |
| **Shah Karim** | *by* | *Motilal Jotwani* |
| **The British in the Sub-Continent** | *by* | *Sayid Ghulam Mustafa Shah* |
| **Legacy of Britain** | *by* | *Sayid Ghulam Mustafa Shah* |
| **Aboriginal Tribes of India & Pakistan** | *by* | *Hawabai Mustafa Shah* |
| **Shah ji Boli (in Sindhi)** | *by* | *Aftab Abro* |
| **Foreign Influences in Indo–Pakistan** | *by* | *R.A. Jairazbhoy (under print)* |

SINDHI KITAB GHAR
D–16, KDA Scheme No. 1
Karachi. Ph: 432189

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## YOU WOULD LIKE TO HAVE FOR YOUR LIBRARY

| | | |
|---|---|---|
| Shah Abdul Latif of Bhit | *by* | *H.T. Sorley* |
| Shah Latif, his life, times & poetry | *by* | *Vattanmal Lalvani* |
| Shah Karim | *by* | *Motilal Jotwani* |
| The British in the Sub-Continent | *by* | *Sayid Ghulam Mustafa Shah* |
| Legacy of Britain | *by* | *Sayid Ghulam Mustafa Shah* |
| Aboriginal Tribes of India & Pakistan | *by* | *Hawabai Mustafa Shah* |
| Shah ji Boli (in Sindhi) | *by* | *Aftab Abro* |
| Foreign Influences in Indo–Pakistan | *by* | *R.A. Jairazbhoy (under print)* |

SINDHI KITAB GHAR
D–16, KDA Scheme No. 1
Karachi. Ph: 432189


**www.sindhsalamat.com** **books.sindhsalamat.com**

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book